
احساس نگر
ڪهاڻيون
مرتب
احسان آڪاش
آڪاش

# احساس نگر

ڪهاڻيون

مرتب

## احسان آڪاش

احساس پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب جا حق ۽ واسطہ اداري وٽ محفوظ آهن

Book No: 09

# احساس نگر

(ڪهاڻيون)

احسان آڪاش

چاپو پهريون: 2019ع
ڪمپوزنگ اينڊ ٽائيٽل: حسنين رضا
احساس پبليڪيشن- حيدرآباد (03413687110)

قيمت: 200 روپيہ

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com

---

**Ehsaas Nagar**

Stories

**Ehsaan Aakash**

1st Edition 2019

**Haxnain Raza**

Ehsaas Publication

Hyderabad

**03413687110**

# ارپنا

ڪتاب ۾ شامل ڪھاڻيڪارن جي نانءُ ...!!!

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران إحساس پبليڪيشن جي سرواڻ احسان آڪاش جي سهيڙيل چونڊ ڪهاڻيڪارن جي چونڊ ڪهاڻين جو مجموعو ”احساس نگر“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيو.

احساس نگر جون هي ڪهاڻيون نه صرف نئين دور جون ڪهاڻيون آهن پر ڪهاڻي جي صنف کي سينگاري بيٺيون آهن. هي ڪهاڻيون اسان جي معاشري ۽ ان جي پس منظر ۾ لکيون ويون آهن. هن مجموعي ۾ سنڌ جي سينيئر ۽ جونيئر چونڊ ڪهاڻيڪارن جون چونڊ ڪهاڻيون شامل ڪيل آهن، جن ۾ سليم چنا، ڊاڪٽر مقبول ميمڻ مارو، اقبال بلوچ، عين سحر، زاهده ابڙو، نور حسين ڪلوڙ، هدايت قريشي، مجيب اوٺو، يوسف جميل لغاري ۽ طالب پنيرو شامل آهن.

هي ڪتاب **احساس پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري احسان آڪاش جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## اداري طرفان

**اڄ** جڏهن انٽرنيٽ جي دنيا ۾ اسان جو سماج ۽ ادب ساهه کڻي رهيو آهي. اتي لکڻ لاءِ ڪهاڻيڪارن کي پڻ نوان نوان موضوع ملي رهيا آهن. ۽ انٽرنيٽ هر روز الائي ڪيترين ڪهاڻين کي جنم ڏئي ٿي....!؟

عرساڻي صاحب لکي ٿو تہ: “قديم افساني جون ڪيتريون ئي جدا جدا صنفون رائج هيون. سيني کان پراڻي صنف يعني آکاڻي جنهن ۾ هڪ فرضي خيال يا قصو بيان ٿيل هوندو آهي. ٻئي قسم ۾ Parables آهن. جن کي “تمثيلي قصو” چوڻ مناسب ٿيندو. ان ۾ ظاهري قصي لاءِ الڳ پوشيده معني بہ رکيل هوندي هئي. ٽيون قسم Fableهو. جيڪو حقيقت ۾ Tale ۽ Parableجو مرڪب سمجهيو وڃي ٿو. ان ۾ پکين ۽ جانورن جو ن ڳالهيون آهن. افساني جو چوٿون معروف قسم Romance هو. جنهن کي “رومانوي قصا يا داستان” چئجي ٿو. جنهن ۾ عشق ۽ محبت جا قصا بيان ڪيل آهن (آزادي کانپوءِ سنڌي افسانوي جي اوسر)

ڪنهن بہ ڪهاڻيڪار کي ٻئي ڪنهن ڪهاڻيڪار سان پيٽ نہ ڏيڻ گهرجي ڇو تہ هر ڪنهن جو پنهنجو هڪ الڳ Diction آهي. هر ڪو پنهنجي انداز ۾ سوچي ٿو، محسوس ڪري ٿو، مشاهدو ڪري ٿو ۽ لکي ٿو. ان قسم جون ڳالهيون ۽ بحث اڪثر پنهنجي اهميت وڃائي ويهندا آهن.

هي هڪ جامع مجموعو آهي، جنهن ۾ ڪهاڻي جي دنيا جي سينيئر ڪهاڻيڪارن سان گڏ جديد ٿهيءَ جي ڪهاڻيڪارن جون پڻ ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون آهن. جيڪو هڪ سنو عمل آهي. ان سان انهن دوستن کي هڪ اتساهه ملندو. هن ڪتاب ۾ ڪُل 10 ڪهاڻيڪار شامل آهن.

احساس پبليڪيشن حيدرآباد جي سمورن مقصدن مان هڪ مقصد سنڌي ٻولي جي واڌ ويجهه پڻ آهي. هن سال بہ ڪجهه اهڙا ڪتاب ڇاپيا آهن، جيڪي سنڌي ادب ۾ هڪ سنو واڌارو ڪندا. ڪهاڻي جي صنف سنڌي ٻولي ۾ گهڻو پڙهي ويندڙ صنف آهي. سو احسان آڪاش جي طرفان چونڊ ڪيل هي ڪهاڻين جو مجموعو پڻ پڙهندڙن کي پسند ايندو. موسمِ بهار ۾ چونڊ ڪهاڻيون اوهان جي سامهون حاضر آهن. پڙهي ڪري پنهنجي راءِ ضرور ڏيندا.

**احساس پبليڪيشن حيدرآباد**
balochahsan110@gmail.com
03413687110

# سُونهن سِتاءُ


**جوئي آهيان سوئي آهيان** (احسان آڪاش) ________ 08

**سليم چنا** ________ 11
سُونهن ۽ سرهاڻ ۾ قيد ٿيل صحافي
مٽي جا شيطان
سچي دوستي
زندگي ڪيئن نٿي بدلجي؟

**ڊاڪٽر مقبول ميمڻ مارو** ________ 28
افسوس اٿم
مذهب
اولاد جي خواهش
ارمان جو مقبرو
ابا الله خوش رکيئي!
عظيم ليڪ
شارٽ ڪٽ
لتر ۽ چڪر
منافع بخش ڪاروبار
قول ۽ فعل

**اقبال بلوچ** ________ 43
خواب اڌورو
نينهن نڀايا جوين تون

**عين سحر** ________ 54
ماءُ..!

**زاهده ابڙو** ________ 71
مهرو
مهانگائي
ساهيڙي

منفاقت

**نور حسين ڪلهوڙو** ________ 82
رام رام
مرچو
چنگل

**هدايت قريشي** ________ 93
گلاب جو گُل
پيرو ماڇي

**مجيب اوٺو** ________ 108
ماڇيءَ جو موت
ٽري ويل چانهه جو ڪوپ
سُڪي ويل گلاب جي خوشبو
سائي چادر جو ڏُک

**يوسف جميل لغاري** ________ 124
ڦِڪي چانهه
سينٽرل لائبريري
مس آڪسيجن
مرٽينگ ٿيل محبت
يقين جي سگهه

**طالب ڀنيرو** ________ 138
وطن بي وطن
انسانيت

# جوئي آهيان، سوئي آهيان !

**جنوري** جي سرد راتين ۾ منهنجو جنم خيرپور ناٿن شاهه جي اولهه طرف ڳوٺ چوٻار شريف ۾ هڪ عالِم دين مولوي غلام رضا حيدري جي گهر ۾ ٿيو. ناناڻن طرفان بابا وارن کي رهڻ لاءِ هڪ ڪمرو مليل هو. ڇو جو ڳوٺ ۾ بابا وارن جي جڳهه ۾ چاچا وارا رهندا هئا. سو بابا _ امان سان گڏ نانا وارن وٽ رهندا هئا. بنيادي طرح منهنجو گهراڻو مذهبي هيو. ڏاڏا سائين مولوي غلام قاسم گاڏهي عالِم دين هئا ۽ خيرپور ناٿن شاهه جي مرڪزي امام بارگاهه جو بنياد وجهڻ وارا ۽ سڀ کان پهريون مومن پڻ ڏاڏا سائين هئا. منهنجو بابا سائين پڻ ذاڪرِ اهلبيت هئا ۽ ايران و عراق جون زيارتون پڻ ڪري زوار ٿي آيا هئا. چاچا اسد رضا نعيمي جن پاڻ هڪ عالِم دين آهن.

ظاهري طرح منهنجي لاءِ به اهيو ئي رستو هيو، پر مون وٽ زماني، شين، ماحول، قدرت ۽ انسانيت کي پرکڻ وارو رُخ مذهبي هرگز نه هيو. اهيو به ناهي ته مذهب انسانن کي غلط رستو ٿو ڏيکاري پر مذهب منهنجي مزاج کي وڻڻي نه سگهيو ۽ نه ئي وري مان مذهب کي وڃڻي سگهيس. سو شروع کان منهنجو رستو ڪجهه ٻئي طرف هيو. شروعاتي تعليم جي حوالي سان پهريون ۽ ٻيون درجو پنهنجي ڳوٺ چوٻار شريف مان حاصل ڪيم. ان بعد خيرپور ناٿن شاهه شهر ۾ بابا وارا لڏي آيا. بابا سان گڏ چاچا سائين اسد رضا نعيمي صاحب به گڏ لڏي آيا هئا ۽ اسان سان گڏ رهندا هئا. ڳوٺ مان ته لڏي آياسين هاڻي اسانجي ٻروچڪي ٻولي پاڙيوارا ٻار نه سمجهن. مان ٻارن سان پنهنجي ٻروچڪي ۾ ڳالهايان ته هو وائڙا ٿي مون سان گڏ منهنجي پائرن کي به وينا ڏسن ۽ کلون ڪن. نه انهن ٻارن جي سنڌي ٻولي اسان سمجهون ، ۽ نه هو وري اسان جي ٻولي سمجهن. خير.... ان صورتحال کي محسوس ڪندي بابا سائين مون کي ٻيهر شروعات کان پڻي واري ڪلاس ، مين پرائمري اسڪول خيرپورناٿن شاهه ۾ داخل ڪرايو. ائين خير سان پڙهي 5 درجا پاس ڪيم ۽ پوءِ مئٽرڪ ، هاءِ اسڪول، ڪاليج تائين پنهنجي شهر خيرپور ناٿن شاهه ۾ پڙهيم. ۽ اڳتي پڙهڻ لاءِ يونيورسٽي ويم.

ننڍي هوندي کان ئي شاعراڻي حس اندر ۾ ئي پلجي رهي هئي. ڇو جو حساس ايترو جو پرائمري ۾ پڙهندي هڪ ضعيف شخص جيڪو اسڪول جي گيٽ تي روزانو ڇولا ڪٽي وڪڻندو هو. ان کي ڏسي منهنجي اکين مان بي اختيار لُڙڪ لڙي ايندا هئا. ۽ سوچيندو هيس ته : "ڪاش ! جيڪر مون وٽ ايترا پئسا هجن ته مان

هن ضعيف شخص کان سڀ چولا وٺي ڇڏيان ۽ هن کي وڏيڪ چولا وڪڻڻ ئي نہ ڏيان....!!!" اهيو هو پهريون ڏاڪو منهنجي اندر جي اديب کي جاڳائڻ جو....

مئگزين، رسالا، ڪتاب  پڙهڻ جو شوق حد کان وڌيڪ هيو سو هر مهيني پنهنجي خرچي مان باباوارن کان لڪي ڪري مئگزين ۽ رسالا خريد ڪندو هئم ۽ پڙهندو هئم. سن 1999ع کان لکڻ شروع ڪيم. ۽ 2000 کان باقائده خيرپور ناٿن شاهہ جي ادبي حلقي جنهن ۾ گلزار سيال، ذوالفقار گاڏهي، ساٿي محبوب زنگيجو، دليپ ڪمار اوڏ، شبير لغاري ۽ ٻين دوستن سان گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ لڳس. بنيادي طرح مان پنهنجي  ادبي سفر جي شروعات نثر سان ڪئي. سڀ کان پهرين سن 2002 ۾ منهنجي ڪهاڻي (ڪُليل اکين جا سپنا)  ڊاڪٽر ظفر  جي سرپرستي ۾ نڪرندڙ  هالار ڊائجسٽ جي آگسٽ واري شماري  ۾ شايع ٿي هئي. مون پنهنجي لکيل نثر واري اديب کي هي  گڏيل ڪهاڻين جو ڪتاب مرتب ڪري وري هڪ دفعو ٻيهر ظاهر ڪيو آهي.

2008 کان خيرپور ناٿن شاهہ کان ڪوٽڙي  لڏي آياسين. لڏي اچڻ کان پوءِ هتي ادبي حلقو نہ ملي سگهيو. جنهن ڪارڻ لکڻ ۽ پڙهڻ وارو رُجحان آهستي آهستي گهٽ ٿيندو ويو. پوءِ 2012 ۾ فيس بوڪ جي دنيا ۾ آءِ ڊي ٺاهي لاگ آن ڪيم. هتي تہ رنگ ئي ٻيا هئا. هڪ عجيب ۽ جڻ ٻي دنيا جا ماڻهو هئا. هتي مون کي جام سارا ادبي دوست مليا. ڪن سان روبرو ملاقاتون ٿيون. ڪن سان اڄ تائين ملاقات نہ ٿي سگهي آهي پر هڪٻئي جي نالن سان واقفيت ضرور رکون ٿا.

واٽس ائپ تي مون هڪ گروپ "بزمِ خانہ بدوش" جي نالي سان ٺاهيو. ۽ فيسبوڪ جي ادبي دوستن کي ان گروپ ۾ ايڊ ڪيوءِ ان گروپ جي  پليٽ فارم تان اسان سڀني کي هڪٻئي مان ڪافي ڄاڻ، محبت ۽ پيار مليو. وڏيڪ ادبي رهنمائي سائين خاڪي جاني ڪئي. ۽ ادبي دوستن سان چاهتون اجان بہ جاري آهن. محبتون قائم و دائم هجن!

مان ٿورائتو آهيان محترم حميد سنڌي جو جنهن پنهنجي تمام قيمتي ۽ مصروف وقت مان مون ادنيٰ جي لاءِ وقت ڪڍي ڪري هن ڪتاب جون ڪهاڻيون پڙهيون ۽ ڪتاب جي بئڪ ٽائيٽل لاءِ بہ لفظ لکي ڏنا. ڏٺي در دعاڳو آهيان تہ شال وڏي ڄمارءِ صحت ماڻي!

Being A Publisher هئڻ جي ناتي،  پبلشنگ جي دنيا ۾  منهنجي رهنمائي "ڪنول پبليڪيشن جي سرواڻ" پياري سعيد سومرو ڪئي. جن لاءِ مان سندس جو دل سان ٿورائتو آهيان. اجان بہ هن پرين پياري دوست جون محبتون، عنايتون جاري آهن. جن لاءِ مان سندس جو هميشہ مشڪور آهيان.

مان ٿورائتو آهيان سنڌي ادب جي ڪاهوڙي ڪردار، ليکڪ، اديب، شاعر، ڪهاڻيڪار سليم چنا جو جنهن جو پڻ هر دم مون سان ساٿ رهيو آهي.

مان پنهنجي جيون ساٿياڻي "سپنا گُل" جو پڻ مشڪور آهيان جنهن جو پيار، پاٻوهه، اُتساهه، ويساهه، محبتون، چاهتون، ايثار وقرباني جو ۽ هن جي بي لوث محبتن جو، جن جو ساٿ هر گهڙي مون سان رهيو آهي ۽ ڏٽي در دعاگو آهيان ته اڳتي به اهي محبتون سلامت رهن.

مان پنهنجي ٻارن حسينن بابا، ايلسا احسان، روميسا جو، جن جون مٺيون، پياريون ڳالهيون، مسڪراهٽون، شرارتون مون لاءِ هميشه اتساهه بخشيندڙ رهيون آهن. جن مون کي ٿڪڻ نه ڏنو آهي. ۽ آخر ۾ هن ڪتاب کي سهڻي رنگ و ڍنگ ۾ شايع ڪرڻ لاءِ شروع کان آخر تائين جي سيني مرحلن ۾ جن جن دوستن جو ساٿ رهيو انهن سيني جو ٿورائتو آهيان.

اوهان جي راءِ اسان جي لاءِ تمام قيمتي آهي، ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ پنهنجي قيمتي راءِ کان ضرور آگاهه ڪندا.

خير انديش

**احسان آڪاش**

گاڏي ڪاتو_ حيدرآباد

03413687110

## افسانہ نگار سليم چنا جون ڪهاڻيون



**سنڌي** ادب جي گونان گون صنفن تي طبع آزمائي ڪندڙ برجستو تخليقڪار سليم چنا جون هي نمائده ڪهاڻيون تحرير جو هڪ خوش نما امتزاج آهن. سليم کي سلوٽي ۽ ٺُڙ ٻولي، لهجي ۽ خاص طور تي وچولي سنڌي محاوري تي سٺي دسترس حاصل آهي. هن جا ڪردار گهڻو ڪري شهري بابو ۽ عام هينيئن ۽ مڊل ڪلاس سان تعلق رکن ٿا. اهي پيڙا، مايوسي، بيگانگي ۽ نراسائي ڀوڳين ٿا. جيڪا هن حساس ڪهاڻيڪار پنهنجي زندگي ۾ پسي ۽ محسوس ڪئي آهي. سليم هڪ حساس دل ۽ غير معمولي ذهين قلمڪار آهي ۽ هن جو گهرو مشاهدو صوفياڻو ۽ مزاج شاهاڻو آهي. چاڪاڻ ته شاهي ۽ تحمل مزاج وارا درگذر ۽ سهپ رکندڙ پُرش هوندا آهن. سندس ڪهاڻي "مٽي جا شيطان" ۾ انسانن جهڙا پر عملن ۾ وحشي خوني حيوانن کان گهڻو اڳتي وڌي خودڪش حملا آور بمبار ۽ دهشتگرد آخر هن ڌرتي تي مٽي مان ٺٽيل شيطان ڇو ٿي ويا آهن...!؟ ٻي ڪهاڻي "سچي دوستي" بہ Impression (تاثراتي نُوع) ۾ لکيل آهي. زندگي ڪيئن نٿي بدلجي؟ هڪ عام رواجي ڪلرڪ جي آتم ڪٿا آهي. ڪافي دلچسپ مختصر ڪهاڻي آهي. "سونهن ۽ سرهاڻ" ۾ قيد ٿيل صحافي هڪ روايتي جديد وڏيرڪي سماج جو شهري سماجياتي ڊرامو آهي. جنهن ۾ خود ساخته ۽ هٿ ٺوڪين ليڊر NGO طرز جي ڪردار واري من موهڻي وڏيريءَ، وڏيري سنڌن مظلوم ڪاري ٿيل نوڪراڻي جي ڌي جو انوکو قصو نيم جنسياتي ۽ نفسياتي رُخن سان هڪ ماهر قصاگو جي قلم مان نڪري قرطاس ابيض تي اچي ٿو. پر هاڻ انٽرنيٽ جي سنسار ۾ اهڙيون سنسني خيز لڳن ٿيون.

سليم چنا کي جس آهي تہ هو ڪامياب رهيو آهي. سندس هي ڪهاڻيون بہ يادگار وٿون آهن ۽ پراڻي ڪهاڻين جي مشق جو زنده جاويد تسلسل آهن. ڪهاڻين ۾ ڪهاڻيت آهي. ۽ سليم وٽ بيانيہ (Narration) ۽ منظرڪشي بہ شاندار آهي.

**گل محمد عمراڻي**

## سُونهن ۽ سُرهاڻ ۾ قيد ٽيل صحافي

**نئين** ماڊل جي ڪار کي اوچتو بريڪ لڳي، هن پنهنجا تيز رفتاري وارا قدم نه روڪيا، ۽ ساموهن کان ايندڙ ڪار کي نظرانداز ڪندو هيءُ فٽ پاٿ تي هلندو رهيو. پويان هِن کي سڏ ٿيو ته هِن ڪنڌ ورائي پويان ڏٺو، اڳتي وڌي وڃي بيٺل ڪار، ريورس گيئر هٽي موٽ ڪاڏي، ۽ هِن جي پرسان اچي بيٺي، جنهن کي هڪ الٽرا ماڊرن گريس فل ليڊي هلائي رهي هئي. ۽ هُن جو اڌڙوٽ عمر وارو وڏيرو مڙس اڳيان وينو هو.

مئڊم السّلام عليڪم.

و عليڪم السّلام.

سر سلام عليڪم ائين چئي ڪار جي لٿل شيشي مان هِن هٿ وڌائي ان وڏيري کي ڏنو، جنهن جو مُنهن پيلو ٿي ويو ته ڇو سندس نندي نيٽي زال هِن نوجوان کي ڏسي ڪار بيهاري آهي. بڊل دل سان وعليڪم سلام چيائين، جيڪو ويجهو هوندي به هن تمام هلڪو ٻڌو.

مئڊم چيو، ”اسان جي عورتن جي حقن واري تنظيم لاءِ به ڪو بيان وغيره ڪيندا ڪريو، اخبار جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ اسان جي سوشل تنظيم کي به ڪا جڳهه ڏيو.“

توهان حڪم ڪريو، توهان جي سياسي، سماجي ۽ عورتن واري تنظيم جا پريس رليز اخبار ۾ هلائڻ اسان جو فرض آهي، پر بيان ڏيڻ توهان جو ڪم آهي. توهان هينئر ڪيڏانهن پيا وڃو، ”گهر“. هلو مان توهان کي ڇڏي اچان، ائين چئي هو پوئين گيٽ جو لاڪ کولي ٿي چڏي.

”نه مئڊم مان واڪ ڪندو ويندس.“

”ايترو پري سو به رات جو سوا يارهين وڳي.“

نه مئڊم مهرباني! واڪ منهنجي روٽين آهي، پريس تان موٽي مان پنڌ ئي گهر ويندو آهيان.

پوءِ هلو ڀلا توهان کي ڪارنر تي آئسڪريم ڪارايون.

ڪار روڊ جي پاسي کان پارڪ ٿيل هئي ۽ ڊبل روڊ هُئڻ ڪري سامهون کان ايندڙ ڪجھ ڪارون تيز روشني ڇڏيندي هليون ٿي ويون.

انهن ڪارن جي روشني ۾ هِن ڏنو پئي تہ اڏڙوٽ وڏيرو سانڍي وانگر رنگ مٽائي رهيو هو، ۽ ٽانڊڻ وانگر سندس اکيون ٻري رهيون هيون، پر هو نندڙي نيٽي نوجوان خوبصورت ۽ گريجوئيٽ شهري گهر واريءَ آڏو بيوس هو.

هِن چتائي ڏٺو پئي ان ڀرپور جوانيءَ کي، جنهن جا ڳل ڏاڙهون جهڙا ڳاڙها ڳاڙها هُئا. ان جا چپ پڪل صوف جي قارن جهڙا هئا ۽ هُن جون اکيون، قلوپيٽرا جي ڪجلين اکين جهڙيون هُيون.

هِن جي دل ڏاڍي تيزيءَ سان ڌڙڪي رهي هئي، پر هن پاڻ کي ڪنٽرول ۾ رکيو، ڇو تہ صحافت جي حوالي سان، ان دلربا جو هي دلبر دوست هو.

هِن هڪ ڀيرو وري ان جي ٻانهُن ۾ ڏٺو، جيڪي ڏؤنرن تائين ٻي لباس هيون. گول گول گلابي ۽ لسين ٻانهُن تي ڪوبہ وار نہ هو- صفا ولائتي مئڊم لڳي پئي آهي، هِن دل ئي دل ۾ چيو پوءِ ساهہ جي رفتار کي ٿورو جهڪو ڪري چيائين مئڊم ڪابہ تڪليف نہ ڪريو، مان سڀاڻي صبح جو چانهہ جو ڪوپ اچي توهان وٽ پيئندس- توهان پريس رليزون لکي رکجو، اخبار ۾ مان ضرور هلرائيندس.

هُن ڪلي ڏٺو ۽ چيائين اِها لکڻ جي تڪليف تہ هميشہ جيان توهان کي سڀاڻي بہ ڪرڻي پوندي.

ان وقت هِن جون ٻئي ٻانهون اسٽيئرنگ تان مٿي ڪجيون ۽ سامهون واري آرسيءَ ۾ پنهنجا وار سيٽ ڪرڻ لڳيون ۽ هي هُن جا وارن ڪان بي نياز ڪجهہ ڏسڻ لڳو.

هُن وار ٺاهي ٻئي هٿ وري اسٽيئرنگ تي رکيا. ۽ سندس ٻانهُن ۾ پيل سونين چوڙين کي ڦيرائيندي چوڻ لڳي.

سڀاڻي صبح جو يارهين وڳي جي توهان نہ آيا تہ توهان تي ڏنڊ پوندو.

نہ مئڊم ضرور ايندس.

ها مون کي خبر آهي تہ توهان وعدي جا پڪا آهيو.

پوءِ اجازت- گاڏي اسٽارٽ ڪندي هُن چيو ۽ سندس مڙس جي مُنهن مان شڪراني جو شوڪارو نڪتو.

ها مئڊم خدا حافظ

چڱو خدا حافظ.

ڪار هلي وئي تہ هِن وري پنهنجو پنڌ ڇڪيو.

ٻئي ڏينهن يارنهن وڳي هي اُن حسينہ جي عاليشان بنگلي ۾ داخل ٿيو، در اُن دلربا ئي کوليو هو، نوجوان نوڪرياڻي سندس پر ۾ بيٺل هُئي.

”مون کي خبر هئي تہ توهان واعدي جا پڪا آهيو“.

ائين چوندي هُن جي چپن تي فاتحانہ مُرڪ اچي وئي هُئي.

هن به سندس مشڪندڙ چپن تي نظرون ڪپائي چيو.

”حسن جو حڪم ٽاري نه سگهبو

سچڻ جو سڏڻ وساري نه سگهبو“

هُن خوشيءَ ۾ ڀرپور ٽهڪ ڏنو ۽ ڊرائينگ روم ڏانهن هلڻ جو اشارو ڪندي چيائين.

توهان جي شاعري اڄڪلهه ادبي پرچن ۾ گهٽ پئي اچي.

بس صحافت مصروف ڪري ڇڏيو آهي، ڪرنٽ اشوز ڏاڍا ٿي پيا آهن.

مٿان وري توهان جا پوليٽڪل بيان به باهه ٻاريو ڇڏين، ٻئي ڄڻا ڊرائينگ روم پهچي آمهون سامهون صوفن تي ويهي رهيا.

اصل ۾ اسان جا برننگ اِشوز تي ئي بيان هوندا آهن، هُن خالص سياسي انداز ۾ جواب ڏيندي چيو.

ڊرائينگ روم اي سي جي ڪولنگ جي ڪري ٿڌو لڳو پيو هو، هِن جي پگهريل بدن کي اِها ڪولنگ ڏاڍو سڪون ڏئي رهي هُئي. نوجوان نوڪرياڻي ڊرائينگ روم ۾ ئي بيٺي هُئي، هِن جي نظر به ڪيس بنگلي جو در ٽپندي ئي تعاقب ۾ رکيو پئي آئي، ڇا ته وينگس جي نوجواني هُئي، صفا سورهن سالن جي سنهڙي ۽ سهڻي.

مئدم هن جي نظرن کي سڃاڻي وئي ۽ يڪدم ڪنڌ ورائي نوڪرياڻي کي چيائين، ڇوري اڃان بيٺي آهين؟ وڃ وڃي شربت ٺاهي ڪڻي آ، فرج مان ڪيڪ به کنيو اچجانءِ.

مون سمجهيو هيءَ ڇوڪري توهان جي سياسي ڪارڪن آهي، يا وري توهان واري عورتن جي تنظيم جي ميمبر آهي.

نه نه ولوَ جي ڌيءَ آهي، اسان جي نوڪرياڻي آهي.

وَلوَ ڪير؟

هاري هو اسان جو هِن جي ماءُ کي ڪاري ڪري ماريائين، جيل ويو ۽ ڇٽي آيو. هاڻي ٻي شادي ڪئي اٿس، ڇوڪريءَ کي ويڳي ماءُ ڪو نه رکيو.

سو رئيس ڪم ڪار لاءِ ڳوٺان وٺي آيو اٿس.

ڇوڪري ته ڏاڍي سلڇڻي آهي.

بس ڪريو، ڏاڍي ٽا ٻڌايو، جي رئيس نه وٺي اچيس ها ته گيدوڙي حجام جي پُٽ سان ڀڳي ٿي ويئي. ٻهرام ٽانگي واري کي رئيس جو نمڪ ياد آيو، سو هِنن کي ڀڄائڻ ۾ مدد ڪرڻ بدران اچي رئيس سان ڳالهه ڪيائين.

هن وري به ڇوڪري جو پاسو ڪٽندي چيو پڻس يا ماٽيجي ماءُ ماريندا هوندس. ڏکيو رکندا هوندس، آخر ته پڻس خوني آهي نه؟

ڇڏيو اوهين وري شهري ماڻهو کهڙيون پيا ڳالهيون ڪريو.

ٻڌو نہ اٿئي جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا.

چوري ماءُ تي ٿي ويئي، حجام جي پُٽ سان ياري رکيائين، ان سان ٿي ڀڳي، جي رئيس رحم نہ ڪريس ۽ پٽس ڪي خبر پويس، تہ ڇوري ڪاري ٿيڻ کان بچي ها؟

ڇئبو تنهنجو رئيس ڏاڍو رحمدل آهي، ها ڇوري ڪي ڀائين بہ ڏاڍو ٿو.

الا! هِن تعجب ۾ وڏي واڪ چيو، مئڊم بي حجاب ٿي چيو.

رئيس ڪي تہ سوال ئي ڪونہ ٿو پيدا ٿئي تہ مان زور ڏيان، ڳوٺان ٽڪجي ٽنجي اچي تہ اِها ئي زور ڏيندي اٿس.

ٿڌو شوڪارو ڀري هِن دل ۾ ئي چيو واھ ڙي وڏيرا واھ ڙي رئيس۔ تنهنجا روپ ۽ رنگ.

نوڪرياڻي ٽري ۾ شربت ۽ ڪيڪ ڪٽي آئي ۽ هِنن آڏو رکيائين.

وچ هُنن مهمانن کان پُڇ ڇا پيئندا شربت يا چانهہ؟

نوڪرياڻي ها ڪري اوڏانهن ويئي هلي ۽ هن پڇيو کهڙا مهمان؟

پهرئين مون وٽان تہ واندو ٿي پوءِ انهن سان ملايائين ٿي، ايئن چئي مئڊم پيسٽري ڪيڪ واري پليٽ هن ڏانهن وڌائي.

هن ان مان ٽڪرو ڪٽي وات ۾ وڌو ۽ مئڊم جو ظاهري جائزو وٺڻ لڳو. مئڊم ڪي گهر ۾ اچي لوُن جا اڌ ٻانهن سان ڪپڙا پهريل هئا. رئي پائڻ جي نہ مئڊم ڪي عادت هئي، نہ ئي نوجوان نوڪرياڻي ڪي رئو پاتل هو. نوڪرياڻي ڪي سادا پر گهاٽي بلو رنگ جا اچن گلن سان ڪپڙا پهريل هئا ۽ هوءَ رنگ رُوپ ۾ نوڪرياڻي نہ پر گهر ڌياڻي لڳي رهي هئي. بس رڳو هيسيل ۽ خاموش هئي. هِن ڪيڪ پيسٽري جو ٽڪرو کائي پورو ڪيو تہ مئڊم وري پليٽ وڌائي چيس.

کائڻ ۽ پيئڻ ۾ حجاب نہ ڪبو آهي، هِن وري هڪ ٽڪرو کنيو ۽ وات ڪي منو ڪندي سوچيائين هيءَ مئڊم، مئڊم باٺوري ڪانهي، هيءَ باٺوري، هيءَ بانوري سنڌ جي رئيس ۽ وڏيري جي مئڊم آهي.

”ڇا پيا سوچيو شربت پيئو نہ؟“

هُن ڪيڪ پيسٽري کائيندي چيو، هِن بہ ٿڌي ۽ مٺي شربت جا ٻہ ڍُڪ ڀريا ۽ هِن جون نظرون سفيد لوُن جي وڳي جو نظارو ڪنديون، هُن جي سامهون ئي اٽڪي بيهي رهيون. انگ انگ ڀريل بدن جو لباس ۾ هئڻ جي باوجود بہ پنهنجو پنهنجو جلوو ڏيکاري رهيو هو.

مئڊم ڪي ڇا محسوس ٿي رهيو هو، هن جو هاڻي اهو مسئلو نہ هو، هاڻي هي پنهنجي لاءِ سوچي رهيو هو.

اي سي جي ٿڌ برقرار آھي، ڪيڪ پيسٽري مني ۾ ٿڌي ھئي. شربت منو ۾ ٿڌو آھي، پر ھن کي ڇو پگھر اچي رھيا آھن. اھا تپش ڪٿان اچي رھي آھي ۽ ھن جي سوچن ڊوڙڻ شروع ڪيو، سامھون وينل مئڊم سفيد ڪبوتري آھي ۽ ڪبوتري امن جي علامت آھي.

نہ نہ ائين ناھي، ھيءَ سفيد ڪبوتري ناھي، ھي تہ سفيد ڄُن جو ڀرندڙ ٻنو آھي، جنھن ۾ باھ ٻري رھي آھي، باھ ۾ ڏاڍو تئو آھي.

ھِن جو بہ انگ انگ تپجي ويو آھي، ھِن يڪدم ٻچيل سڄو گلاس يڪ ساھي پي ورتو، ۽ پنھنجن اعصابن تي ڪنٽرول ڪندي چوني جي سفيد ڀرندڙ ٻني تان نظرون ھٽائيندي چيو ڪجھ پنا گھرايو تہ بيان بہ لکندا ھلون.

بلڪل توھان درست فرمايو ۽ رڙ ڪري چيائين پناٽي! او ڇوري پناٽي!

پناٽي الاءِ ڪٿان ھرٽيءَ واري چال ھٽي ڊرائينگ روم ۾ پھچي وئي.

”منھنجي ڪمري ۾ بستري تي ئي ڪجھ پيپر ۽ اخبارون پيون اٿئي اھي ڪٽي آ.

پناٽي وري چال ڏيئي وئي يڪدم پنا ۽ اخبارون ڪٽي آئي.

مئڊم اخبارون ۽ پنا ھِن آڏو ڪندي چيو تہ ھاڻ توھان پاڻ ئي ھنن اخبارن مان ڪو اھم موضوع ڪٽي اسان جي عورتن واي تنظيم لاءِ ڪو بيان ڪديو.

ھِن بنا اخبارن جي مطالعي جي ئي ڪيس چيو مون کي خبر آھي تہ توھان جي وفاقي سياسي پارٽي ۽ موجوده عورتن جون تنظيمون ۽ اين جي اوز اڄڪلھ ڪھڙا مطالبا ڪري رھيون آھن.

ھا مان بہ اھو ئي چاھيان ٿي تہ توھان ڪو سنو بيان ڪديو. ھن بہ ھڪ نظر ميڊم جي پريل بدن تي وجھي ڪيسي مان پين ڪڍي ٻي ڀرپور نظر نوجوان نوڪرياٽي تي وجھندي ھاڻ ٺاريندي بيان لکڻ شروع ڪيو ۽ رکي رکي ٻنھي ڄٽين کي پنھنجي نظرن جي فوڪس سان قلب جي ڪئميرا ۾ محفوظ بہ ڪندو رھيو. ھن جي بيان لکڻ دوران مئڊم تہ اخبارن ۾ بيوٽي پارلر ۽ سلمنگ سينٽرن جا اشتھار ڏاڍي غور سان جانچي رھي ھُئي، تنھنڪري ھن جي غور سان نھارڻ کان ھوءَ ڪجھ بي خبر ھُئي. ۽ ان بي خبريءَ ۾ ئي ھو ان جي جسم جا مختلف زاويا (اينگلز) جاچيندو رھيو، نوڪرياٽي ھن جي نھارڻ تي رڳو ڪنڌ ٿي ھيٺ ڪيو. باقي سڀ ڪجھ ھن جي نظرن جي ٽارگيٽ ۾ اچي ٿي ويو ۽ ھن کي بہ ڀھراڙي جي نوجوان ڇوڪريءَ ۽ شھر جي ماڊرن مئڊم ۾ ايئن نھارڻ سان لکڻ جو اتساھ وڌيو پئي ۽ ھن اھو نظارو ڪندي ڪندي بيان پورو ڪري ورتو.

”اجھو ھي ٿي ويو بيان پورو“

ڇا لکيو اٿوَ. مئڊم ڏاڍي بيچيني سان پڇيو. هِن ڪيس بيان پڙهي ٻڌايو ته هوءَ ڏاڍو سرهي ٿي.

ويري گُڊ ويري ايڪسيلينس، اي ون. هن ٿڌو ساهه کنيو ۽ دل ۾ شڪر ڪيو ته بيان قبول ڪيو ويو.

توهان ٿڪجي پيا هوندؤ، ٿورو ريسٽ ڪيو، مان توهان کي فريش ڪرڻ لاءِ چانهه ٿي پياريان.

هن نوڪرياڻي کي سڏڻ لاءِ جيئن پويان نهاريو ته نوڪرياڻي حاضر بيني هئي.

ڇوري جلدي ڪر چانهه ٺاهي ڪٽي آ ۽ پليٽ ۾ بسڪوٽ به ڪٽي اچ جلدي ...

نوڪرياڻي حڪم ٻڌي پوئتي منهن ڪيو ۽ ڊرائينگ روم کان نڪرڻ تائين هِن جي نظرن ان جي ٽرن بيڪ جو پرپور پيڇو ڪندي سوچيو. پناڻي جو هلڻ ئي ايڏو پيارو آ ته هن جو وجود ته سراپا پيار هوندو، پوءِ به سنڌ ۾ اهڙين پيارين پيارين پدم جهڙين پدمڻين کي خود، بي غيرت مرد جيڪي پاڻ ته جانورن، ڇوڪرن ۽ عورتن جي زنا ڪاري جا مرتڪب ٿين ٿا. غيرت جي ڪوڙي اند ۾ اچي ڪاري ڪري ماري ٿا ڇڏين.

ڇا هِنن جاهلن، جتن ۽ خود پاپي ماڻهن وٽ ان مسئلي جي حل جو قرآني، الهامي، شرعي، سماجي، سائنسي، ۽ انسانيت وارو ڪو رستو نه آهي؟؟؟

”چانهه پي پوءِ توهان کي اسان جي سوشل تنظيم جو بيان ڪڍٽو آهي.“

اِهو ٻڌي هن پاڻ سنڀاليندي چيو مئڊم بلڪل مان هينئر ئي ٿو بيان تيار ڪري وٺان جيسين چانهه اچي.

مئڊم اخبارن مان نظرون هٽائي هاڻ هن ۾ نظرون کپايون ۽ هن وري ٻيو بيان پني تي لکڻ شروع ڪيو.

عادت موجب لکندي لکندي هن به ٽي ڀيرا مئڊم ڏانهن ڏٺو ته هُن جون نظرون تير تفنگ ٿي هن ۾ ڪتل هيون ۽ هي انهن نظرن جو تاب سهي نه سگهيو ۽ لکندي لکندي محسوس ڪرڻ لڳو جڻ مئڊم جون نظرون هن جي جسم تي ڪيولين وانگر ڊوڙي رهيون آهن. هِن کي پنهنجي بدن تي هڪ پاسي ڪتڪتائي پي ٿي ته ٻئي پاسي ڪيولين جي چڪ جو ڊپ ٿي ٿيس ۽ هاڻي هن بنا مئڊم ۾ نهارڻ جي تڪڙو تڪڙو بيان لکڻ شروع ڪيو ۽ دعا گهرندو رهيو ته پناڻي جلدي چانهه بسڪوٽ ڪٽي اچي نه ته هيءَ مئڊم ته نظرن ئي نظرن ۾ هن جي حالت الاءِ ڪٿي پهچائيندي.

مئڊم کي به الاءِ ڇا ٿيو جو ويجهو اچي، قلم واري هٿ کي جهلي چوڻ لڳي ترسو، ايتري تڪڙ ڇو ٿا ڪريو، توهان جا اکر ماڪوڙا ٿيندا پيا وڃن. مئڊم جو هٿ قلم واري هٿ تي رکيل هو، هوءَ وڌيڪ ويجهو ٿي ۽ سندس مٿي جا وار هن جي مٿي

جي وارن سان ٽڪرائڻ لڳا، سندس ڳل ۾ چپ ٻرندڙ ٽانڊن جيان ويجهو اچي ويا ۽ هي ان وقت ٿڌي ايئرڪنڊيشن روم ۾ نه پر هن پنهنجو پاڻ کي چوڙين ٺاهڻ واري ڪارخاني ۾ بيٺل ڏٺو، جتي بي انتها تپش هئي ۽ هي چڻ ته ان تپش ۾ شيشي جيان وگهري رهيو هو ۽ سڄو پگهر ۾ شل ٿي ويو هو.

خدا جو شڪر ٿيو جو پناڻي ڊرائينگ روم ۾ چانهه ۽ بسڪوٽن سوڌو داخل ٿي ته هن چت ڏانهن نهاري دل ۾ چيو:

”مالڪ بچائي وڏئي“

۽ مئڊم به سڌي ٿي ويهي رهي.

پناڻي ٽري رکي ته مئڊم يڪدم چيس تون هاڻ وڃ مان سڏيائين ته پوءِ اچجان. پناڻي وئي ته وري دل ۾ چيائين ”مري ويس.“

مئڊم ته اڄ ڪا شينهڻ شڪارڻ ٿي لڳي، خدا خير ڪري.۽ يڪدم پنا ڪٽي گوڏي تي رکي صوفي تي مڪمل ٽيڪ ڏئي وري بيان لکڻ کي اچي ڪنيائين.

”چانهه ته پيئو، بسڪوٽ ته کائو پوءِ لکجو“ چيائين بس اچي پورو ڪيو اٿم ۽ ائين ٽڪڙو ٽڪڙو بيان لکي پورو ڪيائين. جڳ مان گلاس پاڻيءَ جو ڀري هڪ پي، ٻيو به پيتائين، تڏهن سامت ۾ آيو ۽ بسڪوٽ کائي چانهه جا ڍڪ ڀرڻ لڳو.

شينهڻ شڪارڻ جي نظرن کان بچڻ لاءِ لڪيل پنو ئي ان آڏو ڪري ڇڏيائين جيئن نظرن جا نشتر اتي ڪيرائي.

اهو بيان پڙهي مئڊم مشڪي ڏٺو ۽ سندس ڳلن تي لالاڻ اچي وئي، هن به دل جي محبتي جذبن سان ڪيس ڏٺو، مئڊم پني تان نظرون هٽايون، هلڪو ٺهڪ ڏنائين ته سندس ٻنهي چپن جي چمن پنيان سفيد موتئي جي گلن جون قطارون نظر آيون، جن مان گلن جهڙن ڏندن جي مهڪ ۽ سونهن پاڻ پسائي رهي هئي. هوءَ به نظرن جي بي تابيءَ کي سمجهي ويئي ۽ ان ئي انداز ۾ سندس وات کليو رهيو ۽ هوءَ ڪلندي رهي ڪلندي رهي ۽ هيءَ هوا جي مست جهوٽن تي باغ ارم ۾ پوڪيل املتاس جي پيلن گلن جيان ٽڙندو رهيو ۽ جهومندو رهيو. ان وقت مئڊم جي اها دلفريب مسڪراهٽ نه رڳو سندس چپن تي ڦهليل هئي پر سندس پرڪشش ڳل ۽ چمڪندڙ اکيون به ان مرڪ ۾ ڪل جو خوبصورت سنگم هيون. پوءِ هُن ڏاڍي ڌيرج سان ٻئي چپ ملايا ۽ موتين جا داڻا يعني سندس سهڻا ڏند وات جي سُهڻي صندوق ۾ لڪي ويا.

انهن خوشگوار لمحن ۾ ئي در کليو ۽ هن جون نظرون پناڻيءَ تي پئجي ويون، وري ڪا پيار جي پينگهه هن جي مَنَ ۾ ملهاري مند ۾ لڏڻ لڳي ۽ هن جي لؤن لؤن منجهان لهرون اٿڻ لڳيون، هن تي محبت جي مستيءَ جا نشا چڙهڻ لڳا. پناڻي نه هئي چڻ انگوري شراب جي پيالي هن جي چپن تي هئي ۽ هن جي اندر ۾ مد

بنجي اوتجي رهي هئي. ايتري ۾ ٽي عورتون پيون ڪمري ۾ هليون آيون ۽ مئڊم کي مخاطب ٿي چيائون اسان جي ميٽنگ تہ ختم ٿي وئي آهي. صدر صاحبہ هن صحافي ۽ توهان کي سڏايو آهي، اهي سياسي عورتون ٿي لڳيون.

مئڊم هن کي ياد ڏياريندي چيو ٽڪجي تہ پيا هوندو، پر هاڻي هي ٿيون بيان بس آخري آهي! مون لاءِ اها ڳالھ ڪا نئين ڪانهي.

پھريئن بہ توهان وٽ ٿي ٿي بيان لکي چڪو آهيان.

توهان جي وڏي مھرباني هاڻي اچو تہ پلا هلون. هي ٻئي صوفن تان اٿن ٿا اڳيان اُهي ٽي سياسي عورتون وچ ۾ مئڊم ۽ هي ۽ پنيان پياري پناٽي. ڊرائينگ روم مان نڪري ٽي وي لائونج مان ٿيندا هو هڪ ڪمري ۾ پھچن ٿا، جنھن ۾ رڱو غاليچو وڇايل هو، اي سي هلي رهي هُئي، ويٺلن ۾ چار نوجوان ڇوڪريون هيون، باقي ٽي شادي شده پر جوان جماڻ هيون، ميڪ اپ ۽ خوشبوئن سان ٻھڪي رهيون هيون.

هنن کي ڪمري اندر ايندو ڏسي سيئي اٿي بيٺيون، مجبور ٿي يا جاڻي واڻي صدر صاحبہ بہ اٿي بيٺي.

پنھنجو هٿ وڌائي صحافيءَ جي هٿ ۾ ڏنائين، صحافي ڏند، ٽيڙيا، پر اهي ڪنھن بہ صورت ۾ ٽُٽ پيسٽ جو اشتھار نہ هئا ساڻس پر ۾ بيٺل پناٽڪي حسن جا جلوا پکيڙيندڙ حسينہ جنھن جي حسن ۽ سياسي ڏاهپ جي هاڪ هئي، تنھن بہ هن کي کلي ڪيڪاريندي پنھنجو هٿ ڏنو. هن ان وقت پنھنجي خوشنصيبيءَ کي انتھا تي پھچندي ڏٺو ڇو تہ پشم جھڙو اهو هٿ سندس من پسند شخصيت جو هو ۽ سندس سياسي بصيرت بہ گھٽ ڪانہ هُئي ۽ سياسي تنظيم جي صدر صاحبہ هن کي ويھڻ جي آڇ ڪئي ۽ ان سان گڏ سڀ غاليچي تي ويھي رهيا.

هن کي ائين لڳو جڻ ڪمري اندر گلن ڦلن جو گلدستو ٺھي ويو. رنگن جا روپ نکري پيا ۽ خوشبوئون ڦھلجي ويون.

"کھڙا حال احوال آهن"

توهان جي اخبار اسان جي جلسن کي ڪوريج ئي ڪانہ ٿي ڏئي"؟

مون کي جڏهن بہ توهان گھرايو آهي مون رپورٽنگ سان گڏ توهان جون تصويرون بہ هلرايون آهن، اُن مھل پشم جھڙن هٿن، ملوڪ مھاندڻ ۽ پناٽي حسن جھڙي پياري حسينہ هن جي حمايت ڪندي تعريف ۾ هيئن بہ چيو هنن ڏکين ڏينھن ۾ هي اسان کي پاڻ فون ڪري بہ بيان لکي وٺندو آهي.

مون کي خبر آهي آخر مان ضلعي جي صدر آهيان منھنجو بہ هن سان رابطو هوندو آهي. ائين چئي صدر صاحبہ پنھنجي اهميت کي وڌايو. ها ياد آيم. توهان جي اخبار جو اڳيون رپورٽر هو نہ نالو ياد ڪندي ذهن تي زور ڏئي ٿي، هي يڪدم

ان جو نالو ڪٽي ٿو ها ها اهو ئي اهو مون کان انٽرويو وٺي ويو هو، ڪئميرامين به آندو هئائين.

اهو انٽرويو ته هليو هو، هن ڪيس ياد ڏياريندي چيو.

ها پر اهي تصويرون ته ڪئميرامين کان وٺي اچو، مون ڏاڍي شوق سان اهي پوز ڪڍايا هئا. ڪير هو پريس فوٽوگرافر؟ ها، هو ڏاڙهي وارو، اصل مون مان اک ئي ڪونه پيو ڪڍي، مئو ماريو! پناڻڪي حسن مشڪي هن جو نانءُ ڪنيو ۽ هِن چيو اهو ويچارو ته پنج وقت نمازي آهي.

”نمازين ڪي دل نه هوندي آهي ڇا؟ اجان ويچارو ڪُنوارو آهي!“

اهو برجستو جملو مئڊم کان نڪتو ۽ سيڻي کان کِل نڪري ويئي. ضلعي صدر صاحبه به کل روڪي نه سگهي ۽ چيائين ڇئبو ته اهو دل پينڪ فوٽوگرافر آهي ۽ هن وري چيو دل پينڪ ته ڪو بيو به ٿي سگهي ٿو، هن جو جملو پاڻ لاءِ هو پر ڪنهن الاءِ سمجهيو يا نه. البته سيڻي جي ڇهرن تي مرڪ اچي ويئي. هاڻي پلا بيان جي ڳالھ ڪجي.

ها بلڪل بيان لکرايان ٿي، هن سياسي ڇوڪرين ۽ عورتن ڏانهن نهاري چيو هاڻ توهان پلي هلي ڊرائينگ روم ۾ ويهو.

مئڊم يڪدم نوڪرياڻيءَ کي چيو ته هنن سيڻي کي ڊرائينگ روم ۾ ويهار ۽ هو اٿي ويون هليون.

”قسم سان مٿو ٿو ڦاٽي ڳالهائي ڳالهائي نڙيءَ ۾ سور ٿي پيو آهي“ صدر صاحبه چيو. ڇانهن نهرائي ٿي وڻان مئڊم چيو.

انهيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي سني ڳالھ ٿيندي، صدر صاحبه فرمايو.

مئڊم اُٿي ڪمري مان وڃڻ لڳي ته پناڻي حسن اٿندي چيو مان هڪ به فون ڪري اچان ٿي.

اڇا ته صحافيءَ جي تِڪن سوالن لاءِ توهان ٻئي مون کي اڪيلو ٿيون ڇڏيو وڃو، ٻنهي مرڪي پنيان نهاري چيو هي تنهنجو انٽرويو يا پريس ڪانفرنس ڪانهي ۽ هي اهو صحافي ڪونهي هي سمجھ ڪٽي پنهنجي پارٽيءَ جو صحافي آهي.

صدر صاحبه به کلندي چيو وڃو وڃو مان ڊڄڻي سياستدان ناهيان.

هو ٻئي ڇٽيون ڪمري مان نڪتيون، ته صدر صاحبه پنهنجي نانءُ جهڙي شگفتگي تازگي ۽ نرمي منهن تي آندي، اي سي جي هوا سڌو سندس ڇهري تي لڳي سندس وار به ڇهري آڏو آٿي رهي هئي، هن ڏاڍي پياري انداز سان وار منهن تان هٽائيندي پڇيو:

ڇا حال آهن توهان جا؟

بس شڪر آهي خدا جو، بيان ۾ ڇا لکان؟

اهي ئي نعرا، خواب ۽ خيال جيڪي وفاق پرست سياسي ليڊرن جا ڏيندا آهن.

”تہ ڇا توهان ڪي پنهنجي صوبي جو فڪر ڪونهي؟“

نہ نہ بلڪل آهي، اسان جو صوبائي صدر ۽ صوبائي عهديدار انهن مسئلن تي آواز اٿاريندا رهندا آهن، پر وفاقي پاليسيءَ جي فريم ورڪ ۾. بس توهان اهڙو بيان ڪيو جو صوبي وارا سمجهن اسين ئي وڏا قومپرست آهيون ۽ اسان جي سينٽرل باڊي بہ خوش ٿئي، ائين چئي هن ڪي وري ڇپائين اچو ٿورو اي سي جي ويجهو ٿي ويهو جيئن توهان جي بيان مان ڏتڪار ئي ڏتڪار نڪري.

هي اي سي جي ويجهو ٿيو ۽ هيءَ هن جي ويجهو ٿي ويئي، ايترو ويجهو جو ان جي بدن جو ڇهاءُ هن کي لڳندو رهيو ۽ هن جي بدن جي خوشبو اي سي جي ٿڌي هوا سان گڏ هِن ۾ منتقل ٿيندي رهي. هن ان جوان جماڻ سياسي دوشيزه جي جسم کي نظرانداز ڪندي ٽڪڙو ٽڪڙو بيان لکڻ شروع ڪيو ۽ هوءَ غير شادي شده سياسي جوانڙي هن ۾ نهاريندي رهي. اجان اڌ بيان تي پهتو تہ ڪيس لڳو ڄڻ اي سي بند ٿي وئي هجي، هن ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو، اي سي هلي رهي هئي، پر خوبرو دوشيزه جو جسم جلي رهيو هو، جنهن سياست جي ڪري اجان شادي نہ ڪئي هئي. هن وري بيان لکڻ جاري رکيو. هاڻي هن کي محسوس ٿيو هن جي بدن ۾ ڪا گرمي، ڪا حرارت حرڪت ڪري رهي آهي، لکندي لکندي هن نظر هيٺ ڪئي ۽ ڏسي ورتائين هن جي جسم جو ڪو انگ اهو قرب جو ڪرنٽ هن ۾ منتقل ڪري رهيو. هن وڌيڪ تيزيءَ سان بيان لکڻ جاري رکيو. ۽ وري نظرون کڻي هُن ڏانهن ڏٺائين، جنهن اکيون پوري ڇڏيون هيون، پر سندس جسم جو انگ شعوري يا لاشعوري طور هلڪي هلڪي حرڪت سان قرب جو ڪرنٽ هن ۾ منتقل ڪري رهيو هو. هن ٽڪڙو ٽڪڙو لکي نيٺ بيان پورو ڪيو، تيسين هن جا انگ بہ ڪوسا ڪوسا ٿي ويا. هن ان وقت ئي يڪدم اُتان اُٿي ڪرنٽ جي تار پاڻ کان پري ڪري ڇڏي. هن جلندڙ جل پريءَ جا ڪنپ بہ وڌيڪ سڙڻ کان بچي ويا ۽ اک کلي پيس. ”بيان لکجي ويو. ها بيان لکجي ويو.“

ڪمري جو در کليو تہ نوڪرياڻي چانهہ بسڪوٽن سوڌو اندر هلي آئي، مئڊم سان گڏ پناڻڪو حسن بہ پنهنجي ملوڪ مهانڊي تي ڪارو چشمو چاڙهي پرس هٿ ۾ کڻي اندر داخل ٿيو. بس چانهہ پيون بيان پڙهون تہ هلون ٿا پاڻ بہ صدر صاحبہ پنهنجي سياسي پناڻي حسينہ کي تيار ڏسي چيو.

هن بہ شوڪارو پري چانهہ جو ڪوپ نوجوان نوڪرياڻي جي هٿ مان وٺي آڏو رکيو ۽ سڄو بيان پڙهي ويو. بيان سيني کي ڏاڍو پسند آيو، بعد ۾ آيل ڇوڪرين جو رايو بہ اهو ئي هو تہ بيان سُٺو آهي. بسڪوٽ ڪائي چانهہ پي هي موڪلائي هليو آيو

هو، هر پنجن سالن ڪانپوءِ ان وفاقي پارٽي کي ٻه دفعا حڪومت ملي پر جيڪي خواب، خيال نعرا ۽ وعدا هِن مرد توڙي عورت سياستدانن ڪان انٽرويوز ۾ بيانن جي صورت ۾ وٺي ڇپرايا ها، انهن مان ڪنهن تي ٻه عمل ڪونه ٿيو. سياست هن سماج ۾ ڪوبه سڌارو ڪونه آندو، ٻنهي وڏين سياسي پارٽين ڪرپشن جي انتها ڪري ڇڏي. هن ملڪ ۾ اين جي اوز ٻه ناڪام ٿي ويون آهن، ڏاڙيل ۽ دهشتگرد خوش آهن، قومپرستن کي ووٽ ڪونه ٿا ملن، وفاق ناڪام ٿي چڪو آهي. منهنجي ڏاڙهي واري دوست پريس فوٽوگرافي ۾ مون صحافت ڇڏي ڏني آهي، پر پوڙهن ناڪاره ۽ ناڪام سياستدانن اجان ٻه سياست ڪونه ڇڏي آهيسياستدانن اجان ٻه سياست ڪونه ڇڏي آهي.

# مٽي جا شيطان

**تون!** ٻالڪپڻ ۾ سهڻا ۽ پيارا پکي گليل يا بندوق سان ماريندو هئين؟
نه هرگز نه...!
تون ننڍپڻ ۾ ڪيولين يا ماڪوڙيون پيرن سان لتاڙي ماريندو هئين؟
نه......نه.......نه!
تون! صبح ساجهر باغ ۾ تازن، گلن، ڦلن، ساون ٻوٽن مٿان ايندڙ خوبصورت ۽ نازڪ نفيس پوپٽ پڪڙي مُٺ ۾ بند ڪري پوءِ ترين سان مهٽي ماري ڇڏيندو هئين!؟
ڪڏهن به نه....!
ڀلا ! ڏنگن ڇوڪرن جيان ڀنڀوريون پڪڙي مُٺ ۾ پڪوڙي ماريندو هئين!؟
نه بلڪل نه.... اصل نه....
ڪوئلن کي ڦاسائي سندن گلا نه توئي ڪٽيا هوندا؟
مون ڪڏهن به ائين نه ڪيو هو
پر نوجواني ۾ نه حرڪتي ۽ حرفتي بنجي ويو هوندين؟
مان اهڙين ڳالهين ڪان پري هئس.
پوءِ هي بلبلون جار ۾ ڦاسائي.... ڦٽڪائي ڦٽڪائي ڪير پيو ماري؟
مان شڪاري ۽ ماري ناهيان.
ها مون کي ياد آيو توئي طوطن کي پڃري ۾ بند ڪري ان مان پاڻي جي پيريل وٽي، ساوا مرچ ۽ زيتون ٻاهر ڪڍي ڇڏيا هئا ۽ طوطا ٻُک ۽ اُڃ ۾ تڙپي ۽ ڦٽڪي مري ويا هئا.
مان اهڙو ظالم ڇوڪرو يا نوجوان نه هئس تون مون تي الزام پيو هڻين؟
پوءِ ڪير نه آهي جيڪو اهي ڪم ڪري ٿو ۽ توکي جي ان جي خبر آهي نه مون کي ٻڌائي؟
او ماڻهو ڏس ! مان تو جهڙو ماڻهو آهيان ، نه ننڍي هوندي نه وڏي هوندي اهڙا ڦهري ڪم ڪيا ٿم.
ياد ڪر.... ياد ڪر.... تون ئي نه هئين جنهن پکين جي آکيرن مان آنا ۽ ٻچا ڪيرائڻ لاءِ وڻن کي زور سان پٿر هنيا هئا ۽ وڻن تي چڙهي زور سان ٽاريون ڏوڏي، لنيون هٽي آکيرا ، آنا ٻچا هيٺ ڪيرايا هئا.
تون مون کي ڇتو يا ڇريو ڪندين ڇا؟ تو کي ڇيم نه مان ڪنهن جو به قاتل ناهيان.

ھا مان اھوئي تہ پڇڻ چاھيان ٿو تہ ھت ڏسڻ ۾ انسانن جھڙا، پر عملن ۾ وحشي خوني حيوانن کان گھڻو اڳتي وڏي خودڪش حملا آور بمبار ۽ دھشتگرد آخر ھن ڌرتي تي مٿي مان بڻيل شيطان ڇو ٿي ويا آھن....!!؟؟

# سچي دوستي

**در** کڙڪيو... امان در کولڻ بنا، اندران ئي پڇيو

ڪير آهي؟

ادي ... عبدالحق ڪي سڏيو!

ادا... اهو ته ٽي مهينا اڳ گذاريو ويو آ !

"هانءَ...!!! هانوَ ۾ لڳل ڪنهن ٻڙڇي جيان جڻ ڪو نڙي جو گوشت چيريندو هن جو آواز نڪتو هو. ۽ ڪا گهڙي چپ چاپ ۾ گذري وئي.

در ڪان ٻاهر بيٺل منهنجو ننڍڙو وجود اها خاموشي ڏسي حيران ٿي ويو هو.

پوءِ شايد هن سچي ذهني قوت گڏ ڪري پڇيو

"ادو نجم الدين آهي؟"

"نه ... ادا اهو ته نوڪري تان ڇنڇر ڏينهن شام جو ايندو."

هُن مون ڏانهن نهاري ڏڪندڙ هٿ منهنجي مٿي تي رکيو هو. ڏنو هئم ته سندس اکين مان لارون ڪري ڳوڙها سفيد قميص تي ڪرندا ٿي ويا.

مون کي ياد آيو ته منهنجي نوجوان چاچي عبدالحق ڪوٺڙي جي ٽي _بي سينٽوريم ۾ وات مان رت اڇڻ جي ڪري پنهنجي اڇي قميص ڳاڙهي رت سان پري ڇڏي هئي.

اڄ اڌ صدي ڪان به پنج سال مٿي ٿي ويا آهن ۽ مان سوچيان پيو

چاچا جي اڇي قميص تي ڪريل ڳاڙهي رت ۽ سندس دوست جي سفيد قميص تي ڪريل لڳاتار بي رنگ ڳوڙهن جيڪو رنگ ٺاهيو هو اهو ئي سچي دوستي جو رنگ هو.

# زندگي ڪئين نئي بدلجي؟

**توُن** ڏاڍو ڪنجوس آهين.

ها توکي چولا چاٽ ۽ دهي ٻڙا نئو ڪارايان انهي ڪري نه!؟

نه نه هونءَ به مائٽن ۾ اها ڳالهه مشهور آهي ته وسيم پئسن جي معاملي ۾ ڏاڍو پڪو آهي. جڏهن ته شام جو ڊاڪٽر وٽ پارٽ ٽائيم ڪمپائونڊري به ڪري ٿو.

مئڊم شازيا تنهنجي اطلاع لاءِ عرض آهي ته مان پارٽ ٽائيم ڪمپائونڊري جا پئسہ ڪونہ وٺندو آهيان.

مان صبح واري سرڪاري نوڪري ۾ ڪلارڪ ٿي ته آهيان نه!

ڪلارڪي ۾ به هڪ مستقل سيٽ تي نہ هوندو آهيان.

پنهنجن پرڪارن ۽ ڪم جي ڪوتاهين ۽ آفيسرن جي پسند ، ناپسند ۽ مهربانين، نامهربانين سبب. هاٺي ڏيان سان ٻڌ شازيہ صاحبہ!

شروع ۾ مون کي ڪيشئر ڪري رکيائون پوءِ بدلي ڪري اسٽيٽمينٽ شيٽ ٺاهڻ تي ويهاريون اتان بدلي ڪيائون تہ ڊسپيچ سيڪشن ۾ ڪم ڪرايائون. آفيسر پوءِ بہ نہ مڙيا يا مان نہ سُڌريس. سو انهن بہ سڌو بدلي ڪري اچي زونل هيڊ سيڪشن ۾ ويهاري سڌرڻ ۽ ڪم سکڻ جو موقعو ڏنو.

پر مئڊم صاحبہ! آئون بہ آئون ٿي بينس.

مان مون مان بہ نہ نڪتي! آفيسر ڪم نہ ڪرڻ يا سنو نہ ڪرڻ تي. ايڪسپلينيشن يا وارننگس ڏين تہ موٽ ۾ جواب ڏيان تہ مون ڪيشئر جي نوڪري لاءِ ٽيسٽ ۽ انٽرويو پاس ڪيو هو ۽ منهنجي پهرئين پوسٽنگ بہ ڪيشئر جي آهي. لحاظ مون کي منهنجي اصل پوسٽ ڪيشئر تي رکيو وڃي.

نيٺ آفيسر بہ بيزار ٿي پيا. مٿان يونين وارا بہ منهنجا همدرد آهن. مان لاپرواهہ ، بي پرواهہ ڪجهہ قسمت ڪجهہ يونين جي زور تي واپس ڪيشئر ڪائونٽر تي اچي ويو آهيان.

تڏهن مان اڄڪلهہ پنهنجي اصل پوسٽ يعني زونل آفيس ۾ ڪيشئر ٿي آهيان.

يونين وارن کي تہ پڪوڙا، چولا چاٽ، حليم ڪارائي يا ڪڏهن ڪڏهن ٿلهيون چانهيون پياري خوش ڪيو وينو آهيان.

پر آفيسر اجان بہ منهنجي ڪم ڪار مان مطمئن نہ آهن ۽ مان انهن کي اصل ڪونہ وٽان! پر مون کي ڪنهن ٻئي شهر ۾ بدلي بہ نٿا ڪري سگهن ڇو تہ هينين اسٽاف جي يونين جو مان ميمبر آهيان ۽ عهديدار منهنجا پڪوڙائي، چولائي،

ڪاڏي پيتي جي شوق وارا دوست آهن ته وڏي اسٽاف واري وڏي يونين جو صدر منهنجو محترم چاچو آهي. جنهن ئي مون کي هتي پرتي ڪرايو آهي.

وسيم ! شرم نه ٿو اچئي، پنهنجين ڪوتاهين جي ڪري آفيسرن جي نظرن ۾ ڪري پيو آهين ! آئون ته اڄ به چوان ٿي تون مها ڪنجوس آهين.

جيڪڏهن آفيسرن کي به ڪڏهن ڪا سوکڙي ڪا مٺائي ڏين ها ته هر هر تو کي بدلي ئي نه ڪن ها.

آخر ڪيشئر هئين سو به زونل آفيس جو.

ڏس! مان اڄ به چوان ٿي تون پنهنجي شادي جي تياري ڪر. ڪنجوس پائي چڙ موٽرسائيڪل به قسطن تي ئي وٺ... ۽ مائٽن مان ئي ڪنوار پرڻجي.

ان کي موٽر سائيڪل تي پاڻ سان گڏ ويهاري پيو گهمائجانءِ

ڏس ته پوءِ زندگي ڪيئن نه ٿي بدلجي...!؟

## ڊاڪٽر مقبول ميمڻ مارو



**ڊاڪٽر** مقبول ميمڻ مارو 14 فيبروري 1957ع تي قاضي محله اسٽيشن روڊ ماتلي ضلعي بدين ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي شهر مان حاصل ڪئي. انٽر سائنس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٽنڊو محمد خان مان ۽ ايم بي بي ايس لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو مان حاصل ڪرڻ بعد 1987ع ۾ سرڪاري ڊاڪٽر مقرر ٿيو. هن گلن جهڙا ٻارا شاخ ماتلي قائم ڪرڻ ڪان علاوه ڪونڌر پبليڪيشن ماتلي جو بنياد رکيو. ۽ هن جا ڪالم ، ڪهاڻيون، شاعري روزاني عبرت، آفتاب، مهراڻ ، هلال پاڪستان ، الوحيد ۽ سنڌ نيوز ۾ شايع ٿي چڪا آهن. ۽ اکين ۾ ٿي ويهه سندس شاعري جو مجموعو شايع ٿي چڪو آهي. دريا توتي دانهن محمد عثمان ڏيپلائي نمبر ڪڍيائين. ڊاڪٽر پبليڪيشن طرفان سنڌي اردو انگريزي سلسلو شايع ڪيائين. سنڌي ادبي سنگت ماتلي شاخ جو سيڪريٽري 1972ع ڪان 1977ع تائين رهيو. ڊاڪٽر الهورايو محمدي سان يونائيٽيڊ ميمڻ اسٽوڊنٽ جماعت طرفان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مفت طبعي ڪيمپ لڳائي حيدرآباد جي مختلف اسڪولن ۾ مفت چڪاس جو اهتمام ڪيو. ڊاڪٽر شفيع پاٽولي، ميڊم شائسته آفندي، ماسٽر نور محمد ملڪ سان سوشل ورڪر آگنائيزيشن طرفان لطيف آباد نمبر 9 حيدرآباد ۾ فلاحي اسپتال (ڪلينڪ) مفت اکين جي ڪيمپ، نيشنل اسپتال حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن پرسان قائم ڪيائين. ينگ رائيٽرس گلڊ سنڌ جو صدر پڻ رهي چڪو آهي. ڊاڪٽر خان محمد پنهور جي سهڪار سان ماتلي جي مختلف ڳوٺن ۾ ڳوٺ سُڌار سنگت قائم ڪئي. ۽ سماج ڀهبود کاتي طرفان مفت طبعي ڪيمپون لڳايون. عورتن جي لاءِ سلائي ڪڙهائي سينٽر قائم ڪيا. مختلف سنڌي، اردو شاعرن جي شاعري جا مجموعا ڇپايائين. پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئشن ماتلي شاخ جو جنرل سيڪريٽري رهيو ۽ طبعي ڪيمپون لڳايائين. پيپلز ڊاڪٽر فورم ضلعي بدين طرفان تلهار ۾ مفت اکين جي ڪيمپ لڳائي. روزانه آفتاب ۾ شاگردن جو صفحو مفت طبعي مشورا، روزانه مهراڻ ۾ ادبي صفحو ۽ پندرنهن روزه عبرت مئگزين ۾ مفت طبعي مشوره ، روزانه آفتاب ۾ ميڊيڪل صفحو (ڪلينڪ) ڪڍيائين. 2017 ع ۾ ايڊيشنل ميڊيڪل سپرينٽنڊيٽ گورنمينٽ اسپتال ماتلي جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيڻ بعد مصطفي ڪلينڪ ماتلي ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

**نور محد پٽو**

# افسوس اٿم !

**فيض** محمد BA سٺن نمبرن ۾ پاس ڪئي. اڳيان وڌڻ ۽ پڙهڻ جي شوق هن کي اڳيان پڙهڻ جو موقعو ڏنو. MA ۾ داخلا ورتائين، ٻه سال ٻه ڪن پل ۾ گذري ويا. MA ٻه سٺن نمبرن ۾ پاس ڪيائين. مائٽن جو ڪو ٻه ڪاروبار نه هو، سو ڪوشش ڪرڻ لڳو ته ڪا سرڪاري نوڪري ملي وڃي، سو ڪيترين درخواستون لکي هر شعبي ۾ موڪليائين. تازو عوامي سرڪار آئي هئي. هن کي اميد هئي ڪيس نوڪري ضرور ملندي. MPA ، MNA تر جي وڏيرن، پيرن ميرن ۽ چڱن مڙسن وٽ ڪيترائي ڏينهن جتيون گسائيندو رهيو پر هن کي نوڪري نه ملي. هن کي ڪهڙي خبر ته جهموري دور ۾ نوڪريون پئسن تي ملن ٿيون. جيڪا ٻه نوڪري آئي پارٽيءَ جا جيالا، ايم پي اي، ايم اين اي ان کي سٺي اگهه ۾ وڪٽيو ڇڏين. هن وٽ ته رشوت ڏيڻ لاءِ ٻه پئسا نه هئا. آخر روزي روٽي ڪرڻي هئي سو زال جا زيور وڪٽي پنهنجي ئي پاڙي ۾ هڪ ننڍڙو پرچون جو دڪان کولي ڇڏيائين. ان دڪان ۾ اجان هڪ رپئي جو ٻه ڌنڌو نه ڪيو هيائين ته ڪامريڊ ڪرڙ ڪانڊيرو دڪان تي پهچي ويو. ڪامريڊ ڪرڙ ڪانڊيرو هڪ تنظيم جو صدر هو. فيض محمد کان پتي جي گُهر ڪيائين. فيض محمد چيو ته:

"مون اجان دڪان کوليو آهي، هڪ روپئي جو ٻه ڌنڌو نه ڪيو اٿم."

ڪامريڊ چيس ته: "اهو تنهنجو مسئلو آهي، منهنجو مسئلو تنظيم لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻ آهي. ان ۾ ته توکي حصو وٺڻو پوندو." ڪافي ريڙهه پيڙهه کان پوءِ همراهه گهر وڃي پنهنجي ننڍڙي جي اسڪول لاءِ رکيل في ڪٽي ڪامريڊ کي ڏئي ڇڏي. ٻئي ڏينهن ڪجهه ڌنڌو ٿيس ته ٻيو ڪامريڊ ڇٻري جيان ڏند ڪڍندو همراهه وٽ پهتو. ڏند ڏسڻ سان معلوم ٿيو ته همراهه مهيني کان ڏندن کي ڏندڻ ئي نه ڏنو هو. ويچاري جو جيڪو ٻه ڌنڌو ٿيو اهو هن ان ڪامريڊ کي ڏيئي ڇڏيو. ٽئي ڏينهن ٿيو ڪامريڊ ٽنڊڻ سنڌي هن کان پارٽي ۾ ميٽنگ لاءِ گاڏي ڪرائڻ هن کان ڦري ويو. چوٿين ڏينهن هڪ اک وارو ڪامريڊ ڏيڏر سنڌي هن کان غنڊه ٽيڪس بهاني رقم ميڙي ويو. انهن ٽيهن ڏينهن ۾ هي ٽيهه ئي ڏينهن هي ڪامريڊ ۽ اخباري نمائندن جي هٿان هي ڦربو رهيو. اخباري نمائنده ته ڪامريڊين کان ٻه وڌيڪ هئا. دڪان ۾ هو ڇا جنهن جو اشتهار ڏي. آخر نوبت اچي بکن ۽ فاقن تي پهتي. آخر ڪافي سوچ

۽ ويچار ڪان پوءِ هن هڪ اهم فيصلو ڪيو. پنهنجو نالو فيض محمد مان مٽائي ڪامريڊ ڪڙڪيٽو سنڌي رکي ڇڏيو ۽ پنهنجي هڪ پارٽي ٺاهي ڇڏي ان جو صدر ٿي ويهي رهيو. هڪ اخبار ڪڍڻ جو به اعلان ڪري ڇڏيائين. ان ڪان پوءِ هن اهو ئي ڪم شروع ڪيو جيڪو ڪامريڊ ۽ اخبار وارا ڪن ٿا. ڪالهه مليو ٿويوٽا ڪرولا ۾ چيائين:

"الله جو شڪر آهي مهيني ۾ به ٿي لک ملي وڃن ٿا. پر افسوس اهو اٿم جو هي ڪم مون دير سان شروع ڪيو".

# مذهب

**مسلمانن** جي ملڪ جي هڪ صوبي جي هڪ ضلعي جي تعلقي جي ننڍڙي ڳوٺ ۾ سيٺ چيتانند پنهنجي عمر جو وڏو حصو گذاري چڪو هو. سيٺ جي گهر جي پرسان ئي هڪ مسجد هوندي هئي. ان مسجد مان هر وقت ٻانگ جو آواز سيٺ جي گهر تائين ايندو ئي رهندو هو. هڪ ان مسجد ۾ هڪ ٻاهر جو مولوي آيو. ڏينهن جمع جو هو. سيٺ صاحب جو دڪان بند هو. هو پنهنجي گهر جي اڳڻ تي ويهي پسار ڪري رهيو هو. ان سياري ۾ سيءُ به سنا تي پيا هئا. اس ان ڪي سيپائي رهي هئي. مسجد مان ان آيل مولوي صاحب جو آواز به چٽو ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو. ڇاڪاڻ ته ان مسجد جي منبر تي لڳل لائوڊ جو منهن ۾ سڌو سيٺ صاحب جي گهر طرف هو. ان مولوي صاحب پنهنجي جذباتي تقرير ۾ دنيا ۽ آخرت جي وچ جي فرق جي باري ۾ ٻڌايو. جنت ۽ دوزخ جو ذڪر به کولي بيان ڪيو. مسلمانن کي جنت جي خوشخبري ۽ ڪافرن کي دوزخ جي باهه ۾ سڙڻ بابت فرمايو. چڱاين ڪرڻ ۽ براين ڪرڻ کان بچڻ جي تلقين ڪئي. سيٺ چيتارام انهي تقرير جو گهرو اثر ورتو ۽ دل ۾ سوچيائين ته هن پنهنجي سموري زندگي بي ايماني ۽ وياج خوري ۾ گذاري ڇڏي آهي. هاڻ موقعو آهي ته پنهنجي برن عملن کان توبهه تائب ٿي مسلمان بنجي چڱا عمل ڪري بهشت جو حقدار ٿيان. اهو سوچي نماز کان پوءِ مولوي صاحب وٽ ويو ۽ پنهنجي سموري فيملي سميت مسلمان ٿي ويو. پنهنجو نالو ڪٽي سليم رکرائي ۽ ڏاڙهي کي ڪٽي ڇڏيائين. همراهه متقي ۽ پرهيزگار ٿي ويو. پنج وقت نماز سان گڏوگڏ ٻيا به سمورا عمل نيڪ مومن مسلمانن جهڙا ڪرڻ لڳو. هڪ دفعي هڪ وڏي شهر ۾ ويو اتي خواجن جي جماعت خاني کي مسلمانن جي عبادت گاهه سمجهي پنهنجي سڪيل طريقي سان نماز پڙهائين. انهن مار ڏئي لوڏي ڪڍي ڇڏيس، وري وڃي امام بارگاهه کي پنهنجي فرقي جي عبادت گاهه سمجهي نماز پڙهيائين. جن به ڪيس ٻاهر ڪڍي ڇڏيس. وري اتان نڪري هڪ مسجد ۾ آيو اتي نماز پڙهيائين جن به ڪيس ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. وري هڪ مسجد ۾ نماز پڙهيائين ته هڪ همراهه پويان هن جي مليل ٽنگون نماز ۾ ئي کولي ڇڏيائين. نماز پڙهي همراهه کي ان واردات بابت پڇيائين. ان چيس ته : "تو غلط نموني ٽنگون کولي بند ڪري، پئي نماز پڙهي مون توکي صحيح طريقو ڪرايو آهي." هو سوچن ۾ پئجي ويو ته هڪ مسلمان پنهنجي عبادت گاهه ۾ اچڻ نه ڏنو، ٻين ڪڍي ڇڏيس ۽ ٽيئن نماز ۾ ئي سندس پير ۽ ٽنگون کولي ڇڏيس وري ڪجهه ڏينهن مذهب جي باري ۾ سوچيندو رهيو ۽ جنت ماڻڻ جي تمنا مختلف مسجدن امام بارگاهن جا دورا ڪندو ۽ واعظ ٻڌندو رهيو. هي جڏهن به وڏي شهر ۾ ايندو هو ته پنهنجي ناليج کي

وڌائڻ لاءِ مختلف مسجدن ۾ انهن جي طريقي مطابق نماز پڙهندو هيو انهن جو ڳالهيون ٻڌندو هيو.

مسلمانن جي مختلف فرقن جا ماڻهو مسلمانن جا ڪيترائي طريقا ٻين فرقن جي ماڻهن کي ڪافر، ملحد، مشرق ۽ بي ايمان ڪوٺيندا رهيا. هي مسلمانن جا ڪيترائي طريقا ۽ فرقا ڏسي پريشان ٿي ويو. هي مُنجهي پيو ته آخرت جي ڪهڙي فرقي ۾ ٿيندي ۽ مون کي بهشت ڪيئن ملندي....!؟ هتي ته هر فرقي وارا ٻئي فرقي کي نندين پيا هڪ ڏينهن انهي پريشاني جي عالم ۾ هي ڪجهه سمجهي نه سگهيو ۽ جهنگ جو رُخ ڪيائين. ان ڏينهن کان پوءِ سيٺ چيتانند نظر ئي نه آيو.

# اولاد جي خواهش

**شهر** جي پر رونق رستي تان هلندي هڪ ليڊيز ڪاسميٽڪ جي دڪان تي هڪ خوبصورت ماڊل گرل ڏسي ڪجهه دير لاءِ واٽ ڦاٽي ويم. ڏاڍي غور و فڪر سان هن جي زيب و تن کي ڏسندو رهيس. وقت جو ڪو به احساس نه پئي رهيو. ڀرپاڙيءَ مان نئون نئون شهر آيو هيس. آئون پنهنجي ڀرپاڙيءَ جي عورتن کي ان ماڊل گرل جي برابري تي آندم ته هو منهنجي خيالن جي ساهميءَ ۾ ان ماڊل گرل کان تمام گهڻيون هلڪيون لڳي رهيون هيون. منهنجي خيالن جا سلسلا تڏهن ٽٽا جڏهن هڪ مرسيڊيز ڪار منهنجي پرسان اچي بيٺي، ان ۾ ويٺل عورت مسلسل هارن وڄائي مون کي سڏي رهي هئي، آئون ويجهو ويس ته چيائين ”مون کي اميد آهي تون مون مايوس نه ڪندين.“

مون نوڙت مان وراڻيو: ” فرمايو خاتون مان اوهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو.“

اها عورت 38 يا 40 سالن جي هوندي تمام نفيس قسم جي عورت هئي. هن جي ڪار جي دريءَ جو شيشو لهڻ ڪري پروفيوم جي مٺڙ خوشبو منهنجي دماغ جا پردا ئي کولي ڇڏيا. عورت شائستگيءَ سان چيو ته:

”آئون سيٺ رياض علي جي زال آهيان. اولاد جي بي انتها خواهش هوندي، اولاد جي نعمت کان محروم آهيان. اڄ منهنجي نظرِ انتخاب توهان تي پئي ته مون کي اميد جو ڪرڻو نظر آيو. مون کي اميد آهي ته توهان مون کي مايوس نه ڪندا.“

دل ۾ چيم ته هن معزز عورت کي ڪيئن مايوس ڪجي. هي شايد اولاد جي سڪايل آهي. ۽ مون کي پنهنجو پٽ بنائڻ چاهي ٿي. پر اهو ڪيئن ممڪن آهي جو منهنجا ماءُ ۽ پيءُ موجود آهن. انهن جي شفقت کان آئون محروم ٿيڻ جو سوچي به نٿو سگهان.

”ڇا پيا سوچيو...!؟ “ هن منهنجي سوچن جي سلسلي کي ٽوڙيندي چيو.

”آئون چاهيان ٿي ته اسان جي مرڻ کان پوءِ اسان جي دولت ڪانگن جي ويڙهه جو شڪار نه ٿئي. ان کي سنڀالڻ لاءِ اسان جو ڪو پنهنجو وارث موجود هجي. ان لاءِ مون کي اولاد جي شديد خواهش آهي. ... ڏسو خدا جي واسطي! مون کي مايوس نه ڪجو.“

آئون الائي جي ڇو ڪجهه چاهيندي به ڪُڇي نه سگهيس ۽ هن عورت، ڪار جو دروازو کوليو ۽ آئون ان ڪار ۾ ويهي رهيس. ڪار شهر جي رستن تي هلڻ لڳي. آئون سڄي واٽ اهو سوچيندو رهيس واهه جو ڪمال ٿي ويو. واٽ ويندي هڪ عورت ملي جيڪا مون کي پنهنجو اولاد بنائڻ چاهي ٿي، ۽ پنهنجي سڄي دولت

جو وارث بہ... دل ئي دل ۾ ڏاڍي خوشي محسوس ڪرڻ لڳس، ۽ دل ئي ۾ پنهنجو پاڻ کي امير ٿيندو ۽ محلن ۾ رهندي ۽ ڪارن ۾ گهمندي پئي ڏٺم. رستي ۾ ان عورت مون سان ڪجھ بہ نہ ڳالهايو. ڪار هڪ خوبصورت بنگلي ٻاهر بيٺي. هن ڪار جو دروازو کولي پهرين پاڻ لٿي ۽ منهنجو دروازو کولي مون کي ڪار مان لهڻ جو چيو ۽ پاڻ سان گڏ بنگلي ۾ اندر هلڻ جو چيائين. مختلف ڪمرن مان گذرندا هڪ خوبصورت ڪمري ۾ داخل ٿياسين. جيڪو شايد بيڊروم هو. مون کي ويهاري ڪوڪا ڪولا جي بوتل کولي گلاس ۾ وجهي ان ۾ برف بہ وجهي منهنجي اڳيان رکندي چيائين:

"توهان پيئو، هن نيڪ دل ۽ باوقار عورت جي باري ۾ سوچيندو رهيس. جيڪا مون کي پنهنجو اولاد بنائڻ جي خواهش رکي پئي. آئون پنهنجي قسمت تي رشڪ ڪندو پاڻ کي امير بنجندو محسوس ڪري رهيو هوس. اوچتو ئي هن کي سامهون ڏسي گلاس منهنجي هٿن مان ڪري پيو. وڏو ٺڪاءُ ٿيو ۽ گلاس ٽٽي پيو. ڪوڪو ڪولا سٺي غاليچي تي هارجي ويئي. هن چيو:

"ڪا ڳاهہ ناهي ڊيئر! ڳالهہ اصل ۾ هي آهي جو مسٽر رياض سان شادي ڪندي 25 سال ٿي ويا آهن. پر آئون اولاد جي نعمت کان محروم آهيان. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ مسٽر رياض علي ۾ ٻار پيدا ڪرڻ جا جراثيم نہ آهن ۽ مون کي اولاد جي بي پناهہ خواهش آهي. ڪيترائي علاج ڪرايا اٿم ۽ حيلا هلايا اٿم پر محرومي ئي منهنجو مقدر آهي. اڄ منهنجي نظر تو تي پئي مون کي اميد آهي تہ تون مون کي مايوس نہ ڪندين ۽ مونسان ضرور تعاون ڪندي. ان ڳالهہ جي مون کي رياض علي طرفان بہ اجازت مليل آهي. هو پرواري ڪمري ۾ شراب پي سُتو پيو آهي. ۽ ان عيوض آئون توکي مالا مال ڪري ڇڏيندس"

اهو چوندي بيگم رياض هڪ پيگ شراب جو پيتو ۽ پنهنجي عريان جسم سان مون ڏانهن وڌندي رهي...!!!"

# ارمانن جو مقبرو

**غربت** جي گهاٽي ۾ پيڙهجندڙ پهر ان کان ڪيئن وسرندا. جنهن ۾ کو خود نه پيڙهيو ويو هجي. ملوڪ خوشي پريا ڏينهن گذاريا هئا پر هن جي پيري عمن ۾ مصيبتن جا پهاڙ ڪٽي آئي. ملوڪ ڏهه جريب زمين جو مالڪ هو. اها زمين هن جي مائٽن کان ئي مليل هيس. جنهن جو پاڻ زميندار هو ۽ پاڻ ئي هاري. محنت ۾ عظمت هوندي آهي. ان ڪاڻ ئي محنت جي موٽ ۾ هو مڇي ماني کائڻ وارو هو. ڳوٺ ۾ هن جي تمام گهڻي عزت هوندي هئي. هن جي سياءَ ۾ شرافت جي سڄي ڳوٺ ۾ واکاڻ هوندي هئي. هن جي ٻڍائڻ جو سهارو صرف سندس زال روپا وتي ۽ سلڇڻي سڀاجهڙي خوبصورت ۽ نيڪ سيرت ڌيءُ راڻي هوندي هئي. هن جو وقت پيار عزت ۽ شرافت سان پيو گذرندو هو. خبر ناهي ته هن جي خوشين کي ڪنهن جي نظر لڳي ويئي. جو هن جي زال روپا وتي اگهي ٿي پئي ۽ بيماري به اهڙي جو اچڻ کان پوءِ وڃڻ جو نالو ئي وساري ويئي. ملوڪ زال کي علاج لاءِ شهر جي مشهور هندو ڊاڪٽر هوندراج جي اسپتال ۾ وٺي آيو. جتي داخلا،علاج ۽ ڪمري جي ڀاڃي هن جو پئسو پاڻي وانگر وهڻ لڳو. ملوڪ هوندئن به ايترو امير نه هو جو مهانگي علاج جي سٽ سهي سگهي!! بس هي انهن مان هو جو آٽين ۽ چاڙهين ڏٺ ڏهاڙي سومرو!

علاج باوجود به مرض چوي ته مون کي ملوڪ جو گهر ڇڏڻو ئي نه آهي. رڪيل پونجي ايڪس ري، رت ، پيشاب جي تپاس، ڪمري ۽ علاج ۾ خرچ ٿي ويس پر هاڻي نوبت اچي زمين وڪڻڻ تائين پهتس. ڳوٺ جو وڏيرو رئيس ولي محمد اصل هن کي اڳ ۾ تڪيو وينو هو. جڻ ته هن جي مصيبت جو انتظار هئس. جڏهن هن تي پريشانين جا پهاڙ ڪريا ته وڏيري ولي محمد هن جي وڏيڪ ويجهو ٿي هن جي هر مدد جي حامي ڀري. هن جي ڏوڪڙن ختم ٿيڻ سان ئي وڏيري ولي محمد پنهنجي پئسن جو منهن ملوڪ ڏي ڪري ڇڏيو.

ڊاڪٽر هوندراج ڪجهه ڏينهن جي داخلا، ٽيسٽن ۽ علاج جا ملوڪ کان پنجاهه هزار کان به مٿي خرچ ڪرائي ڇڏيا پر ڦڪين فرق نه ڪيو. آخر جڏهن ملوڪ وٽ سمورا پئسا ختم ٿيا. مطلب ته ڊاڪٽر هوندراج ملوڪ کي چوسي نپوڙي خالي ڪري ڇڏيو. تڏهن هن کي مشورو ڏنائين ته هاڻ مريض کي شهر جي وڏي اسپتال ۾ داخل ڪرائي. ملوڪ کي ڊاڪٽر هوندراج جي ذهنيت جو ڏک ٿيو ته اهو جواب پهرين ڏي ها جڏهن هٿ ۾ ڏوڪڙ هئم. پئسن ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر وڏي اسپتال جو مشورو ڏنو. جڏهن ته غلط علاج جي ڪري مرض به وڌي چڪو هو. ملوڪ وڏيڪ

پئسن لاءِ وڏيري ولي محمد ڏانھن رخ ڪيو. وڏيري جو منھن ھينئر ڪجھ ڦريل ھو. جنھن ڪار وھنوار رکندي چيس تہ:

”ملوڪ ٻہ پائر، ٽيون ليکو، تو ڪان پئسا مٽي نہ آھن پر دنياداري بہ ضروري آھي. پئسا اُڌار وٺڻ ڪان بھتر تہ اھو آھي تہ تون مون کي پنھنجي زمين لکي ڏي. جنھن وھنوار سان دنيا رکي ان حساب سان مون کي زمين نالي ڪري ڏي.“

ملوڪ مجبور ھو، جو زال کي وڏي اسپتال ۾ داخل ڪرايائين. ٽيسٽون ٿيون، بيماري دل جي ظاھر ٿي. ڊاڪٽرن چيو تہ دل جي رت جي ھڪ نلي بند آھي. جنھن جو آپريشن ڪراچي ۾ ٿيندو. ملوڪ پنھنجي زال کي حيدرآباد مان ڪراچي منتقل ڪيو. جتي سندس زال جي اينجوگرافي ٿي. ان ۾ بيماري ظاھر ٿي پئي. انھن ڊاڪٽرن چيس تہ ڪافي دير ڪير پھتو آھين. جلد اچين ھا تہ بيماري ايترا ڪامپليڪيشن پيدا نہ ڪري ھا !! پر وري بہ ڪوشش ڪيون ٿا. وڏن شھرن ۾ وڏين اسپتالن ۾ تہ مريضن کي ڏسڻ تپاسڻ ۾ آپريشن لاءِ تاريخون ملنديون آھن. روپاوتي جي داخل ٿيڻ سان ھن جون مختلف ٽيسٽون شروع ٿي ويون ۽ علاج چالو ٿي ويو. ملوڪ جي وڪيل سموري زمين جو وڏيري ولي محمد طرفان مليل پئسو، ڊاڪٽرن جي فين ۾ دوائن، اسپتال ۾ آپريشن جي خرچ لاءِ ھڪ وڏو چنو ٺاھي ملوڪ جي ھٿ تي رکيائون تہ ملوڪ ويتر اُداس ۾ ويڳاڻو ٿي ويو.

اسپتال جي عملي ۾ ڊاڪٽرن ڪان ھڪ ڏينھن جي مھلت گھري ھمراہ زال کي اتي وارڊ ۾ ڇڏي ڳوٺ موٽي آيو. وڏيري ولي محمد کي پنھنجو ھمدرد سمجھي، حال پائي ٿيندي سموري روئداد ٻڌايائين تہ:

”وڏيرا زمين توکي لکي ڏنم، تنھنجا ڏنل سمورا پئسا بہ پنھنجي زال جي علاج ۾ کپائي ڇڏيم، ھاڻ تہ مون وٽ ڪاڻڻ لاءِ بہ پئسا نہ آھن. ڊاڪٽر زال جي علاج ۾ آپريشن لاءِ ھي چنو لکي ڏنو آھي. ان ڪري مھرباني ڪري منھنجي واھر ڪر.“

وڏيرو ولي محمد ڦڪي مرڪ مسڪرائيندو رھيو ۽ چيائين تہ: “ ملوڪ! فڪر نہ ڪر، پنھنجا ئي پنھنجن کي ڪم ايندا آھن. آئون تہ توھان کي پنھنجو وڏو ٿو سمجھان پر ھڪڙو عرض اٿم! عرض سمجھين يا شرط سمجھين ان جي گذارش ڪندس“

ملوڪ چيس: ”وڏيرا حڪم ڪر!

وڏيري ولي محمد ڪنڌ جھڪائي، شرمائيندي چيو: ”اگر توھان پنھنجي ڌيءُ راڻي جي نڪاح مون سان ڪرايو تہ آئون توھان جو ٻچو ٻنجي توھان جي ھر واھر ڪرڻ لاءِ تيار آھيان.“

اھيو ٻڌندي ئي الائي ڪيترا طوفان ملوڪ جي مٿان گذري ويا. ھن پاڻ کي ذري گھٽ بي ھوش ٿيڻ ڪان بچائيندي چيو:

“وڏيرا هوش ۾ تہ آهين !؟ منهنجي ڌي راڻي تہ تنهنجي ڏوهٽين ۽ پوٽين جيڏي آهي، تنهنجي ۽ راڻي جي عمر ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. اهو بي جوڙ رشتو ڪندي توکي پنهنجي ڌي ڪيئن ڏيان...!؟ ”

وڏيري ولي محمد منهن ڦيرائيندي چيس: “ تہ پوءِ سائين توهان جي مرضي”

ملوڪ جي سامهون سندس بيمار زال جو چهرو آڏو اچي ويو. جيڪا پنهنجي علاج لاءِ جڻ ليلائي چئي رهي هيس تہ: “ مون کي موت جي منهن مان بچاءِ، مون کي زندگي ڏي.” ٻئي پل ئي سندس ڌي راڻي جي معصوم صورت سامهون اچي رهي هيس. ائين محسوس ڪيائين تہ ان جي چهري کي مردار سمجهي مرون پٽي رهيا هجن.... هي ٻنهي جي ٻُڌتر ۾ ٻڏي ويو.

ملوڪ جي اکين مان ڳوڙها قطارون ڪري ڪرندا رهيا ۽ پريشاني ۽ پيشيماني ۾ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين. ڪن پل ڪان پوءِ جهيڻي آواز سان چيائين:

“وڏيرا ! منهنجي مدد ڪر، جيئن تون چوندين ائين ڪندس”

وڏيري ولي محمد چيس: “هينئر تنهنجي زال بيمار آهي، ان ڪري آئون شادي ڌام ڌوم سان نہ ڪندس، پر اهو آهي تہ سادگيءَ سان سياڻي منهنجو نڪاح راڻي سان ڪرائي ڇڏ ۽ صبح جو بئنڪ کلڻ سان ئي آئون توهان کي جيترا بہ پئسا گهربل آهن، اهي ڪڍي ڏيندس. ڇاڪاڻ تہ توهان جي زال رڳو توهان جي زال نہ پر منهنجي ماءُ بہ آهي”

ٻيو صبح ڇا آيو، راڻي جي ارمانن ۽ آرزوئن جو خون ڪٽي آيو. راڻي پنهنجي اندر جي اڌمن ۽ سيني جي سورن کي سانڍي ڪنهن خاموش تربت جيان وڏيري ولي محمد جي زال بنجي وئي.

ملوڪ وڏيري کان گهربل رقم وٺي ڪراچي جو رُخ رکيو. اسپتال ۾ قدم رکندي ئي پنڊ پهڻ ٿي ويو ڇو تہ هن جي زال هن جي پهچڻ کان هڪ ڪلاڪ پهرين دل جي دوري جي ڪري گذاري چڪي هئي!

ڊاڪٽرن Death Certificate ڻاهي هن جي هٿ تي رکيو تہ هن جي اکين اڳيان اوندهہ ڇانئجي وئي ۽ ائين محسوس ٿيس جڻ سندس ارمانن جو مقبرو، زلزلي جي جهٽڪي سان پٽ ٿي ويو هجي.

## ابا الله خوش رکيئي !

**مير** محمد کي ڳوٺ ۾ ڪم ڪار نہ مليو. هن شهر طرف رُخ ڪيو. شهر ۾ بہ نوڪري ۾ پورهيو مشڪل سان ملي ٿو. پر هن همت نہ هاري ڪوشش ڪندو رهيو. آخر رئيس دلبر خان جي زيرِ تعمير بنگلي جي چوڪيداري ملي ويس. هن ان زيرِ تعمير بنگلي جي ٻاهر ئي هڪ ننڍڙي جهوپڙي ٺاهي ان ۾ رهڻ لڳو. زيرِ تعمير بنگلي جي ريتي، سيمينٽ، سريا ۽ سِرن جي حفاظت ڪندو هو. ماني ڪجھ پرڀرو ملباري جي هوٽل تان کائيندو هو. رفع حاجت لاءِ بنگلي کان اڌ ميل پري هڪ جهنگ هو، ان جو استعمال ڪندو هو.

ان ڏينهن بہ سج لهي ويو. مستري، مزدور پنهنجو ڪم ڪري روانا ٿي چڪا هئا. هي پڻ واري هوٽل تان ماني وٺي، پونگي ۾ کائي سمهڻ جي تياري ڪري رهيو هو تہ هڪ پوڙهي فقيرياڻي صدا هنئي تہ:

”ابا الله جي نالي خيرات!“

هن کي بہ خدا جو خوف ياد آيو سو 10 روپيہ ڪڍي فقيرياڻي کي ڏنائين. فقيرياڻي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ۽ جهڙپ ڏيئي هن جي پونگي ۾ گهڙي آئي. ۽ هن کي خوب دعائون ڏيڻ لڳي. دعائون ڏيندي ڏيندي هن جي ڪٽ هيٺ ويهي عجيب و غريب حرڪتون ڪرڻ لڳي. هن جو هٿ مسلسل هلندو رهيو. هن جون ڪيل حرڪتون جيڪي غير شرعي زمري ۾ اچن ٿيون. هي بہ مرد هو پهريئن تہ فقيرياڻي کي سمجهائيندو رهيو پر نيٺ شهوت هن تي غالب اچي وئي. هي اهو ڪري ويٺو جنهن کي ڪبيرو گناھ جا نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ان گناھ ڪرڻ کان پوءِ هن پاڻ کي سنڀاليو، جلدئي ڪپڙا پاتا. فقيرياڻي بہ پنهنجا ڪپڙا سنڀالي هڙ مٿي تي رکي پونگي کان ٻاهر نڪرندي چيو تہ :

”ابا الله خوش رکيئي، تو امان کي اصل ٺاري ۾ جياي ڇڏيو.....!!؟“

# عظيم ليکڪ

**هو** سنو ليکاري هو. هن جا لکيل ليک آئون ڏاڍي شوق سان پڙهندو هوس. الغرض تہ هو منهنجي پسند جو ليکڪ هو. هن جون لکڻيون معاشري جون عڪاسي ڪنديون هيون. هن جا لکيل ليک معاشري جي برائين کي لپاٽون هڻندا رهندا هيا. هن جو لکڻ واري دنيا ۾ وڏو نالو هو. آئون بہ هميشہ هن جي عظمت کي سلام ڪندو رهندو هئس. من ۾ ڏاڍو شوق هو تہ هن سان ملاقات ڪريان.

هڪ ڏينهن وقت ڪڍي هن سان ملڻ لاءِ هن جي آستاني تي پهتس. مون کي اتي پهچڻ ۾ ڪافي دير ٿي چڪي هئي. ڪافي رات ٿي چڪي هئي. اتي پهتس تہ خبر پئي تہ: صاحب سمهي چڪو آهي. انڪري هاڻي صاحب ملي نہ سگهندو. ان جي ملازمن کي پنهنجو تعارف ڪرايم ۽ ٻڌايومانس تہ پري کان آيو آهيان. صرف توهان جي صاحب جو ديدار ڪري ان جا هٿ چمي، هليو ويندس. رڳو هڪ منٽ لاءِ صاحب کي سڏايو. چاڪاڻ تہ آئون هن جو معتقد آهيان. ڪافي بحث مباحثي کان پوءِ صاحب جا ملازم راضي ٿي ويا ۽ مون کي اوطاق جي هڪ اهڙي ڪمري ۾ وٺي آيا جتي اهو عظيم دانشور شراب جي نشي ۾ اڌ ننگي حالت ۾ هڪ بازاري عورت سان گڏ مليو. نشو ايترو تہ چڙهيل هئس جو مون ان مهل ئي واپسي ۾ پنهنجي عافيت سمجهي. منهنجي سِر تي هن جي عظمت جو ٺهيل بُت پورا پورا ٿي ويو...!

## شارٽ ڪٽ

**ڪامريڊ** ڪاري ڪوڪي ڪافي عرصو بي روزگار ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو شهر جي با رونق بازار ۾ شيشن واري ايئر ڪنڊيشن آفيس کولي چڏي. پڇيومانس ته آفس ڇا جي کولي اٿئي. ورندي ڏنائين ته "شارٽ ڪٽ ڪيو اٿم. پڇيومانس ته اهو شارٽ ڪٽ ڇا آهي؟ چيائين ته هن شهر ۾ اينڊڙ دوائن جي سپلاءِ گاڏيون، ڊبل روٽي، پاپا وڪڻڻ لاءِ اينڊڙ گاڏيون يا جيڪي گاڏيون ڪنهن به قسم جو ڪاروبار ڪرڻ هن شهر ۾ اچن ٿيون انهن ڪان منٿلي وٺڻ شروع ڪئي اٿم. جنههن لاءِ هي آفيس کولي اٿم چيو مانس ته اهو وري ڪيئن؟ چيائين شروع ۾ انهن گاڏين کي لٽن ۽ ڦرڻ شروع ڪيم ۽ هاٽي پاٺهي لائين تي اچي ويا هاڻ ايمانداري سان هڪ حصو پاڻ رکان هڪ حصو پوليس کي ڏيان ۽ هڪ حصو جيڪا پارٽي جوائن ڪئي اٿم جيئن مون کي ڪجھ به ٿئي ته هو ڀرپور مدد ڪن روزي سان تحفظ به حاصل ٿي ويو آهي.

# لتر ۽ چڪر

**هوٽل** تي ويٺي ڏٺم تہ مسز اسلم ڪنھن غير مرد سان گڏ هوٽل تي ماني کائڻ آئي. جيئن تہ هي منھنجي مريض رهي چڪي هئي. ان ڪري مون هن کي سڃاتو. هي بار بار مون کان لڪي رهي هئي. پر سمجهي ويئي هئي تہ ڊاڪٽر مون کي سڃاڻي ورتو آهي. کاڌو کائي جڏهن وڃڻ لڳي تہ هي مون وٽ هلي آئي. آهستگيءَ سان مون کي چيائين تہ:

"ڊاڪٽر صاحب! منھنجي عزت رکجو! منھنجي مڙس سان ان ڳالھ جو ذڪر نہ ڪجو تہ آئون ڪنھن غير مرد سان گڏ هوٽل تي ماني کائڻ آئي هيس"

اهو چئي هوءَ ويندي رهي. پوري ٻن ڪلاڪن کان پوءِ منھنجي حيرانگيءَ جي حد نہ رهي ان ئي عورت جو مڙس مسٽر اسلم اسان جي شهر جي هڪ ليڊي هيلٿ ورڪر سان گڏ ماني کائڻ آيو. جيئن تہ ڊاڪٽر هجڻ جي حيثيت سان ليڊي هيلٿ ورڪرن سان واسطو رهي ٿو. ليڊي هيلٿ ورڪر ماني کائي مون وٽ آئي. سلام ڪندي چيائين:

"سر اسان جي سٺي واري دوستي آهي. ڪا بہ غلط ڳالھ ناهي. متان توهان ڪا غلط سمجهو."

اهو چئي هو وڃڻ لڳي. آئون ڪجھ سوچيان ئي سوچيان هوءَ وڃي چڪي هئي.

## قول ۽ فعل

**هو** هميشه فيس بوڪ ۽ واٽس ائپ تي نماز، قرآن پڙهڻ جي قاعدن جي حديثن وارو ميسيج ڪندو هو. جنهن ۾ نماز ۽ قرآن شريف پڙهڻ جي تلقين ۽ قاعدا هوندا هئا ۽ نه پڙهڻ وارن لاءِ عذاب جو ذڪر هوندو هو.

هڪ ڏينهن وچين نماز مهل ڪرڪيٽ جي گرائونڊ تي راند ڪيڏندي ڏٺومانس وچين نماز کان سانجهي نماز جو وقت به ختم ٿي ويو. هي ڪرڪيٽ کيڏڻ ۾ مشغول هو. نماز هن کي ياد ئي نه هئي...!!!

## منافع بخش ڪاروبار

1984ع وارن ڏينهن ۾ سرجيڪل وارڊ نمبر 2 جي بيڊ نمبر 2 تي ابوبڪر نالي مريض گردي جي پٿري جي سلسلي ۾ داخل هو. هن جو آپريشن هو. ڊاڪٽر هن کي هڪ پرچو دوائن جو لکي ڏنو ته وٺي اچ ته سڀاڻي تنهنجو آپريشن ڪريون. هن وٽ پئسا نه هئا. آپريشن ملتوي ٿي ويو. آخر ٿي دفعا هن جو آپريشن ملتوي ٿيو. پيشاب جي نالي ۾ ڪيٿٽر لڳل هٿ ۾ يورين بيگ آيو. آئون ڪائونٽر تي وينل هئس. چيائين ته:

“ڊاڪٽر مون وٽ پئسا ته آهن ئي ڪو نه.”

چيومانس ته ڪو عزيز قريب ! چيائين ته عزيز قريب نه آهي. هن جي هٿ تي ڪجھ نوٽ رکيم ۽ سڄي وارڊ کان چندو ڪري هن کي پئسا ڏنم. ٻئي ڏينهن هن جو آپريشن ٿي ويو.

1984ع کان پوءِ 2017ع ۾ صدر بازار حيدرآباد ۾ مليو. يورين بيگ هٿ ۾ ۽ پيشاب جي نلي ۾ ڪيٿٽر لڳل هو. ڪافي پوڙهو ٿي ويو هو. مون کي سڃاڻي ورتائين ۽ نالو وٺي سڏ ڪيائين: چيائين ته:

“سائين توهان چندو ڪري جنهن ڏينهن منهنجو آپريشن ڪرايو. نيڪ ٿيڻ کانپوءِ مون کان ڪو به ڪم نه پڇيو سو ٻيهر پيشاب يورين بيگ ۾ ڪريو. بيگ هٿ ۾ کينو پندو وتان پيو. چيائين ته : سائين هاڻ ته روزگار به اهوئي آهي ۽ آهي به ڪافي منافع بخش جنهن ۾ نه دماغ لڳي ۽ نه ئي ڪا محنت !!!

# اقبال بلوچ



**سنڌي** ڪهاڻي گذريل هڪ 100 سالن کان وٺي، پنهنجي سفر تي جاري آهي. جيڪڏهن پاڻ جديد سنڌي ڪهاڻي جي شروعات سال 1914ع ۾ لال چند امر ڏنو مل جي ڪهاڻي حُر مکي جا مجيون ٽا تہ پوءِ اهو سفر يقيناً هڪ صديءَ کان وڌو ٿي ويندو. انهيءَ هڪ صديءَ دوران سنڌي ڪهاڻي پنهنجي سفر کان وٺي مختلف مرحلا طئي ڪندي پئي اچي. سنڌي ڪهاڻي جي هن سفر ۾ اوائلي ڪهاڻيڪارن لال چند امر ڏني مل، مرزا نادر بيگ، امر لال هنگوراڻي، آسانند مامتورا، گوبند پنجابي ڪي، ايس ٻالاڻي، حشو ڪيولراماڻي ۽ شيخ اياز جا نالا اهم آهن. ورهاڱي ڪانپوءِ ع، ق شيخ، جمال ابڙي، اياز قادري، غلام نبي مغل، امر جليل، علي بابا، زيب سنڌي، شوڪت ڪيهر، شرجيل، شوڪت حسين شورو، مشتاق احمد شورو، ماڻڪ ۽ طارق قريشي نا نالا ڪنهن بہ ريت نظر انداز نہ ٿا ڪري سگهجن. چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ سنڌي ڪهاڻي جو سفر جاري آهي ۽ جاري رهندو. اهيو سفر هرگز بيهٽو نہ آهي. سنڌي ٻولي ۾ جيڪي اڄ جا ڪهاڻيڪار آهن. انهن ۾ اقبال بلوچ بہ شامل آهي ، پاڻ بنيادي طرح ڪهاڻيڪار آهي ۽ گڏو گڏ شاعر بہ آهي.

ڪهاڻيون جيڪو هو گذريل چاليھ سالن کان لکندو پيو اچي. گهٽ لکيو اٿس پر ڪهاڻي سان سندس ذوق ۽ شوق جاري آهي. هن وقت تائين ڪهاڻين جا 2 مجموعہ شايع ٿي چڪا اٿس ۽ 2 مجموعہ شاعري جا اچي چڪا آهن. وڏي ڳالھ تہ هن جي هڪ ڪهاڻي سرائڪي ۾ لکيل آهي. سرائيڪي بہ سنڌي ٻولي جي ڄائي آهي ۽ اسان جي پنهنجي ٻولي آهي. سندس اها ڪهاڻي نج ٻهراڙي جي ماحول بابت لکيل آهي. ڪهاڻي ۾ آيل ڪردار سورٺ، سوڍا اسان جي معاشري جا ڪردار آهن. ۽ سورٺ جي ڪهاڻي سنڌ جي هر ڳوٺ جي ڪهاڻي آهي.

اميد اٿم تہ اقبال بلوچ ڪهاڻي سان پنهنجو نينهن نڀائيندو رهندو ۽ هو سنڌي ادب کي وڏيڪ ڪهاڻيون ڏيندو رهندو.

**مدد علي سنڌي**

# خواب اڌورا

**هنن** کي اسان جي جاءِ ۾ رهندي ڪجھ عرصو ئي مس گذريو هو هن جو خاندان ۽ اسان جي گهر جا ڀاتي جڻ هڪ گهر جيان ٿي ويا هئا. اسان جو ضلعو نئون ٺهيو هو نئين ضلعي جي قيام سان نوڪرين جون پرتيون هليون پئي ۽ ڪي ڪامورا ٻين ضلعن مان بہ بدلي ٿي آيا هئا. منهنجو پيءُ بہ روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ سپرينڊنٽ هو. هو بہ بدلي ڪرائي پنهنجي اباڻي ضلعي ۾ آيو هو. اسان جي سڄو خاندان هن ئي شهر ۾ رهندو هو تہ بابا جي جڻ عيد ٿي وئي. جو پنهنجي گهر ۽ پنهنجي فيملي سان گڏ رهڻ لاءِ اچي ويو هو.

بابا جو هڪ دوست ۽ هن جي آفيس جو هڪ ساٿي محسن علي بہ بابا سان گڏ بدلي ٿي آيو هو. ڪجھ وقت تہ هن آئوٽ ٻئڪ ڪيو پر پوءِ جلدي ٿڪجي پيو. اسان جي پر واري جاءِ جيڪا بابا جي جاءِ هئي هميشہ مسواڙ تي رهندي هئي. بابا هن کي هن جي اصرار تي اها جاءِ مسواڙ تي ڏني تہ هو پنهنجي فيملي وٺي آيو ۽ اچي پنهنجي ڪٽنب کي رهايائين.

اسان جو گهر وڏي ڪٽنب وارو هو پر هنن جو ڪٽنب ڇهن ڀاتين تي مشتمل هو اسان جي ڀاتين ۾ آءُ سڀ کان ننڍو هوس ۽ هن جي ڀاتين ۾ رابيل سڀ کان ننڍي هئي آءُ پرائمري پڙهي مڊل اسڪول ۾ داخل ٿي چڪو هوس ۽ رابيل پرائمري جي آخري ڪلاس ۾ پڙهي رهي هئي. رابيل تمام گهڻي سهڻي ۽ گڏڙي جيان هئي تمام گهڻي ذهين، شرارتي هئي پنهنجي ڳالهين ۽ شرارتن سان هر ڪنهن جي دل موهي ڇڏيندي هئي. رابيل جو گهڻو وقت مون سان گذرندو هو. مون سان کهچريون ڪندي هئي. اسان ٻئي ٻاتن ٻاتن ٻولڙن سان ڳالهائيندي رلندي ملندي جيون جا ننڍڙا لمحا گذاري رهيا هئاسين رابيل جي ماءُ ڪنهن سوڏي سامان لاءِ رابيل کي بازار موڪليندي هئي تہ مون کي سڏي چوندي هئي

ابا منور! رابيل سان گڏجي وڃ ۽ آءُ خوشي خوشي رابيل سان گڏ ويندو هوس رابيل ۽ آءُ ٻاتڙيون ٻاتڙيون ڳالهيون ڪري اسڪول جي پڙهائي بابت هڪ ٻئي کي بيت ٻڌائيندي هڪ ٻئي کي شيون ڪارائيندي سنا ٻاراٽا دوست ٿي ويا هئاسين ۽ ائين سال کن گذري ويو. هڪ ڏينهن آءُ هن لاءِ ملڪ ٽافي ۽ ببل گم وٺي آيس جو اهي ٻئي شيون هن کي وٽنديون هيون دل ۾ پهريون دفعو ڊپ محسوس ڪندي سوچيم تہ هن کي اهي شيون ڪيئن ڏيان؟ پر جڏهن ڏنمانس تہ خوشي سان وٺندي چيائين منور تون ڇا مون کي ايترو پائيندو آهين؟

مون چيو مانس ها رابيل ! تون مون کي ڏاڍي وڻندي آهين. دل چوندي آهي ته جيڪا شي آءُ کاوان اها شي تون به کائين پوءِ هر روز هن کي ملڪ ٽافي ۽ ببل گم ضرور ڏيندو هوس. ته هو کل خوشي سان وٺي کائيندي هئي ۽ پوءِ هن به منهنجي لاءِ چپس وٺڻ شروع ڪيا. مون کي پٽاٽن سان ٺهيل چپس وڻندا هئا. ۽ پوءِ اهو شين وارو سلسلو اسان جو شروع ٿي ويو تيئن ئي اسان جي ٻاراڻي دوستي پختي ٿيندي پئي وڃي اسان جي پاڙي ۾ گهرن کان ٿورو پر پرو هڪ واهه وهندو هو پاڙي جون سڀ عورتون انهي واهه ۾ ڪپڙا ڌوئيندڍيون هيون ۽ پاڙي جا سڀ ننڍا ٻار انهي واهه ۾ وهجندا هئا. اهو هر روز جو معمول هو سڀ ٻار جيئن ئي اسڪول مان واپس ايندا هئا ڪپڙا بدلائي سڌو واهه جو رخ ڪندا هئا. ڏسندي ڏسندي سڄو واهه ٻارڙن سان پرجي ويندو هو.

رابيل مون کان اڳ اسڪول مان اچي ويندي هئي ۽ ٻاهر گهٽي ۾ اسان جي دروازي تي ويهي منهنجو انتظار ڪندي هئي. جئين ئي آءُ پهچندو هوس ڪپڙا بدلائي اسان به وهنجڻ لاءِ واهه ۾ پهچي ويندا هئاسين. اسان به ٻين ٻارن وانگر پاڻي اندر لڪ لڪوٽي راند ڪندا هئاسين. پر رابيل سيني ٻارن کي منع ڪري ڇڏيو هو ته هن سان ڪير به هي راند نه ڪندو هو صرف مون سان لڪ لڪوٽي راند ڪندي هئي. چوندي هئي ته صرف تون ئي مون سان هي راند ڪر ۽ مون کي ڳولهي هٿ ڪر ۽ پوءِ صرف آءُ ئي هن سان راند ڪندي ڳولهيندو هوس ۽ هو به صرف مون کي ئي ڳولهيندي هئي آءُ هن کي پاڪر پائي ڳولهي وٺندو هوس ته هن کي ڪو به حجاب يا اعتراض نه ٿيندو هو. ته منهنجو هٿ هن جي جسم جي ڪهڙي حصي تي لڳو يا مون هن کي پاڪر پائي ڳولهي ورتو. آءُ پاڪر پائي ڳولهي وٺندو هوس ته خوشي وچان مون کي چنبڙي پوندي هئي. گهر جي ٻاهرين گيٽ تي ٽن ڏاڪن واري سيمينٽ سان ٺهيل دڪي تي ويهي اسان ڪوڙ ساريون ڪچهريون ڪندا هئاسين. وچين نماز مهل اسان امام بارگاهه پرسان جارين مان پيرون پٽڻ ويندا هئاسين هو جارين مان منا منا پيرون پٽي جهول پريندي هئي جارين جي ڇانو ۾ ويهي کائيندا هئاسين ۽ آءُ هن لاءِ گيدوڙي جي وڻ مان ليار پٽي ايندو هوس. مون کي ليار نه وڻندا هئا پر رابيل شوق سان کائيندي هئي ٻير جي وڻ مان پٿر هڻي آءُ ٻير ڇاڻيندو هوس ۽ هو ڊوڙي ڊوڙي ڪرندڙ ٻيرن کي هٿ ڪري جهولي پريندي هئي. امام بارگاهه پويان انبن جو باغ هوندو هو. انهي مان ڪچڙيون انبڙيون ڪٽي ايندو هوس جو رابيل کي ڪچڙيون انبڙيون جام وڻنديون هيون ۽ ڪيترا دفعا ائين ڪرڻ سان باغ جي مالهي جون مارون به کاڌيون هيم. پاڙي جا سڀ ٻار شام جو گڏ ٿيندا هئا. اسان جي گهر اڳيان هڪ وڏول ٿلهو هوندو هو انهي ٿلهي تي راند ڪندا هئاسين

قر قر سونٽو

ڦر ڦر سونٽو
دبلي چٽڪائي ڏي
سون سون پائي ڏي....

چوطرف ڏهه پندرهن ٻار دائري جي صورت ۾ اکيون بند ڪري ڪنڌ هيٺ ڪري ٻن ٽنگن جي وچ ۾ ڪنڌ جهڪائي ويهندا هئاسين. زناني پوتي سان ٺهيل سونٽو ڪنهن ٻار جي پويان رکندا هئاسين جڏهن رابيل جي واري ايندي هئي ته هو منهنجي پويان سونٽو رکي پنهنجي ننڍي هٿڙي سان هلڪڙو ڇهاءُ ڏيئي مون کي ٻڌائي ڇڏيندي هئي ته آءٌ سمجهي ويندو هوس ته رابيل سونٽو منهنجي پويان رکيو آهي ۽ آءٌ ٻه رابيل سان ائين ڪندو هوس.

ست ٺڪريون راند ڪندي آءٌ موقعو ڏيندو هوس ته رابيل ست ٺڪريون ٺاهي وٺي ۽ ٻال ٻه نه لڳيس ائين اسان ٻنهي جي ٻهارن سان پريل پتڪڙا پتڪڙا ڏينهڙا موجن وارا مستين وارا ڪن پل ۾ پئي گذريا شعوري طرح ۽ لاشعوري طرح مون کي خبر ئي نه پئجي رهي هئي ته رابيل منهنجي دل جي ڪيترو ويجهو ٿي چڪي هئي ۽ رابيل ٻه ڪڏهن لفظن جو اظهار نه ڪندي مون کي پنهنجي دل جي ڪنهن ڪُنڊ پاسي تي ضرور ويهاري ڇڏيو هو.

ائين اسان جا ننڍڙا پتڪڙا پير شايد جواني جي پهرين ڏاڪي کي ڇُهي رهيا هئا پنهنجي ڏي جي وڌندڙ جسم کي محسوس ڪندي (جو هن جي وڌندڙ جسم سان لڳي رهيو هو ته هن جا قدم ٻه جواني جي ڏاڪي تي چڙهي رهيا هئا) هڪ ڏينهن رابيل جي ماءُ هن کي چيو ته

پُٽ رابيل تون هاڻ وڏي ٿيندي پئي وڃين ڇوڪرن سان راند نه ڪندي ڪر ته رابيل کي اهو احساس ئي نه ٿيو هو ته هو واقعي جواني جي راهه تي تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻي رهي هئي.

ڇيائين امان مون سان منور هوندو آهي پر وري ٻه ڇيائين منور ڪان جدا ٿي ٻي ڪنهن سان راند نه ڪجانءِ ڪڏهن ائين ٿيو ٻه نه هيو جو رابيل مون ڪان سواءِ ٻي ڪنهن سان راند ڪندي هجي. تڏهن ٻه سختي سان منع ڪندي ماءُ چيس ته اڄ ڪان پوءِ تون واهه ۾ نه وهنجندين تڏهن رابيل کي اوچتو احساس محسوس ٿيڻ لڳو

پاڻ هو جوان ٿي وئي آهي.... ۽ مون ٻه چيومانس ته رابيل تون وڏي پئي ٿئين اڄ ڪانپوءِ تون واهه ۾ نه وهنجانءِ .

نيڪ آهي منور رابيل جڻ منهنجو چوڻ مڃي ورتو

آءٌ ته ڪڏهن ڪڏهن وهنجي وٺندو هوس پر رابيل منهنجي چوڻ کي آخري ليڪو سمجهي ڪڏهن ٻه نه وهنجندي هئي البت واهه جي ڪپ تي ويهي ٻين ٻارن کي ۽ مون کي ڏسندي هئي. منهنجي مائٽن يا رابيل جي مائٽن اسان ٻن کي

هميشہ گڏ ڏسندي ڪڏهن بہ آرها نہ ٿيا هئا. يا ڪڏهن بہ اهو محسوس نہ ڪيو تہ اسان ٻن وچ ۾ ڪنهن بہ قسم جي بي شرمائي يا بي حيائي جي ڪا ڳالھ هجي ۽ ائين هو بہ ڪونہ.... تہ اسان ٻن جي ڪچهرين ۾ ڪنهن قسم جو اڏنگو لفظ نہ نڪتو هجي تہ اسان هڪٻئي سان بي انتها پيار ڪريون ٿا.

اسان جا ٻاراڻا قدم ننيڙي جواني ڏانهن وڌي چڪا هئا آءُ ميٽرڪ ۾ اچي پهتو هوس ۽ رابيل مون کان هڪ ڪلاس پوئتي هئي هاڻ اسان سپ رانديون ڇڏي ڏنيون هيون. صرف ببل گم ۽ ملڪ ٽافيون رابيل کي ڏيندو هوس ۽ رابيل بہ اسڪول مان موٽندي مون لاءِ چپس ضرور وٺي ايندي هئي ۽ هاڻ اسان جون ڪچهريون يا تہ رابيل کي هوم ورڪ ڪرائيندي هن جي گهر ۾ ٿينديون هيون يا گهر جي ٻاهران دروازي جي چائنٽ تي ٺهيل سيمنينٽ جي دڪي تي ويهي ڪندا هئاسين تان جو آءُ انٽر تي اچي پهتس ۽ رابيل مئٽرڪ پاس ڪري چڪي هئي تہ ائين اوچتو خبر پئي تہ رابيل جي پيءُ کي پروموشن ڏيئي ڪراچي بدلي ڪيو ويو. رابيل جي گهر ۾ خوشيون هيون پر رابيل مون کي جدا نہ ٿيڻ پئي چاهيو اسان ٻنهي جي غم سيني محسوس ڪري ورتو هو پر اسان ڪجھ بہ نہ ڪچي سگهياسين هفتي ، ڏھ ڏينهن اندر هو هتان شفٽ ٿي چڪا هئا.

رابيل مون کان تمام گهڻا پري هلي ويئي هئي اسان تہ اجان پيار جا ٻول ٻوليائي ڪو نہ هئا. اسان تہ اجان منڙين منڙين ڳالهين جي شروعات ئي نہ ڪئي هئي آءُ تہ اجان همت ئي نہ ساري سگهيو هوس تہ رابيل کي چئي سگهان ها تہ رابيل آءُ توسان ڪيترو پيار ڪريان ٿو... ۽ رابيل بہ مون کي بي انتها چاهيندي بہ انهن لفظن جو ا ظهار نہ ڪري سگهي هئي. اسان تہ اجان انهن لفظن جو اظهار نہ ڪري سگهيا هئاسين تہ اسان هڪٻئي کان ڪڏهن بہ جدا نہ ٿينداسين تہ جدا ٿي وياسين. اسان هڪٻئي کان جدا ٿي وياسين. اسان جي ٻاراڻي محبت جيڪي ننيڙي گلاب جي گل جيان هئي. اهو گلاب جو گل اسان پوکيو ضرور هو پر اهو گل اجان ٽڙيو نہ هو اسان انهي گلاب جي گل جي اسرڻ ٽڙڻ جو انتظار هيو هن جي خوشبو سان واسجڻ جو انتظار هيو تہ اهو گلاب جو گل ڇڻ ڪنهن پٽي ورتو هجي. ۽ اهو گل ڪومائجي ويو هجي مون ۽ رابيل جيڪي خواب دل ئي دل ۾ سانديا هئا اهي بنا تعبير جي ٽٽي چڪا هئا سپ خواب اڌورا رهجي ويا.... سپ تعبيرون اڌ ۾ رهجي ويو.

# نينهن نيايا جوين تون

**ميڏي** پڦي ڳوٺ منل چانڊيو وچ پرڻيل هئي. اهو ڳوٺ اسان ڏي ننڍڙي شهر کنون اٹ کوھ پري ها. ميڏا تہ اُهين ڳوٺ وچ قضا ڪاڻ وڃڻ ٿيندا ها. پر بابا ۽ امان گهٹا ڪر آندي ويندي رهندي هن. ميڏي پڦي دا مڑس اساڏا هم ذات ضرور ها پر ڪو ويجها مائٹ نہ ها. اهين ڳوٺ وچ سواءِ پڦي دي ڪو ٻہ مائٹ نہ ها. ... ها ذات ساڳئي هئي. اوين چا آکيجي تہ ميڏي پڦي ڏاريان وچ پرڻيل هئي. هُڻ تہ اوندي اولاد ٻہ آڻ جوان ٿي هئي. هڪ پٽ سوڍا ۽ هڪ ڌي سورٹ نالي، انهان دي اولاد هئي. او سب اسان ڪن، شادي مرادي، مرڻي پرڻي تہ آندي ئي رهندي هن.... پر اوين ٻہ مهني وچ هڪ ڏون دفعہ آندي هن. امان ٻہ انهان تي ساھ پئي چوڙيندي هئي. جڏهن اسان ڏي گهر آندي هن تہ سوڍا ۽ سورٹ تہ مين نال ئي هوندي هن. سورٹ نال تہ ڏاڍيان ڪچهريان ٻہ ٿينديان هن. سورٹ مين نال نهندي تہ گهٹا هئي. اسان ڏا پيار ڏيک تي اسان ڏهين دي ماوان ولهور پئي ٿينديان آهن... سوڍا مين جيڏا ها ۽ سورٹ ميڪنون پنج سال ننڍي هئي. انهان دي ڳوٺ وچ اجان تائين ٻہ بجلي نہ هئي ۽ نہ ئي ڪي بنيادي سهولتان هن. مڊل اسڪول مس ها. ويھ ٽيھ گهران نال آباد اهو ڳوٺ ٻني ٻاري تي آباد ها. ڳوٺ دي سب ماڻهو ٻني ٻاري ۽ مال وٿاڻ تي گذران ڪريندي آهن. تعليم صفا نہ هئڻ دي برابر هئي.

سورٹ تہ اٹ ڪلاس پڑھ گهر وچ ٻھ رهي پر سوڍا وڌيڪ پڑهڻ ڪيتي اسان ڏي شهر آڳيا ها. اسان ڏا شهر ٻہ ڪو خاص وڏا شهر نہ ها. هڪ ننڍا شهر ها پر هاءِ اسڪول، ڪاليج دي تعليم دي سهولت موجود هئي. بجلي، پاڻي، روڊ رستا اوين چا آکيجي تہ هڪ وڏا سڌريل ڳوٺ ۽ ننڍا شهر ها. سوڍا اٹ ڪلاس پاس ڪر تي وڌيڪ پڑهڻ خاطر اسان ڏي ڳوٺ آڳيا ها. اسان نائين ڪلاس ڪُنون گڏ پڑهڻ لڳوسي. سوڍا اسان دي گهر رهندا ها. تنهن ڪري سوٹ ڪنون وڌيڪ اسان دوست ٻہ ٿي ڳئي هسي. سدائين گڏ گهمندي ڦرندي هسي، ڪڏهن ڪڏهن سوڍا ڳوٺ ويندا ها تہ ميڪون ٻہ گڏ گهن ويندا ها. هڪ رات ترس تي واپس آويندي هسي. مين تہ سورٹ ڪيتي ويندا هم جو اونڌي سڪ لڳدي هم. ميڪون سورٹ آهدي هئي تہ علي نواز تون هر هفتي سوڍي نال آويندا ڪر... هڪ رات، ڏون راتان تہ رهندا هي سوڍا. سورٹ آکيا، علي نواز تين نال ڪچهري ڪريندي ميڪون مذا ٻہ آندا هي ۽

ميڪون تيڏي سڪ لڳندي هي، پر هر هفتي مين نہ ويندا هم. پڦي بہ ميڪون گھڻا پائيندي هئي. شايد دل وچ اها نيت ڪيتي ٻيني هئي تہ علي نواز ڪون مين آپڻي ڌي سورٺ نال شادي ڪر ويسان ۽ علي نواز ڌي پيڻ آپڻي سوڍي ڪيتي گھن آسان. انٽر پاس ڪر ڳيوسي سورٺ بہ اٺان ڪلاس پاس ڪر ڇوڙيا ها. مين پڦي ڪون منتان ڪيتيان هن تہ سورٺ پڙهائي وچ ڏاڍي هوشيار هي. ايڪون وڏيڪ پڙهاوڻ ڪيتي اسان ڪن ڇوڙ... گھر تہ آپڻاهي. سورٺ بہ پڙھ پوسي. سورٺ دي ماءِ ڪون تہ ڪو اعتراض نہ ها. پر سورٺ دي بابا اجازت نہ ڏيتي تہ ڌي ذات، جوان ٿي ڳئي هي وڏيڪ پڙهاوڻ مناسب ڪونهي.

ٻارهين ڪلاس پاس ڪرڻ ڪنون بعد موڪلان ٿي ڳيان هن. سوڍي مين نال اهو طئي ڪيتا تہ ڏون مهيني گرميان واليان موڪلان آپ ميڏي ڳوٺ گذارسيون مين تہ دل وچ ٻاغ ٻهار ٿي ڳيم تہ سورٺ نال ڪچھريان ٿيسن ۽ ميڪون اجازت بہ مل ڳئي. امان ، بابا آکيا تہ ڀلي وڃ.

پڦي دا مڙس ها تہ ڏاريا پر اسان ڪون پائيندا بہ ها. ويتر جو سوڍا ميڏا دوست ها تہ وڏيڪ ڀاوڻ لڳا ها. سورٺ دل وچ جمهريان پاوڻ لڳي هئي. ميڏي تہ خدمت او دل نال ڪرڻ لڳي هئي. ڪا بہ ڪسر نہ ڇوڙيندي هئي تہ ميڏي خدمت وچ ڪا گھٽتائي ٿي وڃي. صبح دا نيرن هٿان نال ڪويندي هئي. آهدي هئي علي نواز، شال سدائين مين تيڪون اوين ئي آپڻي هٿان نال ماني ڪواوان.

علي نواز امان آکدي هي تہ مين تيڏي شادي علي نواز نال ڪر ويسان. ها علي نواز ڪيا اهو سچ هي؟ تون مين ڳوناڻي نال شادي ڪريسين...!؟

ها سورٺ تون صرف ميڏي هوين... مين تين نال ئي شادي ڪريسان. سورٺ جتنا ميڪون پيار ڪريندي هوين، ميڏي دل وچ بہ تيڏي ڪاڻ تمام گھڻا پيار هي مين تين نال ئي پيار ڪريندا هم.

سورٺ هُڻ تہ سدا ملوڪ ڇوڪري ٿي پئي هئي. اوندا نوجواني والا بدن اُڀر آيا ها... جواني نال تہ اصل مارپئي گتيس... وال وڏي... رنگ دي پوري ، سهڻيان اکيان وچ سُرما پائيندي هئي تہ جڻ پري لڳدي هئي. سڄي ڳوٺ دا نڪ ٿي پئي هئي. ڳوٺ دي هر نوجوان دي اها مرضي هئي تہ سورٺ ميڏي ڪنوار ٿيوي. پر سورٺ تہ ڪنهن ڪون گاھ ئي ڪونہ گتيندي هئي. ڳوٺ دي سڀ مرد صبح نال ڪوڏر ڪلهي تي رکي، ڪهاڙي هٿ وچ چاتي، ٻنيان وچ هلي ويندي هن. مين ۽

سوڍا بس گھر وچ ھوندي ھسي. سوڍي دا تہ آپڻا ڳوٺ ھا... اھو آپڻي سوٽ نال ملڻ ڪيتي. انھان دي گھر ھليا ويندا ھا ميکون بہ ڪڏھن ڪڏھن گھن ويندا ھا. پر ميڏي دل ھميشہ اھو آکھدي ھئي تہ مين سورٹ ڪن ٻينا ھووان. پڦي نال ڪچھري ڪران.

سورٹ ميڏي ڪيتي چانھ پاڻي، ٻوڙ ماني آپڻي ھٿان نال ٺاھيندي ھئي ۽ آپڻي ھٿان نال کويندي ھئي.... جڻ تہ ميڏي خدمت وچ ئي لڳي پئي ھوندي ھئي. ڪڏھن ڪڏھن ھئو، مئو تليل ھوندا ھا تہ مين سورٹ دي ٻانھن چڪ تي پاڪر وچ پريندا ھمس ۽ چميان بہ ڏي گھنداھمس. او بہ زور نال چنبڙ پوندي ھئي ھڪ منٹ وچ پاڪر وچون نڪل تي آکھدي ھئي....

الا! ڪير ڏيک نہ گھني... مين تہ مرويسان، ميکون بابا مار چوڙيسي.

ترس تہ مين ڏيکان، ڪير آندا تہ کونھي پيا... لوڙھي ڪنون، پري پري تائين نظر ڦيريندي ھئي ... ول آڻ ميکون پاکر وچ پريندي ھئي. اسان چميان ۽ پاکر والي حد تائين گھٽا ويجھي ٿي ڳئي ھسي. سورٹ دي بہ دل آکھدي ھئي.

مين ھر روز اوين علي نواز  نال پاکران ۽ چميان وچ ھووان ۽ ڪچھري ڪران...

علي نواز جلد ڪر آپڻيان مائٽان کون موڪل ميکون پرڻا تي گھن ھل.

مين وڏيڪ تين ڪنون سوا اڪيلي نہ پئي رہ سگھدي ھان.

اوين نہ ٿيوي تہ بابا ميڏي شادي آپڻي ڪنھن پائيتي، پاڻيجي نال ڪروا چوڙي تيڪنون مين سواءِ ڪو نہ رھ سگھسان علي نواز.... اٿان سپ اڻ پڑھيل... مال وٿاڻ والي ڪنھن جاھل نال ميکون پرڻايوني  تہ... ميڏي زندگي زھر ٿي ويسي علي نواز... مين تيکون ھٿ پئي ٻڌيندي ھا، جلدي ميکون گھن وچ.

مين اوندي سپ ڳالھ سمجھ ڳيا ھم... مين اکيومس :

تون دل نہ لاھ تون ميڏي ھوين تيڏي ماءُ بہ آک چوڙيا ھي تون ڪيون پئي کتکا کريندي ھوين. سورٹ بہ آپڻي ماءُ دي ڳالھ پچون... آپڻي اميد دي ڏيئي ٻال چوڙي ھن. اکيان دي  ڳوڑھي چا اگھدي ھئي.  بس سورٹ ڪجھ وڏيڪ پڑھ گھنا جو نوکري ڪرڻ جھڑا ٿي پووان تہ تيکون شادي ڪر گھن ويسان.

رات دا هرڪو سويل سُمھ رهندا ها. اڱڻ وڏا هوندا ها.... هر ڪنهن دي گهر الڳ الڳ لوڙهيان وچ هوندي هن... گهڻا ڪر ڪکاوين گهر، پر ڪهندي ڪهندي ڪچي مٽي نال ٺهيل گهر ٻہ هوندي هن.

سورٺ واليان دا گهر ٻہ ڪچي مٽي نال، ٺهيل گهر ها... ڏون ڪمري اڳون وراندا ۽ هڪ وڏا اڱڻ ۽ ٻاهرون لوڙها ڏتل هوندا ها... مين ۽ علي نواز وراندي وچ سمهدي هسي باقي پڦي والي ۽ سورٺ ٻاهر اڱڻ وچ سمهدي هن. رات دي نائين ڏهين بجي جڻ تہ خاموشي ادا راڪاس ڦر ويندا ها ڳوٺ وچ هر ڪو ٻنيان ٻاري ۽ ڊور وٽاڻ دا ڪم... ڪر تي سمهدي هن تہ جڻ ڪرفيو لڳ ويندا ها. سويل سمهدي هن جو صبح سويل اٿڻان ٻہ هوندا هنين.

سمهڻ مهل پڦي سورٺ ڪون آکيندي هئي. امان سورٺ جيستائين سوڍا ۽ علي نواز جاڳدي پئي هن تيستائين تون سمهندي نہ ڪر.... متان ڪو چانھ پاڻي دي ضرورت پووين. ۽ ها سمهڻ مهل انهان ڪون کير ضرور پليندي ڪرين. انهان دي سمهڻ ڪنون پچي تون سمهندي ڪرين... سورٺ تہ اهو چاهيندي هئي. ويتر جو ماءُ نين اوين آکيس تہ اونڌي دل دي گل ٿڙ پئي هن. اونڌا من موج پريا ٿي پيا ها اونڌي دل دا باغ سورج مکي وانگي کُل پيا ها.

سوڍا هر روز آپڻي سوٽ نال ملڻ ڪيتي رات دا ماءُ پيو دي سمهڻ بعد.... پيڻ ڪون ٻڌا ويندا ها تہ مين سوٽ دي گهر پيا ويندا هم. سمهڻ مهل ميڪون آکهدا ها علي نواز هڻ تون سمھ رھ مين سوٽ دي گهرون ٿي آپڻي آڻ سمھ رهسان. اوين سوڍا هر روز هليا ويندا ها سورٺ ڪون خبر هئي تہ سوڍا ڪڏي پيا ويندا هي ۽ ڪنهن مهل واپس آسي. سورٺ آپڻي پرا دي ڳالھ ڪنهن نال ٻہ ڪونہ ڪريندي هئي.

هڪ رات سورٺ ڪنون پڇيا مانس سورٺ سوڍا ڪيڏي ويندا هي... اون اکيا آپڻي مڱيندي سوٽ ڪن ويندا آهي.

مين موقعا پائي اکيومس تون ٻہ مين نال سمهندي ڪر....

ڳالھ ڪونہ سمجھ ڳئي...

آکيا سچا ڏينهن تہ تين نال گڏ هان... مين اکيومس تہ رات دي ڪجھ پل مين نال گذار...

چڱا....چڱا... دل رک هندوري وچ... هڪ رات ڪير ڏيندي ميڏي هٿ ڪون زور ڏتا تہ مين اوڪون چڪ تي پاڪر وچ چا پريا...

پاڪر وچ چڙواتي شرماوڻ لڳي... اڪيس علي نواز سمهين نا... مين آندي پئي هان... ماءُ پيو دي خبر گدس اهي اگهور ننڊ وچ ستل هن.... سوڍا آپڻي سوٽ دي گهر هليا ڳيا ها.... اوڪون اها پڪ هئي تہ سوڍا صبح دي ٻانگ مهل واپس آسي، ميڏيان اکيان چت وچ هن. مين چمڪندڙ ستاران ڪون پيا ڳڻان. تنهن مهل ننڍي ننڍي قدم چائي ميڏي ڪٽ وچ ٻڌل مهاري متي ڪرتي، سورٺ ميڪن آڳئي مين جا پاڪر وچ قابو ڪيتومانس. اوڪون چمڻ لڳم... ميڏا هٿ حرڪت ڪرڻ لڳا مين سورٺ نين ٻہ مين نال پيار ڪرڻ شروع ڪيتا. اسان دي جسم هڪ ٿي ڳئي هن... سورٺ نين اکيان بند ڪر چوڙيان هن. چپان وچ چپ رڪيل هن... ميڏي بدن وچون سيڪڙات نڪلڻ لڳي هن... اسان پيار دي پالوٽ وچ لڙهہ ڳئي هسي حياتي دي سدا مهڪندڙ پل اسان هڪٻئي دي جسم وچ قيد ڪر چوڙي هن....

اوين سورٺ ۽ ميڏي پيار دي پالوٽ هر روز ٿيوڻ لڳي. جنهن رات سوڍا نہ ويندا ها. اها رات اسان نہ ملدي هسي ڪن پل وچ مهينا گذر ڳيا.

هڪ ڏينهن سوڍي پڇيا جي اسان دي ڳوٺ ٻور ڪيتا هووي تہ واپس هلون.... مين آکيا نہ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪونهي.... نيڪ هي هڪ ڏون ڏينهان وچ واپس هلسون.... مين ڪجهہ سوڍي دي ڳالهہ دا پرم رکيم... ٻي ڏينهن صبح دا، مکڻ ۽ ماني دا گرهہ ميڪون ڪويندي سورٺ آپڻي هٿ ٻڌڻ لڳي.... ڏيک علي نواز خدا دا سونهن هوئي.... اجان نہ وچ.... پلا ڪهڙي تڪڙ هوئي، اجان تہ مين تيڪون پيار ئي ڪونهي ڪيتا..... ميڪون اجان تيڏي پيار دي ضرورت هي... تون نہ وچ ماءِ ڪون آکيس.... امان ڏيک تہ علي نواز ڳوٺ وڃڻ ڪيتي پر چا ڪولي هنس...

پڦي ٻہ اکيا..... ڪيون پُٽ؟ ڪا گهٽتائي ٿي پئي هي ڪيا اسان دي مهمان نوازي وچ.... سورٺ رو پئي مين اکيومس پلا رو نہ مين ڪونهي پيا ويندا هان. پوتي ڏي پلاند نال سورٺ آپڻي ڳوڙهي اگهي ڏند ڪڍ تي کل پئي اوين سوڍي ڪون تہ هلڻ دي تڪڙ ڪونہ هئي جو او آپڻي سوٽ نال هر روز ملڻ ويندا ها.

اوين مهيني گذار واپس آپڻي ڳوٺ پئي آيم تہ سورٺ تي اکيان وچ ڳوڙهي هن. ٻاهر تائين آئي هئي. پچاڙي وچ هٿ ٻڌي اتلا اکياهس. علي نواز ميڪون جلد شادي ڪر گهن وڃين. تيڪون خدا دا واسطا هي. مين اونڏي ڳوڙهي اگهہ تي پڦي

ڪون آکيا هم. ٻڍي سورٺ ميڏي هي، متان ٻي هنڌ پرڻان چوڙينس ايڏا ظلم نہ ڪرين... ٻڍي ميڪون اکيا ها علي نواز اُلڪا نہ ڪر سورٺ تيڏي هي... تون شادي ڪر ايڪون گھن وڃين.

سوڍي تہ وچ ٻني سنياالي ۽ مين يونيورسٽي وچ داخلا گھن تي اتان ئي هاسٽل وچ رهڻ لڳم. هڪ دفعي ڳوٺ آيم تہ امان ٻڌايا ابا تيڏي سورٺ دي شادي پئي ٿيندي هي ... دعوت آئي هي.

ميڏي پيران هينيون زمين نڪل ڳئي، ڏينهن وچ تاري نظر آوڻ لڳي. امان سورٺ ميڏي هي... تسان ڪيا ڪجھ ڪونہ ڪيتا.... هڻ وڃو شادي دي تاريخ طئي ڪر آئو.

امان سورٺ ميڪنون سوا مر ويسي... مين او ڪنون سواءِ مر ويسان... امان آکيا...

پُٽ مين گھڻي هيلي ڪيتي پوتيان پيران وچ گتيومس پر سورٺ دا پيو پڙ ٻڌ بيھ رهيا تہ سورٺ مين آپڻي پرا دي پُٽ ڪون ڏيسان. جو پرا نال واعدا ڪيتا هم مين گھڻي وس ڪيتم. پر ميڏا هڪ بہ وس نہ هل سگھيا... امان ۽ بابا والي سورٺ دي شادي وچ شريڪ ٿيوڻ ڪيتي گھرون نڪل پئي هن.. ميڏي اڳيان تي ڳوڙھي ختم ئي نہ پئي ٿيون رب ڄاڻي سورٺ دا ڪيا حال هوسي...!؟

# عين سحر



**دلبر** نياڻيءَ لاءِ جيڪي ٻہ ٽي سٽون لکيون اٿم سي هن ريت پيش ڪيان ٿو. عين سحر جي ڪهاڻي مون کي ايئن ڇرڪائي ڇڏيو آهي، جيئن سائين طارق اشرف کي ستيش روهڙا جي ڪهاڻين تپرس ۾ وڌو هئو . سائين طارق اشرف جي وڏي ڳالھ ... ڪٿي سندن ثنا ۽ ڪٿي آئون ڪهاڻيءَ جو گدا. پنهنجي استاد (مينٽور) جي فيض جو اهو اعجاز آهي تہ آئون ڪا ڪهاڻي پڙهندو آهيان تہ ايترو اندازو ٿي ويندو اٿم تہ ڪهاڻيڪار ڪيترو زمين جي هيٺ آهي ۽ ڪيترو مٿاڇري تي آهي؟ عين سحر جي هي ڪهاڻي "ماءُ "ايمان کي راسخ ڪيو آهي ."ماءُ" اُها ڪهاڻيءَ آهي، جيڪا تاريخ جي هڪ داستان جو هڪڙو ورق کولي ٿي ۽ اُها حقيقت سمجهائي ٿي تہ دنيا ۾ جيڪڏهن جذبن ۽ احساسن سان گهٽي ۾ گهٽو انياءُ ٿيو آهي تہ اُهو مذهبن ۽ مُلائيت ڪيو آهي. انسان جو رُوح، ازل کان گهايل آهي جو ڌرتيءَ تي پيشوائيت، مُلائيت پاپائيت، رهبانيت، پادريت (پريسٽ هُڊ) جو راوڻ راڄ ڪڏهن هٽيو ئي ناهي.

هيءَ ڪهاڻي، جيڪا منهنجي معلومات مطابق ورهاڱي جي زماني جي هڪ سچي ڪهاڻي آهي ۽ عين سحر انهيءَ داستان کي ايڏي تہ ڪمال فن سان تحرير ڪيو آهي جو بلاشڪ تہ هن ڪهاڻيءَ کي هن دور جي هڪ عظيم ڪهاڻي چئي سگهجي ٿو. عين سحر جي ڪهاڻي "ماءُ" پڙهندي مون کي عظيم ڪهاڻيڪار موهن ڪلپنا ياد اچي ويو. جيڪو سنڌ ماءُ جي زيارت ڪرڻ لاءِ تڙپندو رهيو هئو. هن جي سِڪ کان ملڪن جي وچ ۾ اُڀيون سرحدون وڏيون ٿي پيون هيون .هزارين رڪاوٽون هيون، جن ۾ ڌرم سڀ کان وڏي خندق ! اُها ڪاهي پار ڪرڻ لاءِ مهان ليکڪ موهن ڪلپنا، ڪُهَرُ ٻہ ڪرائي ڇڏيو هئو تہ: "جيڪڏهن ڌرم ڇڏيم ۽ سنڌ ڏسڻ نصيب ٿيم تہ ٻہ سودو مهانگو ناهي. پاڻڪ جڏهن هيءَ ڪهاڻي پڙهندا تہ پاڻ ئي چوندا تہ سنڌي ڪهاڻيءَ کي عين سحر جهڙيون ليکڪائون مِلن تہ اسان جي ادب جي اڱڻ تي ڪهاڻين جا ولر لهندا رهندا. ياد رکو تہ جن قومن وٽ ڪهاڻيون هونديون آهن، اُهي قومون وقت جي جبر کان مغلوب ناهن ٿينديون.

**طارق قريشي**

## ماءُ !

**هيءَ** ننڍي ڪنڌ جي ورهاڱي ڪانپوءِ جي ڳالهه آهي. جڏهن عبدالقادر پنهنجي بردبار ۽ حليم طبيعت هئڻ ڪري ماڻهن جي دلين ۾ وسيل هو، عبدالقادر شيخ راڄ جو معزز ۽ ديندار ۽ نيڪ، صالح انسان هو، نماز جو پابند .ماڻهو اڪثر ڪري دعا ڏيندي اُمالڪ چوندا ته ´شل عبدالقادر جهڙو ديندار ٿئين' عبدلقادر شِڪل شبيهه ۾ انتهائي سهڻو شخص هو. اڏروٺ وهي ۾ به سندس شخصيت موهيندڙ هئي. بس سندس هٿ جي مٿين حصي ڪان ڪارائي تائين سڙڻ جو بي هودو نشان هو . هُن ننڍڙي ڪاروبار مان محنت ڪري پنهنجو ڪاروبار خوب مچايو هو، ويتر ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سندس ڪاروبار ۾ وڏي برڪت وڌي هئي. عبدالقادر معمول مطابق گودام جي سار سنڀال ڪان پوءِ گهر ڏانهن وڃي رهيو هو.اِها خزان (اَسو) جي موسم هئي، ڪٽس پٽ عبدالرحمان به ساڻ هئس جيڪو اڪثر ڪري ڪاروبار ۾ دلچسپي وٺندو هو ۽ ڏيتي ليتي ۾ بين واپارين ڪان ويندي گودام ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن ۽ ڪامين سان به لهه وچڙ ۾ رهندو هو. پٽهس جي به خواهش اِها هئي ته عبدالرحمان دلچسپي وٺي ته اڳتي لاءِ ڪاروبار ڪي هلائڻ ۾ سولائي ٿيندس ڇو ته آخر سندس وڏو اولاد هو ۽ سياڻي اهو سڀ ڪجهه ڪيس سنڀالڻو هو .گودام ۽ گهر جي وچ جو رستو گهڻو وڏو نه هو، ان وچ رستي ۾ هڪ وڏو مندر ايندو هو جتان گذرندي اڪثر ڪري عبدالقادر گهڙي سوا لاءِ بيهي رهندو هو، ۽ مندر ٻاهران رکيل دُرگا ديوي جي مورتي ڏسي ٿڌو ساهه ڀريندو هو. اڄ به جڏهن مندر کي ڏسي ٿڌو ساهه ڀريائين ته عبدالرحمان جي ذهن ۾ اوچتو سوال اُڀريو، پيءُ ڪان پڇيائين:

"بابا اڪثر ڪري اوهان ڪجهه پل ترسي هن مندر کي گهوريندا آهيو، ڇا اِن ۾ ڪا خاص ڳالهه آ؟" سوال ڪندي، عبدالرحمان عبدالقادر ڏانهن ڏٺو، ڪيس وڏيڪ حيرت ٿي جڏهن عبدالقادر جون ڀنل اکيون ڏٺائين. عبدالرحمان ٿورو حيران، ڪجهه وائڙو ٿيندي مندر تي هڪ نظر وڌي، مندر ۾ ڪو ميلو متل هو، شايد نوراتري 'درگا پوڄا' هئي .عبدالرحمان غور سان پيءُ ڏانهن ڏٺو. عبدالرحمان سمجهي نه سگهيو، ڇو ته عبدالقادر جي اک جي پُتلين تاريخ جا ورق ٿي ورايا جيڪي ٻئي جي سمجهه ڪان گهڻا مشڪل هئا. وقت جي تيز گهوڙي جي سنبن جي دز انهن ورقن تي ضرور هئي پر عبدالقادر جي احساسن اُن کي چنڊيو ڇاڻيو پئي. جيسين عبدالقادر جواب ڏئي، عبدالرحمان ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"بابا اوهان مندر کي جڏهن غور سان ڏسندا آهيو ته آءٌ اهو ئي سمجهندو آهيان ته پراڻيون ۽ مذهبي عمارتون پرڪشش ٿينديون آهن ۽ انهن جا تاريخي سؤ وراڪا قصا ۽ داستان هوندا آهن، جيڪي اکيون پڙهڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن."

“هزارين سال اڳ اسان جو بہ مذهب اهو ئي هو نہ!؟ شايد ان ڪري مندر....” عبدالقادر سُڏڪو ڏيندي پٽ ڏانهن نِهاريو ۽ آڱوٺي ۽ اَشهد آڱر سان ٻنهي اکين جي ڳوڙهن کي جڏهن اُگهيو تہ عبدالرحمان جو تجسس وڌي ويو. عبدالقادر چپ ڀڪوڙي ڪيئي سڏڪا ۽ اڌما دل جي پنهان خانن ڏانهن واپس ڪري ڇڏيا جتان سُڏڪي نڪتا هئا.

اف....” جهڙي اندر جي اونهاين مان نڪتل هلڪڙي دانهن ڪيڻ کان پوءِ هلندي هلندي ڳالهائڻ شروع ڪيائين.

اهڙي ئي نوراتريءَ جي رات هئي..” چوندي چوندي عبدالقادر رُڪجي ويو. عبدالرحمان پيءُ کي اڳ ايڏي ڳنڀيرتا سان ڳالهائيندي ڪونہ ڏٺو هو،

“درگا ماتا جي پوڄا جو ئي ڏينهن هو، آخري پوڄا جي رات جڏهن آءُ گيانچند ولد مولچند” عبدالرحمان جون اکيون حيرت مان ڦٽجي ويون ۽ دماغ جي دري کُلي ويس هو حيرانگيءَ وچان پيءُ کي ڏسڻ لڳو. ماضيءَ جا ورق اٿلندا ويا ۽ پردا کرندا ويا. پيءُ ڳالهائيندو ويو....

پنهنجي گهران ڀڄي نڪتو هوس. ها مان هندو هوس. ماتا درگا بہ منهنجي امڙ وانگر آهي.” عبدالقادر يادن جي پيرن سان پوئين پير هلندو ويو سوچن جو وهڪرن ۾ جڻ لڙهندو ويو.

درگا جي مورتي ڏسڻ سان مون کي امڙ ياد ايندي آهي، جيڪا ماتا درگا جي وڏي پوڄارڻ، ڀڳتياڻي هئي. ان تي ماتا درگا جو وڏو اثر هو، شفقت صبر ۽ سهپ، ديالو محبت جي ديوي هئي. منهنجي امڙ. مون کي ياد آ جيڪو پاٺ هوءَ پڙهندي هئي سو سندس مٺي آواز ۾ گيتا جو ورد ئي هوندو هو. صبح جو امڙ جي خاص ڀڄن تي اک کُلندي هئي اڄ بہ امڙ جا لفظ محفوظ ٿيل آهن. منهنجي دل ۽ ذهن تي. امڙ مون کي ٻڌائيندي هئي تہ،

ماتا درگا جي ٻئي سوَروپ جو نالو برهمچارڻي آهي. برهم جي معنيٰ تپسيا آهي. ماتا سخت تپسيا ۽ صبر جي انتها آهي. ڪنور سچ جي چارڻي هئڻ ڪري، برهمچارڻي جي نالي سان مشهور ٿي. وڏا وڏا رشي مني بہ ماتا جي سخت تپسيا ڏسي دنگ رهجي ويا. سندس سوَروپ تمام روشن ۽ تيج وارو آهي، ماتا جي ساڄي هٿ ۾ جپ مالها ۽ کاٻي هٿ ۾ ڪمنڊل ۽ مٿي تي سهڻو سونو مڪٽ هوندو آهي. نوراتريءَ جي ٻئي ڏينهن ماتا جي اپاسنا ڪرڻ جو دستور هلندو اچي جُڳن کان، ماتا درگا جو هي ٻيو سوَروپ ڀڳتن کي تمام گهڻو ڦل ڏيندو آهي. ماتا جي اپاسنا سان ماڻهوءَ ۾ تياڳ، ويراڳ ۽ حد کان وڌيڪ صبر جو واڌارو ٿيندوآهي. ماتا برهمچارڻي جي ڪرپا هر هنڌ هر ميدان ۾ سَدي ۽ ڪاميابي ڏيندي آهي. ماتا

برهمچاڙي ڪي مصري، ڪنڊ ۾ پنج امرت جو پوڳ لڳايو وڃي ٿو. انهن شين جو دان ڪرڻ سان وڏي عمر جو سوڀاڳيه پڻ حاصل ٿئي ٿو.“

عبدالرحمان ڦريون ڦيرو پيءُ جو اِهو روپ ڏٺو هو، جنهن ڪري حيرت ۾ ٻُڏل، يڪ ٽِڪ نهاريندي پيءُ سان گڏ هلي رهيو هو. تہ هلندي هلندي رڪجي ويو ۽ مندر ڪان ڪجهہ وڪن تي وڻ هيٺان رکيل وڏي پٿر تي اچي پٺهس ويهي رهيو. عبدالرحمان ڪي تصور بہ نہ هو تہ سندس پيءُ هندو هو ۽ هو هڪڙو عجيب داستان ۽ راز اندر ۾ رکيو وينو هو. عبدالرحمان ڪي پيءُ متعلق ڄاڻڻ جي بيقراري وڏي وئي.

”هل تہ گهر ٿا هلون.. دير ٿي ويندي“.... پٺهس اُٿندي چيو. عبدالقادر ڏگهيون ڏگهيون وکون کڻڻ لڳو. عبدالرحمان تڪڙو تڪڙو پنيان هلڪي ڏڪ پريندي پيءُ سان مخاطب ٿيو،

بابا! اڄ مٿين ماڙ تي گڏجي ماني کائينداسين. مون کي پنهنجي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻُڌائجو، خاص ڪري ڏاڏي امڙ جي باري ۾ جيڪا ممتا جي مورت هئي.....“

”هون..... ها “!.....عبدالقادر بس ايترو ڀُڻڪيو.... باقي جو ٿورو رستو خاموشيءَ ۾ گذريو. مانيءَ ۾ مڱن جي اڻ ڇلهيل دال، تورين جي ڀاڄي پاپڙ ۽ سانداٽو رکيل هو. ماني خاموشيءَ سان کاڌائون پر ٻنهي پيءُ پٽ جي بک جڻ مري چڪي هئي. ماني دوران عبدالقادر ڳالهائڻ پسند نہ ڪيو، جيئن هو هميشہ ڪندو هو. مانيءَ کان پوءِ وراندي ۾ لوهين ڪرسين تي ٻئي پيءُ پٽ اچي ويهي رهيا . فانوس جي روشنيءَ ۾ عبدالقادر ڪنهن وڏي سفر تان آيل اهڙو مسافر لڳي رهيو هو جنهن جي اندر جي اک ٿڪل هئي ۽ پنبڙين تي جڻ رستن جي دزڇڙهيل هئي. هو ڏکو ۽ طوفاني سفر طئي ڪرڻ کان پوءِ بہ پختي وجود جو اهڃاڻ بڻيل هو. ايڏي دردناڪ ۽ خطرناڪ زندگيءَ جي پند جو نتيجو سندس مهندار ۽ سگهاري شخصيت هئي .عبدالقادر ڳالهائڻ شروع ڪيو..... ورهاڱي کان اڳ جو دؤر هو، ملڪ ڏاڍو محبتي ۽ خاشو

شاهوڪار هو. مون هڪ شاهوڪار هندو گهراڻي ۾ اک کولي منهنجو ننڍپڻ شهزادن جيان گذريو. ‘طلب هُو تہ مِل هُو’ واري ڳالهہ هئي، جا شيءِ چاهيندو هوس اڳ ۾ ئي حاضر هوندي هئي. ڪا ڪمي ڪونہ هئي. ڪا اوڻاٽ نہ هئي .دور بہ سستائي ۽ ايمانداريءَ جو هو، ڳوٺ ننڍڙو هو پر ڪجهہ بہ اوپرو ڪونہ هو. سڀ مون سان پيار ڪندا هئا، پر امڙ سان گهڻي اُنسيت هئم، بابا ٿورو کُهرو ماڻهو هو پر اصول اخلاق وارو ماڻهو هو. بابا کي آءُ ڏاڍو منو هئس، بابا منهنجو تعارف ئي سڪيلڌو پٽ چئي ڪرائيندو هو. تن ڏينهن ۾ شاديون ننڍي وهيءَ ۾ ٿينديون هيون، بابا تِن ڏينهَن ۾ پنهنجي پياري دوست پرساڌ رام جي ٽيون نمبر ڌيءَ سان منهنجو مڱڻو وڏي ڌام ڌوم سان ڪرايو هو. ان وقت آءُ مشڪل سان ٻارهن سالن جو هئس. منهنجي پتا سيٺن کي بہ سوَنَ جا تحفا ڏنا هئا. مون کي تڏهن محبت جي تہ خبر نہ

هئي پر ان ڇوڪريءَ سان اُنسيت هئي. ٽن سالن کان اسان جو اچڻ وڃڻ هو. ڪنهن خاص ڏڻ تي سوکڙيون تحفا ڪافي شيون جئين پاڻ عيدن تي ڏيون وٺون ٿا ويساک ۽ بسنت رت جا لهندڙ نوان تازا ڦل فروٽ ويسن وڳن سميت نوڪرن کي ڪٽائيندو هو. بابا مونکي نوڪرن سان گڏ سندس گهر موڪليندو هو. هڪ دفعو پنهنجي جعفري واري دروازي ۾ وراندي مان بيهي ڏسي رهي هئي ته مون ڪيس سڃاتو هو. جو سندس ئي پاڙي ۾ ڪيڏڻ ڪڏڻ دوران اڳي هڪ دفعو مون ڪيس ڏٺو هو. پر هاڻي ته هوءَ به مون جيڏي ٿي وئي هئي سو ٻاهر ڪونه ٿي نڪتي، ستر ۾ ويٺل هئي. هوءَ لڄاري شرم واري ڇوڪري هئي تڏهاڪو زمانو مروت لحاظ ۽ حياداري وارو هو. عورت کي ڏسڻ مها پاپ هو، اِن ڪري چاهيندي به آءُ ساڻس ڏسڻ ملڻ جي ڪوشش نه ڪري سگهيس، پر اهو سچ هو ته مون کي اُها ڇوڪري وڻيل هئي.

مگٽي کي ٽي سال ٿي ويا اوچتو ان دؤر ۾ هڪ وبائي بيماري پکڙجي وئي جنهن کي ماتا چوندا هئا، منهنجي منگيتر جمنا به ماتا جو شڪار ٿي پئي ۽ پرلوڪ پڌاري وئي. مون کي دلي صدمو پهتو، تڏهن محسوس ٿيم ته آءُ ڪيس پيار ڪندو هوس. هُن سان ملي بغير وڇوڙو منهنجي ٻاراڻي وهيءَ ۾ مون لاءِ اَسهائيندڙ درد هو. منهنجي تڪليف جو امڙ کي اندازو هو. آخر انتم سنسڪار جو وقت اچي ويو، منهنجي دل ۾ اها آرزو جاڳي ته سندس آخري ديدار ڪيان، اڳلي جنم ۾ ملون الائي نه!! پر هندن ۾ اهو ممڪن ئي نه هو ته ڪو ڪو منگيتر پنهنجي مگيتر جو مُنهن ڏسي .منهنجي دِل جمنا جي لوڪ پڌارڻ سبب ڏاڍي ملول هئي. ڪاٻه ڳالهه نٿي وڻي. اُن رات ننڊ به نه آئي هئم سو پرهه ڦُٽيءَ مهل ئي مان مسڻ هليو ويس اِن خيال سان ته انتم سنسڪار ڪرڻ کان اڳ ضرور جمنا جي ۾ مُنهن تان ڪپڙو لاهيندا ۽ ڪيس ڪاٺين تي رکندا سو مان اُن وقت جمنا جو مُنهن ڏسي سگهندسُ .آءُ مسڻ جي آخري ڪُنڊ ۾ بيٺل هڪ نم تي چڙهي لِڪي ويٺس. آءُ جمنا جي خيالن ۾ گُم هوس ته 'رام رام ستئہ آ' جا آواز آيا ۽ ڪجھ ماڻهو هڪ آرتي کڻي آيا ۽ آرتي مان چِتا کي لاهي ڪاٺين تي رکيائون اُن وقت مون ڏٺو ته اُها چِتا جمنا جي نه هئي ڪنهن ٻئي عورت جي هئي، مون اُن چِتا جو انتم سنسڪار ڏسندي جمنا جي آرتي اچڻ جو انتظار ڪيو. ڪافي دير کان پوءِ سڀ ماڻهو جمنا جي چِتا سان پهچي ويا .مسڻ ۾ داخل ٿيا ته منهنجون نظرون جمنا کي ڏسڻ لاءِ آتيون هيون پر جمنا ڪپڙي ۾ پوري بند هئي ڏسڻ جي آس بي تابيءَ ۾ بدلجي وئي پر مجبور نم تي خاموش ويٺو رهيس، رسمن پوري ٿيڻ کان پوءِ ڪاٺين جي ڍير تي تيل هاريو ويو، جمنا کي کڻي ان تي رکيائون، جڏهن ڪاٺين ڏانهن ڪيس نيو پئي ويو، تڏهن منهنجي اکين مان ڳوڙها مينهن جيان وسي رهيا هئا. منهنجي دل تيز تيز ڌڙڪي ٿي، خوف ۽ عجيب ڪيفيت طاري هئي. جمنا جي منهن تان ڪپڙو هٽيو تڏهن مون ڏٺو

شهزادين جيان سُتل هئي جمنا، البت رنگ ميرو ٿي ويو هئس، ساهہ نڪرڻ جي ڪري يا شايد بيماريءَ جي ڪري .

سندس مٿان ڪانيون رکيون ويون، جڏهن ڪيس باهہ ڏني ٿي وئي تہ منهنجي پوري جسم مان سِسراٽيون نِڪري ويون. مان باهہ جا ڀڀڪا ڏسندي ئي ڏڪي ويس باهہ ٻرندي رهي. هڪ پل جمنا جو جسم اڪڙجي اُٿو ٿي ويو، جيئن ماڻهو اُٿي ويهندو آهي. ائين لڳم تہ جمنا اوڙاهہ مان نڪري مون ڏي اچي رهي آهي، پر مردو جسم اتي ئي نڪاءَ سان هار مڃي ڪِري پيو، نہ ڄاڻ ڪڏهن کان اکين مان نير جاري هئا. منهنجي اندر ۾ وڍ پئجڻ لڳا، جسم مان ساهہ ست نڪرڻ لڳو، اِهو سڄو عمل مون لاءِ ڏاڍو ڇرڪائيندڙ هو. منهنجو مٿو چڪرائجي ويو پر نم جي ڏار ۾ مون ڪسڪندڙ هٿ مضبوطيءَ سان جهليا .وهندڙ ڳوڙهن کي اگهڻ بہ مشڪل هو. سڀ ٻرندڙ جمنا کي ڇڏي هڪ هڪ ٿي جڏهن نِڪري ويا تہ مان بہ وڻ کان لٿس جڻ پنهنجي حصي جي سزا ڪاٽي چڪو هوس .

ٻرندڙ لاش جي ويجهو وڃي ڏنم دل ڏرڻ لڳي ، منهنجي ننڍپڻ جي سنگتي دوست محمد جي گهر جي ڀر واري مسجد ۾ ڏنل مولويءَ جو خطبو ياد اچي ويو، اسين جڏهن جمعي جي ڏينهن دوست محمد جي گهر جي ٿلهي ٻاهران ويهندا هئاسين تہ اڪثر مولوي صاحب جي خطبي جو آواز لائوڊ اسپيڪر تي ٻڌبو هو. جنهن ۾ مولوي اڪثر قيامت ڏينهن دوزخ ۾سڙڻ جي ڳالهہ ڪندو هو. مون کي لڳو تہ اِهو دوزخ هو جنهن ۾ جمنا سڙي رهي هئي. پر هوءَ تہ معصوم هئي، جنت جي پري هئي، اڇي اُجري هئي، پر هي دوزخ ....هي تہ انسانن ٻاريو هو، هيءُ هٽرادو باهہ تہ ماڻهن ئي ڪانيون گڏ ڪري ٻاري هئي. مونکي اُن لمحي اِهو بہ ياد آيو تہ مولوي چوندو هو تہ:

"نيڪيون ڪرڻ وارن ۽ معصومن لاءِ جنت آهي ۽ بدڪارن، گناهگارن لاءِ دوزخ آهي .پوءِ ڇو جمنا!!؟" منهنجو مٿو ڦرڻ لڳو، هڪ ويل سوچيم تہ مان بہ اِن چتا ۾ جلي وڃان، پر پاڻ سنڀاليم. اچانڪ خيال آيو تہ آءُ مرندس تہ مونکي بہ تہ اِن باهہ ۾ ساڙيندا نيٺ. پر آءُ باهہ ۾ نہ سڙندس. آءُ ثواب ڪمائيندس آءُ جنتي ٿيندس. آءُ مسلمان ٿيندس. منهنجي عجيب ڪيفيت ٿي وئي، ڇاڪاڻ جو مونکي باهہ کان ڏاڍو خوف ٿيندو هو. انڪري جو ننڍي هوندي مان هڪ ڀيرو ڏياريءَ تي ڦٽاڪا ٻاريندي سڙي پيو هوس. منهنجي هٿ ۽ ڪارائي تي هي نشان اُن سڙڻ جو آهي، اُن حادثي ۾ منهنجا سٿر بہ سڙيا هئا. سڙڻ کان پوءِ مون ڪيئي مهينا لوڙيو هو، مهينن تائين منهنجو جسم ڪُرندو ۽ جلندو هو، مان رڙيون ڪري روئيندو هوس. ان لمحي منهنجي حالت ڏسي امان ڏاڍو روئيندي تڙپندي هئي. آءُ روئيندي روئيندي امان کي چوندو هوس،

امان آءُ ڪڏهن بہ ڏياري تي ڦٽاڪا نہ ٻاريندس. مان ڪڏهن بہ ڏياريءَ جون خوشيون نہ ملهائيندس. مونکي ٻاهہ کان ڊپ ٿو لڳي ”.

خوف سبب مسڻ ۾ خود کي اڪيلو ڏسي ڊڄي بہ ويس، سو مون مسڻ مان نِڪري گهر طرف ڊُڪڻ شروع ڪيو. عجيب ڪيفيت ۾ حالت هئي، پر ڇڻ اندر مان ڪو ٻولي رهيو هو، ها آءُ مسلمان ٿيندس، قبر ۾ دفن ٿيندس باهہ ۾ نہ سڙندس. اِهو سيڪجهہ اُن ڳالهہ کان بي خبر سوچي ڊڪندو تي رهيس تہ مسلمان ٿيڻ ۾ ڪيترا اهنج ۽ ايذاءَ منهنجا منتظر هئا. پر اُن وقت هڪ واٽيءَ جي گهر طرف ڊوڙي رهيو هوس .آءُ گهر پهچڻ ساڻ گهر جي اڱڻ ۾ رکيل ڪٽولي تي ڪري پيس. اکيون کُليون تہ آءُ گهر جي ڪوٺيءَ ۾ هيس، امان کٽ جي سيرانديءَ کان ويٺي هئي، اک کُلندي پيشاني چمي چوڻ لڳي،

ٻچا! ڪالهہ شام کان بہ اڳ سُمهيو آهين، هاڻي منجهند جو اک کلي اٿئي. بخار ۾ تپيل آهين، طبيب بہ ڏسي ويو اٿئي دوا ڏئي ويو آهي، تاڪيد ڪيائين تہ تنهنجي آرام جو خيال رکون جي منجهند تائين اک نہ کُلي تہ ڪيس ٻيهر سڏايون.”

مان وري اُها باهہ ياد ڪرڻ لڳس ۽ امان کي ڏسي روئي ڏنم، امان هنج ۾ منهنجو مُنهن رکي ڳوڙها اگهندي خود بہ روئيندي رَهي، جو هُن ڄاتو تي تہ مون کي جمنا جو صدمو آهي

اُن ڏينهن کان پوءِ امان دريءَ ۾ رکيل مورتين جي آڏو ڳچيءَ ۾ ڳارو وجهي ڪي منتر يا پاٺ پڙهندي هئي. پوءِ مون کي بہ شوڪارا هٽندي هئي ۽ هڪ چمڪٽي وجائيندي هئي. آءُ مهينو بيمار هيس ۽ عجيب ڪيفيت ۾ خود سان جسماني ۽ ذهني طور جنگ جي محاظ تي گذاريم. جسم ان صدمي ۽ اُٿ تُٿ جي ڪري ڪمزور ٿي پيو، هفتو بخار رهڻ کان پوءِ ڪمزوري ۽ اوڪارن جو معاملو هليو، سو تہ ٺهيو پر ذهني آنڌ مانڌ ۽ چڪتاڻ جيئڻ ڪونہ ٿي ڏنو. هر پل گهر مان ڀڄڻ جا منصوبا ٺاهيندو ڊاهيندو تي رهيس .گهر وارا خراب طبيعت جي ڪري گهر کان نڪرڻ نہ پيا ڏين، خاص ڪري امان جو مون ۾ ساهہ هو، تنهن پنهنجي اکين کان پري ٿيڻ ڪونہ ٿي ڏنو. آخر مهيني کان پوءِ اسڪول وڃڻ جي اجازت ملي، اسڪول وڏو ڪو سرڪاري بلڊنگ وارو نہ هو، هيڊ ماستر جي گهر جو هڪڙو ڪمرو هو ۽ اسين پنج ٻار هئاسين. آءُ اسڪول کان موٽي انهيءَ ڏينهن سڌو دوست محمد وٽ ويس، مون کي ڏسي دوست محمد ڇرڪي ويو. چوڻ لڳو،

“مِيان ڳري چٽ ٿي پيو آهين، ڇا ٿيو اٿئي؟” مون دل جهلي سَموري ڳالهہ ٻڌائيمانس ۽ ڪيس چيم،

يار مان مسلمان ٿيندسُ....؟" اِهو ٻُڌندي تارا پنجي ويس، حيرت وچان چيائين،

"چرچا ڇڏ....."

نہ نہ چرچو يا مذاق نٿو ڪريان، مان سچ ۾ مسلمان ٿيندس، ڪلمو پڙهندس، الله ۽ اُن جي رسول تي ايمان آڻيندس ".مان مسجد واري مولويءَ جا خطبا ٻڌي اڳ ئي ايمان آڻي چڪو هوس، جيڪا منهنجي اندر جي ڳالهہ هئي، ٻيڻو هن واقعي مون کي سُک ويهڻ نٿي ڏنو. هِن گهڙيءَ مسلمان ٿيان ٻي گهڙي نہ وڃهان. هڪ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ڪيفيت هڪ جنون هو.

مون کي سڙڻ کان خوف هو، سڙڻ اُهو آڙاهہ اُها پري کان ساڙيندڙ ڄڀي جيڪا مون وٽ تان لهي جمنا جي سڙندڙ چِتا جي ويجهو وڃي ڏئي هئي. مون کي مسلمان ٿيڻ ۾ جيڪي ڏکيائون يا پيچدگيون درپيش هيون سي بہ ارادا لوڏي نہ سگهيون هيون. مون کي ان سفر ۾ موت بہ منظور هو، پر هندو کان مسلمان تائين جو سفر طئي ڪرڻو هو. دوست محمد ٻڌي ويو ۽ حيرت ۾ اهڙو گم هو، جهڙو آءُ جمنا کي سڙندي ڏسي درد سان گڏ حيرت ۾ سراپجي ويو هوس .دوست محمد چيو هو،

"تون تہ هيڏو امير ايڏو خاشو ماڻهو، واڻين جي امير گهر جو ٻار آهين. اسين مسلمان غريب آهيون اسان تي هميشہ تون خرچ ڪندو آهين، سيني سنگتين جي مدد ڪندو آهين، اسين ٻلا توکي ٽڪي ٽڪر ۾ ڪهڙي ٽيڪ ڏئي سگهنداسين، ٻيڻو تنهنجي مالڪن جو زور پئجي ويو تہ توسان گڏ پنهنجو بہ سِر رُلي ويندو."

"اوهان کي تڪليف نہ ڏيندس نہ ڏياريندس. مان هي تر ڇڏي ڏيندس بس مسلمان ٿيڻ تائين سات ڏيو، رهي اميري تہ اُن جي پرواهہ ڪونہ اٿم، اهو طئي آ تہ مون کي اسلام قبول ڪرڻو آ. باقي آچار، ابراهيم صالح ۽ ڪريم کي بہ ان صلاح ۾ شريڪ ڪرڻو آهي."

مان ٻي ڏينهن تي نڪري نہ سگهيو هوس .ٽئين ڏينهن اسڪول مان سوير موڪل وٺي دوست محمد وٽ آيس، انجام موجب سڀ دوست گڏ هئا، دوست محمد سڄي صورتحال کان سيني کي آگاهہ ڪري ڇڏيو هو، سڀ حيرت، خوشي ۽ غير يقيني ڪيفيت ۾ مون کي ڏسي رهيا هئا، سڀ مليا تہ گرم جوشيءَ ۾ پر سندن سواليہ نظرون منهنجي وجود تي سواليہ نشان جيان پئجي رهيون هيون. مون اُتي ٿوري بيوسي محسوس ڪئي تہ ڪاش! مان ائين سمجهائي سگهان جيئن سمجهي رهيو آهيان. آءُ سينو ڦاڙي دل ڪونہ ٿي ڏيکاري سگهيس. مون جيئن محسوس پئي ڪيو تيئن محسوس ڪرائڻ ۾ شديد ناڪام وڃي رهيو هوس. هو منهنجا پيارا دوست هئا، ٿورو منهنجي خاندان جي اثر رسوخ کان ڏنل ۽ هيسيل هئا، غريب ماڻهو تہ ڊڄندو ئي آهي نہ.! ٻن منٽن جي خاموشي کان پوءِ آچار ڳالهايو،

گيانا! يار تون ڪيئن ٿيندين؟ مسلمان وڏو مسئلو آ، مسلمان جي ٿيندين تہ هتي توکي واٽيا رهڻ تہ ڪونہ ڏيندا، مري نہ پئين.“

اڙي تون ماٺ ڪر، جي هو دل سان دين تي اچي ٿو تہ اسان بہ بي وڙا نہ ٿينداسين، ساٿ ڏينداسونس، يار تان سر قربان آ. مان نعرو هڻي بيهندس مٿس، مني مرسل جي دين تان گهور ٿيس تہ خير آ“.ابراهيم جوش ۾ نڌڙي تقرير ڪري ويو.

”گيانا! اسين سڀ ساٿ ڏينداسين تنهنجو، مولوي بہ هٿ ڪبو رک الله تي.“ پهرين جڏهن هي خاموش هئا تہ بہ آءُ پنهنجي ارادي تي قائم هيس پر هينئر دل وڏي تي وئي هئي، گهر موٽي تہ آيو هوس پر جهڙو دوست محمد جي گهر منهنجو روح رهجي ويو هو. رهجي تہ آءُ ان ڏينهن تي ڪٿي ٻاهر ويو هوس، گهر ڪين موٽيو هوس، جنهن ڏينهن جمنا جو انتم سنسڪار ڏنو هئم. جمنا جو ديهانت ڇا ٿيو هو جڻ تہ منهنجو بہ ديهانت ٿي ويو هو. جمنا جي ديهانت کان پوءِ مون ۾ آءُ ڪونہ هوس، جڻ ڪو ٻيو روح هو جيڪو هلي ڦري ۽ مون کي ڦيرائي رهيو هو. شروع ۾ منهنجو گُم سُم رهڻ ۽ اُداس رهڻ گهر ۾ وڏي پريشاني يا سوالن جو سبب ان ڪري نہ ٿيو هو، جو سيني ڄاتو ٿي تہ جمنا جي صدمي ۾ آهيان، پر جڏهن مان گونگن وانگر گهر ۾ بي آواز ۽ موجود هوندي غير موجود رهڻ لڳس. نہ آواز نہ انگل، نہ ٻاراڻي شوخي شرارت تڏهن سيني مون کان طبيعت جو پُڇيو ۽ جيڪا ٻڳوان جي مرضي چئي وري وساري ڇڏيائون. پر امڙ ڪين وساريو اُن کي منهنجي حالت حيران پريشان ڪرڻ لڳي. هڪ ڏينهن صبح جو اسڪول موڪلڻ کان اڳ پڇڻ لڳي،

”ابا اسڪول جو ڪم ڳرو آهي يا پنهنجي جمنا جي ياد ۾ ڳرندو ٿو وڃين، جي چوين تہ چيٽ ۾ ڀڳوان داس جي ڏيءَ وٺي ڏيانءِ ڪيس ست ڏيئون آهن، جنهن تي هٿ رکين.“

مون خالي نظرن سان امڙ ڏي نهاري ڪنڌ هيٺ ڪيو، امڙ منهنجي وجود جي هر تحرير پڙهي ٿي سگهي، پر جڻ هي لڪاوت سمجهہ ۾ ڪونہ ٿي آيس. ايتري ۾ منوهر لال، چيلارام ۽ آنند اسڪول هلڻ لاءِ اچي پهتا، مان تڪڙ ۾ انهن سان نڪري ويس.

امڙ جي تڙپ دل ۾ ڇهندي وڏي پر هڪ اڻ ڏٺل ڪشش ۽ قوت ان تي حاوي هئي. ائين مسلمان ٿيڻ جا پُور پچائيندي سال کان مٿي ٿي ويو. دوستن کي ڪو مولوي ڪونہ ٿي سُجهيو. دوست منهنجي حالت تي پريشان هئا. جيسين ڪو مولوي هٿ اچي آءُ دوست محمد سان سندس گهر جي پر واري مسجد ۾ نماز پڙهڻ ويندو رهيس، جڏهن مسجد مان سڀ نمازي هليا ويندا هئا .دوستن مون کي نماز سيکاري ۽ ياد ڪرائي هئي .قرآن جو سبق بہ ڏيندا رهيا، وڏن کان چوري دوست محمد جي

گهر جي ڪچي چني ۾ دين جون ڳالهيون ڪندا هئاسين، نماز، قرآن پڙهندا هئاسين. آءُ ذهين هوس سو ڪا ڏکيائي نہ ٿي، سيکجھ جلدي ياد ڪري ويس .آءُ سترنهن سالن جو ٿي ويس، آءُ ڪابہ نماز نہ گسائيندو هوس، ڪيئن بہ ڪري لِڪي نماز پڙهندو هوس ۽ دعا ۾ باھ کان پناھ گُهرندو هوس. مون پنهنجي مذهبي ڏينهَن ۽ پوڄا پاٺ ۾حصو وٺڻ ڇڏي ڏنو هو. سيني گهر وارن کي منهنجو اِهو رويو پسند نہ هو. اِن ڳالھ تي سڀ دڙڪا بہ ڏيندا هئا. سواءِ امڙ جي. بابا کان وڏيڪ چاچا دڙڪا ڏيندو هو .چاچا وڏي رعب ۽ دبدبي وارو شخص هو، جيتوڻيڪ چاچا پتا کان ننڍو هو، پر وڏي مٽيا ۽ ڏيا وارو شخص هو، خانداني فيصلا بہ گهڻو ڪري چاچا ڪندو هو، جو بابا گهر توڙي خانداني مسئلا سندس حوالي ڪري ڇڏيا هئا .

اُهو شايد آچر موڪل جو ڏينهن هو آءُ دوست محمد وٽ ويس تہ پُرجوش طريقي سان مليو زور سان ڀاڪر پائي خوشخبري ڏنائين تہ،

گيان تنهنجو ڪم ٿي ويو آ، سوندا کان سوٽ آيو آهي، مولوي جو ڏس ڏنو اٿائين، جيڪو سندس گهڻ گهرو آ، چاچي جو دوست آ، مون ڪيس رات رهايو آ، سياڻي يار تنهنجي ڪم سان ساڻس رلجي وڃان ٿو. ڪم پڪو ڪري مولوي سان ڳالهائي موٽ ڪندس پوءِ وري هتان گڏجي هلنداسين. بس سياڻي نڪرنداسين.” هو پنهنجي سوٽ کي سڏي آيو، ٻاهرين چني ۾ ويناسين، ڪوڙ ڪڇهري ٿي. سندس سئوٽ پلو ماڻهو هو .

عبدالقادر جو ٽڏو ساھ نڪري ويو پٽ کان پاڻي گُهريائين. عبدالرحمان ڪٽوري ۾ پاڻي ڀري ڏنس....يڪ ساهي پاڻي پيئڻ کان پوءِ عبدالقادر وري ڳالهايو .

“آءُ هفتي کان دوست محمد وٽ وڃي نہ سگهيو هوس. هفتي کان پوءِ جڏهن وٽس ويس تہ دوست محمد خوشخبري ٻڌائي تہ مولوي مڃي ويو آهي، ميار ڏيڻ لڳو تہ آءُ تنهنجي ڪري سوٽ جي منٿن تي بہ اُتي نہ رهيس. تنهنجو ڇهن ڏينهن کان انتظار ويٺي ڪيم. دوست محمد خوشيءَ ۾ ڪونہ ٿي ماپيو. دوست محمد پنهنجي والد کي بہ اِها ڳالھ ٻڌائي چڪو هو. ٻن ڏينهن کان پوءِ مولويءَ وٽ پهچڻو هو. سو انجام موجب جڏهن بيل گاڏيءَ تي پرواري ڳوٺ پهتاسين تہ دوست محمد جا مائٽ اسان سان ملي ڏاڍا خوش ٿيا. دوست محمد جا مِٽ مائٽ گڏائتا ۽ قربائتا ماڻهو هئا، ڀلي آجيان ڪيائون. سنو ڀانيائون، هنڌ ٿپڙ ماني ٽڪي خاشي خدمت ڪيائون .

ٻئي صبح تي مولوي سان ملياسين مولوي صاحب بہ خوش ٿيو. منهنجي مسلمان ٿيڻ تي مولوي صاحب کي جا سرهائي منهن تي آئي، تنهن مون کي بہ سرهو ڪري ڇڏيو .مولوي صاحب چيو ڪجھ ڏينهن مهماني ڪائو. ڏسجي تہ ڀنيان جاچ جوچ ڳولها ڦولها ڪيتري ٿئي ٿي! پنهنجو بہ بچاءُ لازمي آهي، ڀيو ٿون اجان

ڪچو آهين. انگريزن جي حڪومت آ ڪٿي ڪاٿ نہ پئجي وڃون. اسين بابا اپرا ماڻهو ڪنهن ڦڏي مان ڪين جاڻون.

ستين رات بابا اوچتو چاچي سان اچي ڳولهي لڌو، ڳوٺ وارن دوستن سڻس ڏئي ڇڏي هئي، چاچا جي رعب آڏو دوستن زبان ڪولي وڏي، شايد ڪين مار موچڙو بہ ٿيو هو. بابا جڏهن آڏو آيو تہ رڦٽي وٺي ويم، رت ست ڇڏائي ويو، ڪنڌ هيٺ ڪري بينس، چاچا ڪاوڙ ۾ اچي ساڃي ڳل تي چپاٽ وهائي ڪڍي، هٿ چاچا جو ڳرو هو، چپاٽ جڻ ڳل تي نهي پئي. بابا مولويءَ ڪي ڏاڍو سوڙهو ڪيو، چيائينس قانوني ڪارروائي ٿيندي... مولوي صاحب منٿ ميڙ ڪيس، هٿ ٻڌائينس تہ

"بابا امانت وٺي وڃو، مون ڪيس ڪلمو ڪونهي پڙهايو. ڇوڪرو اجان مسلمان ناهي ٿيو."

مسلمان ٿيندو بہ ڪيئن اجان هو ارڙهن سالن جو بہ ناهي ٿيو." بابا جڻ شينهن وانگر گجگوڙ ڪئي هئي .

اوهين تہ دين دنيا جاڻو ٿا، هي اوهان غير مناسب قدم ڪيئن پئي ڪنيو، قانون موجب اوهين ڏوهاري آهيو."

ديوان سائين! مسلمان ڪيو تہ ڪونهي اجان، پنهنجي خوشيءَ سان پٽ اوهان جو آيو آهي اسين ڪيس زوري تہ ڪونہ وٺي آ يا هئاسين، جيئن پهتو آ تيئن وينو آ، مون نہ ڪو مسلمان ڪيو آ نہ وري هاٽي ڪو ڪندس. پنهنجي پٽ ڪان پُڇي سگهو ٿا .هي دين آ زوري ناهي ٿيندي دين ۾. اِهو آءٌ بہ جاڻان ٿو ".
بابا وارن بيل گاڏي ۾ مون ڪي ويهاريو، پلين جُهلن وارا بہ ڏانڊ ، وڏا وڪڙ ڪاڏل سگ ڍڳا جڻ تہ بيل گاڏي اُڏائيندا ٿي ويا. آءٌ خوف ۾ هئس تہ شايد ماريو وجان .گهر پهچي چاچا ڏاڍي ڇنڊ پٽي هئي تہ "شرم ڪونہ آهي توکي راڄ ۾ وڏي عزت وارا آهيون، ستن پُشتن ۾ اسان مان ڪو مسلمان نہ ٿيو، توکي اهو خيال ڪٿان آيو، ٻڻ ٻٽياد تنهنجو ڪيڏو مانائتو آ، توکي پنهنجي ڌرم جو ڀرم شرم ناهي."

امڙ منهن تي پردو ڪري منهنجي پرسان ٻيني رهي هئي، امڙ چاچن ڪان پردو ڪندي هئي .پوءِ چاچا مون ڪي ڪتولي سان ٻڌي ڇڏيو هو، چاچا ۽ بابا اِهو چيو تہ هي تيسين ٻڌل رهي جيسين آڻ نتو مڃي. جي سڌو نہ ٿيو تہ ڪا ٻي ڪارروائي ڪبي. باقي نڪ ڪٽڻ جهڙو ڪونہ ڇڏيو اٿائين. دل تان لهي ويو آهي .آءٌ مسلمان هوس، دل سان روح سان سا ڳالھ ڪير بہ سمجهڻ لاءِ تيار ڪونہ هو، مون ڪي تڪليف ڏئي ويتر باغي ڪري رهيا هئا. مون ڪي فقط امڙ جو اونو هو، باقي رشتا دل تان لهي چڪا هئا. جڏهن سڀ ڪمري مان نڪري ويا تہ امڙ لالٽين ڪٽي اچي منهنجو چهرو ڏٺو هو، ڳل تي چاچا جي چپاٽ سَودي نهي پئي هئي، امڙ ڏسي ڏجي وئي، مون ڏٺو تہ امڙ جي جسم مان سيسراٽ نڪري ويو. لڳم تہ مون ڪي نہ پر

جڻ امڙ ڪي اُها چپاٽ لڳي جڏهن منهنجي ڳل تي چپاٽ جي چاپ ڏنائين. امڙ جي اکين مان رُڪيل ڳوڙها ڪري پيا ۽ مسلسل ڪِرندا رهيا، سڏڪو روڪي پڇيائين،

ماني ڪائيندين؟" مون انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو، منهنجو منهن ٻنهي هٿن ۾ جهلي چوڻ لڳي

منهنجا لال مُڙي وڃ، ضد چڱو ناهي. آءُ ممتا ڪان مجبور آهيان، مون کي ڪين مار."

پوءِ منهنجا ٻئي هٿ چمندي رهي. منهنجا هٿ سندس ڳوڙهن جي مينهوڳيءَ ۾ جل ٿل تي ويا هئا. مون اُن لمحي امڙ کي چيو هو ته،

امڙ مان اِن آڙاهه ۾ نه سڙندس جيڪا منهنجي چتا کي هڪ ڏينهن ڏني ويندي، مونکي نرڳ دوزخ جي باهه نه، پر سوَرڳ جنت جي طلب آهي. سا لهڻ ۾ منهنجي مدد ڪر امڙ!" ٻئي ڏينهن صبح جو زوري ماني پنهنجي هٿن سان کارائي هئائين. ڪيس پڪ ٿي چڪي هيس ته آءُ نه مُڙندس، هوءَ هارائي چڪي هئي. درگا ماتا جي ڀڳت هارائي چڪي هئي. هڪ ماءُ ممتا هٿان هارائي آڻ مڃي چڪي هئي. هوءَ مڪمل ممتا هئي درگا ماتا جهڙي شفيق. مون سڄي رات ننڊ نه ڪئي هئي ڀڄڻ جا پور پچائيندو رهيو هوس. جسم نڍل، بي حال نستو هو، جهڙو بي جان. صبح جو مون امان کان حاجت روائي جي اجازت گُهريم، امڙ سڏڪو دٻائيندي هٿ جي اشاري سان چيو هليو وڃ .نوراتري جي لاءِ سڀ تياريون ۾ مندر ويل هئا. امان کي منهنجي رکواليءَ لاءِ رهائي ويا هئا. منهنجي هٿن پيرن جون رسيون کولي ڇڏيائين. ان مهل سڄ جا ڪرڻا امڙ جي ڇهري تي پيا هئا. مون کي لڳو ته سورهيه ونش امڙ جي ممتا کي جڻ سلام ڪري رهيو آهي . عبدالقادر سڏڪو ڇپن ۾ ڇپائي اندر ڏانهن موڪلي ڇڏيو. جيڪو عبدالرحمان محسوس ڪري ورتو. وري عبدالقادر ڳالهايو

ويندي ويندي امان مون کي زور سان ڀاڪر پاتو ۽ ڪجھ پئسا منهنجي کيسي ۾ وڌائين.

" مان گهر جي پوئين پاسي ڊنگهرن جي لوڙهي تي ٽپ اڇلايو. ڪيئي ڪنڊا جسم رهڙي ويا پر ساهه بچائڻ ۽ مسلمان ٿيڻ جو مقصد منهنجي جسم کي ڇُرڻ تي مجبور ڪري رهيو هو .منهنجي ڏونڌن ۽ پني ۾ ڪنڊا چپي ويا هئا، لوڙهو ٽپي ڊوڙ پاتم چپل پير مان ڪڏهوڪي لهي وئي ڪا سڌ ڪين هُئم. ڀنتي ڪونه ڏنم، ٽورو ئي پري ويس ته چاچا گهوڙيءَ تي اچي رهيو هو .آءُ ڏکي ويس شڪر الله جو آڏو سگهارو ٻير جو وڻ هو، ان جي اوٽ ۾ لِڪي ويس. چاچا ڪونه ڏٺو. مون وري روڪيل ساهه کنيو ۽ وري پيرن تي زور ڏنم. ڊڪيس ۽ ڊڪندي ڀڄندي واهه جي ڪپ تي پهتس اکين اڳيان اونداهي ڇائنجي وئي آءُ اُتي ئي ڪري پيس.

عبدالقادر ڪجھ لمحا خاموش ٿي ويو... فانوس جي روشنيءَ ڪان منهن هٽائي عبدالرحمان پهراڻ سان پنهنجا ڳوڙها اگهي ورتا جيڪي پيءُ جي ڪهاڻي ٻُڌندي وهي پيا هئس. عبدالقادر وري ڳالهائڻ شروع ڪيو ته عبدالرحمان منهن روشني طرف ڪيو.

جڏهن هوش آيم ته هڪ غريب ميربحر جي پُنگيءَ ۾ هيم .ان مونکي سڃاتو هو، جو روزانو اسانجي ڳوٺ مڇي کڻي ايندو هو .آءُ ڏکي ويس. غلامون ميربحر شفقت سان نهاري چيو ته، "سيٺ مولچند جو پٽ آهين نه؟" مون هائوڪار ۾ هلڪو ڪنڌ لوڏيو.

ٻچا تون غشي ۾ واھ جي ڪپ تي پيو هئين ۽ اهو حال ڪيئن ٿيو تي؟" مون کين سڄو حال ٻڌايو.....

ابووو "....غلامون ڪجھ سوچيندي چيو،

ڊڄ نه اسين دين خاطر توسان گڏ آهيون، جيڪو حڪم ڪرين ".پيار سان مٿي تي هٿ رکيائين ۽ چيائين،

اَبا ريل ڪار ۾ چڙهي وڃي شهر ۾ ڪو مولوي ڳولي هٿ ڪر، هتي ته تون پڌرو ٿي پوندين."

اُتي مون کي خيال آيو ته دوست محمد کي نياپو غلامون هٿان ڪرايان جو هو روز مڇي کڻي ڳوٺ ويندو آهي. غلامون سان ڳالھ ڪيم ته ڪيس سرهائي ٿي ۽ هائوڪار ڪيائين. ڏينهن اڌ ۾ دوست محمد، پيءُ ۽ ٽنهي دوستن سوڊو اچي پهتو. رات واري ريل ڪار ۾ مان ۽ هو ٽيئي دوست ڪراچي روانا ٿياسين. مون کيسي ۾ هٿ هنيو ته امڙ جا سڪا ۽ سونيون گُنيون هٿ ۾ آيون .ٽڪيتون مون سيني جون ورتيون خرچ ڪرائڻ جي عادت ڪڏهن ڪونه هئي سو ڪجھ پئسا دوستن کي ب ڏنم. ريل گاڏي ۾ منهنجي ڪيفيت مٽ ٿي وئي هئي، ڪنهن پل نور جي روشني سيني ڏانهن ويندي محسوس ٿي ٿي ۽ جسم ۾ حيرت انگيز سگھ پيدا ٿي وئي ته ڪنهن لمحي وري مائٽن جو ڊپ ۽ باھ جو خوف پئي ٿيم. مون کي پنهنجي ڪئي تي پڇتاءُ ڪونه هو، پوءِ آءُ خوش هوس جو پنهنجي مقصد جي پوراءُ لاءِ ڪراچي وڃي رهيو هوس .

ڪراچيءَ ۾ هڪ مشهور عالم دين ۽ معروف بزرگ هستيءَ سان وڃي ملياسين. مون ۽ منهنجي دوستن سڄو حال کيس ٻڌايو. مولوي سڀ سوال مون کان ٿي پڇيا ته ڪٿي هي زبردستي ته نه کيس ڪٺي آيا آهن. مون اعتماد سان جواب ڏنا. منهنجو حوصلو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. مٿي تي هٿ رکي چيائين،

"هي مدرسو ۽ منهنجو گهر تنهنجا پنهنجا آهن، تنهنجي عمر ارڙهن سال ٿيڻ تائين توکي ڪلمو نه پڙهائبو، توکي تيسين اسلام جي باري ۾ سڀ سمجهائيندس

پوءِ مسلمان ڪندس. سو ٽي مهينا تون جاڻ حاصل ڪر، پوءِ آءٌ توکي مسلمان ڪندس.” منهنجا دوست موڪلائي واپس روانا ٿي ويا جيئن منهنجي وارثن کي ڪو شڪ نہ پئي. ٽن مهينن گذرڻ کان پوءِ مولانا صاحب مون کي مذهبي رسم سان مسلمان ڪيو، ڪلمو پڙهايو .هندو برادري ۾ منهنجي وارثن ۾ وڏو چوڀول متل هو، وڏي ڦڙڦوٽ هئي، هو هر هنڌ مونکي ڳولهي رهيا هئا .

منهنجي مسلمان ٿيڻ کان هفتو پوءِ اچي نيٺ مونکي ڳولهي پهتا .مولانا صاحب مون کي سندن سامهون اچڻ نہ ڏنو. پهريان سڀ دليل ثبوت، منهنجو قسم نامو ۽ پوري عمر ڪين ٻڌايائين. پوءِ ڪانئن مون سان ملڻ جي لاءِ پڇيائين جنهن تي هنن مونسان ملڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڏک ڪاوڙ ۾ واپس هليا ويا .مولانا صاحب منهنجو مسلمانڪو نالو عبدالقادر رکيو هو، نہ صرف ايترو پر منهنجي وارثن جي لادعوي هُجڻ ڪري مونکي پنهنجي ولديت جو نالو بہ ڏنائين، مان قومي سڃاڻپ موجب عبدالقادر ولد مولوي عبدالستار بڻجي ويس .مونکي نالي متعلق سمجهائيندي چيو هيائين عبدالقادر يعني قادر مطلق جو عبد، بندو. مون کي پاڻ وٽ سال ترسائي مڪمل ديني تعليم ڏنائين پوري سِکيا ڏنائين. جڏهن مان هر ڳالهہ سمجهي سِکي ويس ۽ دلي طور مطمئن ٿيس تہ مون مولانا صاحب کان موڪلايو .مولانا صاحب مونکي ولديت ڏني هئي سو پنهنجو پُٽ ئي سمجهندي سموري زندگي پاڻ سان رهڻ جي آڇ ڪئي. مون سندس ٿورا مڃيا ۽ زندگي پنهنجي انداز ۾ جيئڻ جي اجازت گهري. مولانا صاحب دعائن ۽ تحفن سان رخصت ڪيو ۽ اِهو تاڪيد ڪيائين تہ ڇٽي ڇهہ ماهي مان ڪيس مُنهن ڏيکاريندو ضرور رهان .

آءٌ سنڌ جي سيني روضن ۽ زيارتن، ديني بزرگن وٽ ويس. سڀ گاديون گهُميس. آءٌ هاڻي ويهن سالن جو جوان ٿي چُڪو هئس. امڙ جو ڏنل سون ۽ پئسا مون وٽ سنڀاليل هئا. آءٌ روز گذر لاءِ ڪڏهن مزدوري بہ ڪري وٺندو هوس، پر انهن پئسن کي هٿ نہ لاتم.

نيٺ پنهنجي ڳوٺ ويجهو ننڍڙي شهر ۾ اچي هڪ مولوي سان مليس. مولوي صاحب مون کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. پوري شهر ۾ منادي ڪرايائين، گهوڙو سجائي، نئون خوبصورت جوڙو تيار ڪرائي پارائي اُن تي ويهاري شهر ۽ شهر کان منهنجي ڳوٺ تائين جو سرگس ڪرايائين .ڳوٺ جي مندر ۽ مسڻ کان گذرندي منهنجي لونءُ ڪاندارجي وئي، سڀ يادون سمورا عڪس اولڙا ذهن جي ڪينواس تي تري آيا. هلندي جڏهن پنهنجي گهر کان گذريس تہ مٿين ماڙ تي نظر پيم عورتون بيٺل نظر آيون .سڀ زارو قطار روئي رهيون هيون. سين جي اکين ۾ ڳوڙها هئا .مون ڪنهن کي ڳولهيو پئي .جڏهن امڙ تي نظر پيم تہ دل ئي ڄڻ ڏڏي وئي

اکين ۾ پاڻي اچي ويو، پر پاڻ سنڀالي ورتم. امڙ ويجهو ڏسي هڪ ڳوٿري ’هڙ‘ مون ڏانهن اُڇلائي جيڪا اچي منهنجي جهولي ۾ ڪِري مون اُها هڙ ڪنئين. سوچيم واپس امڙ ڏانهن اڇلايان پر هيڏي ميڙاڪي ۾ ايئن ڪري نہ سگهيس. خبرناهي ڪنهن ڏنو، ڪنهن نہ ڏنو، وڏيڪ ڪنهن کي خبر نہ ڏيڻ ئي بهتر هو. وڏي احترام سان جلوس وري واپس شهر مولوي جي گهر طرف رخ ڪيو.

مون گهر پهچي ٿيلهي کولي ڏٺي، ڪافي پئسا ۽ سون هو .آءُ نماز جو پابند هيس، پر مولوي جي مسجد ۾ رهندي تهجد، اشراڪ ۽ چاشت نماز بہ پڑهندو هوس، مون جلدي انهن سيني پئسن مان هي گهر ۽ مسجد جوڙايا ۽ هڪ دڪان کوليم . مولوي ڪجهہ ئي مهينن ۾ ڏيءَ جي سگ جي آچ ڪئي، جيڪا مون اٽڏني قبولي. سچي دنيا چيو تہ تون مولوي جي کوجهي ڏيءُ سان ڪيئن ها ڪئي. پاڻ تہ ٺاهوڪو سهڻو جوان آهين. توجهڙو شهزادو تہ پوري تر ۾ ڪونهي .مون کين چيو سڀ مالڪ جو جهان آ، دنيا باغ آهي ۽ ان ۾ هر رنگ هر قسم جا گل آهن، مالڪ جي ٺهيل ڪابہ شئي خراب ڪونهي. منهنجي شادي ٿي وئي... عبدالرحمان ڪان رهيو نہ ٿيو، چيائين،

بابا اوهين واقعي سدا ملوڪ حسين آهيو، امان ۽ اوهان ۾ ڏينهن رات جو فرق آ.” عبدالقادر ڪِلندي وراڻيو سڀ صورتون اُن ذات جون خلقيل آهن. ڪنهن صورت مان وِڏ ڪيڻ اُن مالڪ جي شان مان وِڏ ڪيڻ برابر آهي، مون کي سندس ذات ۽ صورت ۾ ڪڏهن ڪو عيب نظر نہ آيو آ. خير سان جڏهن عبدالنبي ڇهن مهينن جو ۽ تون ٽن سالن جو هئين تڏهن امڙ نياپو ڪرايو هو تہ مون کي پوٽا ڏيکاري وڃ. دم حياتي الائي ڇا موت ملاقات جي ڪا خبرناهي، مون انڪار ڪيو هو. وري امڙ اِهو نياپو ڪرايو تہ،

“پُٽ جي تون هڪ واياٽيءَ سان نٿو ملڻ چاهين تہ اُها تنهنجو مذهب اختيار ڪرڻ لاءِ تيار آهي. آخري پيرو تنهنجي ۽ تنهنجي ٻچن کي ڏسڻ ڪاڻ هوءَ پوئين وهي ۾ بہ پنهنجو مذهب ڇڏي ڏيندي. مَذهب ڇڏڻ سان، سندس مانگ اُجڙي ويندي، منگل سُوتر بي معنيٰ ٿي پوندو، هوءَ مڙس هوندي بہ جڻ وڌواهہ يعني سُهاڳڻ هوندي بہ ڏُهاڳڻ ٿي پوندي، سو بہ قبول آهي ٻچا تو لاءِ ”.هوءَ مڪمل ماءُ هئي هُن جنهن دل سان چيو هو سو ڪري بہ ڏيکاري ها جيڪڏهن مان نہ مڃان ها، وٽس توهانکي ڏيکارڻ نہ وڃان ها .اُن وقت تنهنجي ماءُ مون کي چيو هو تہ ’آءُ بہ ماءُ آهيان، ۽ هڪ ماءُ جي دل ۽ محبت جو اندازو اٿم. ماءُ مذهب کان بالاتر هوندي آهي .جي تون نہ هلندين تہ آءُ ساڻس ٻارن سميت وڃي ملندس.” نيٺ اسان ٻئي اوهان ٻنهي کي بيل گاڏيءَ ۾ وٺي ويا هئاسين.

اوهان جي جمڻ تي جا مون کي خوشي هئي، امڙ کي ان کان وڌ خوشي اوهان کي ڏسي ٿي هئي. پتا ۽ چاچا سڀ خاندان مليو هو، سڀ آڻ مڃي چڪا هئا. بس مون کي زندهه ڏسي ٻچڙي وال ڏسي ٽُٽي پيا هئا، بس ڪُڇيا ڪونه پئي پر اندر ئي اندر ۾ روئي رهيا هئا .امڙ اڳ جيان سڏڪن کي گُهٽي ڳالهائيندي رهي ۽ مون کي ڪا مهل ڏسندي رهي .

امڙ واپسي مهل تنهنجي امڙ کي سون ۽ ٻيا تحفا ڏنا هئا. مون تحفا وٺڻ کان انڪار ڪيو ته ٻانهون ٻڌي بيهي رهي .

ابا ايئن انڪار نه ڪر، تنهنجو انڪار مون لاءِ نرڳ جي باهه کان وڌيڪ ساڙيندڙ آهي، ابا مونکي جيئري نرڳ جي باهه ۾ نه اُڇلاءِ ”...

اُن لمحي منهنجي اکين ۾ مسڻ واري ڏينهن جي ياد اچي وئي هئي، جڏهن مان جمنا جي انتم سنسڪار ڏسڻ لاءِ صبح جو سوير وڃي مسڻ ۾ نم جي وڻ تي چڙهي لِڪي وينو هوس. جمنا جي آرتي کان اڳ هڪ ٻي آرتي مسڻ ۾ جيڪا آئي هئي ۽ اُن جو انتم سنسڪار ٿيو هو جيڪو مون پنهنجي اکين سان ڏٺو هو. رسمن موجب چتا کي ڪاٺين تي رکي باهه ڏنائون جهٽ پل ۾ باهه جا شعلا جڻ ته آسمان کي ڇُهڻ لڳا .ڪجهه ئي لمحن ۾ اُن چتا جو جسم اُيو ٿي ويو جيئن جمنا جو جسم اُيو ٿيو هو، ڪن پل ۾ چتا وري باهه ۾ ڪِري گم ٿي وئي. اوچتو ڪنهن شيءِ جي ڦِسڻ جي آواز سان ڪو باهه جو گولو چتا مان اُڏاميو. سڀ ماڻهو حيرت ۾ پئي ويا مان ته صفا ڊِڄي ويس ته ڪٿي اُهو ٻرندڙ گولو مونتي نه اچي ڪِري. گولو ٿورو مٿي وڃي وسامي ويو ۽ زمين تي اچي ڪِريو. منهنجا ته تارا ئي ڦاٽي ويا اُهو گولو هڪ پتڪڙو ڪچو ٻار هو جيڪو چتا مان اُڏامي ڪِريو هو. ماڻهو ته حيرت ۾ پئجي ويا پر آءُ صفا سراپجي ويو هوس، مساڻ جي سنڀاليندڙ ڊوڙي وڃي ٻار کنيو ۽ ڪپڙي ۾ ويڙهي هڪ پاسي رکي ڇڏيو. چتا جي وارثن مان هڪ همراهه ماڻهن سان مخاطب ٿيندي چيو،

چتا واري عورت ڳورهاري هئي شايد، سو باهه ۾ جسم آڪڙجڻ تي ٻار اچي ٻاهر ڪِريو آهي.”

اُن لمحي منهنجي اکين مان ٻي ٻها نير وهڻ لڳا هئا. مونکي جڏهن دوست محمد ۽ سندس پيءُ پنهنجي مائٽن جي ڳوٺ واري مولوي وٽ وٺي ويو هو، ته مونکان اُن مولوي سوال ڪيو هو، ته آخر مان مسلمان ڇو ٿو ٿيڻ چاهيان .جنهن تي مون جمنا ۽ ڳورهاري عورت جي ٻار وارو واقعو ڪيس ٻڌايو هو جيڪو منهنجي مسلمان ٿيڻ جو وڏو محرڪ هو ۽ ڪيس چيو هئم ته مان باهه آڙاهه يا دوزخ ۾ سڙڻ جَلڻ نٿو چاهيان. مان جنتي ٿيڻ ٿو گهران. مولوي صاحب مون کي سمجهائيندي صرف ايترو چيو هو ته،

پُٽ! تنھنجي مسلمان ٿيڻ سان ٻئي ڪنھن کي پل ڪا پرواھ نہ ٿئي پر تنھنجي ماءُ صفا مري پوندي، ماءُ اُھا ھستي آھي جيڪا مرڻ کان پوءِ بہ ٻچن لاءِ دعاگو ھوندي آھي. پاڻ آڙاھ ۾ سڙندي بہ پنھنجي ٻار کي سڙندو ڏسڻ نہ چاھيندي آھي. جنھن جو مثال مسڻ واري اُھا ڳورھاري عورت آھي، جنھن پنھنجي ٻچي کي ٻاھ کان ڪڍي ٻاھر اُڇلايو. جنھن جي ڳالھ تو پاڻ ئي ٻُڌائي آھي. سو وري، بہ پُٽ سوچ ٻيو ڪنھن جو نہ تہ، گھٽ ۾ گھٽ ماءُ جو، جنھن جي پيرن ۾ ئي تنھنجي جنت آھي ”. عبدالقادر اوچنگار ڏئي روئي پيو جيڪو شخص ايڏي دير کان ھڪ وڏي ضبط سان ڳالھائي رھيو ھو سو صفا جھُري پيو. ھُن وري ڳالھ جاري ڪئي،

“الائي ڇو ايڏو وڏو مذھبي عالم ۽ مولوي ھوندي بہ آءُ اُن لمحي امڙ جي پيرن تي ڪِري پيو ھوس. الائي ڇو ھڪ لمحي لاءِ منھنجي اندر مان ئي ڪو آواز آيو تہ،

“او گيانا، او مولوي عبدالقادر تنھنجي اصل جنت تہ اِنھن چرنن ۾ آھي جيڪا تون مذھبن يا دينن ۾ ڳولھي رھيو آھين، ڪيڏو پٽڪيو آھين او مورک تون”

مون امڙ جي پيرن کي چُميو، سندس ھٿ وٺي اکين تي رکيم، ھوءَ بي وس ٿي بس مونکي ڏسندي رھي کن پل لاءِ ايئن لڳم جڻ امان جو روح پرواز ڪري چُڪو آھي .مان اکين جا لُڙڪ روڪيندو واپس ھليو آيس. ڇھن مھينن کان پوءِ امان ديھانت ڪري وئي. مان امان جي آخري رسمن ۾ نہ ويس الائي ڇو شايد مون ۾ اُن ماءُ کي آڙاھ ۾ سڙندي ڏسڻ جو حوصلو ھمٿ نہ ھئي. امان جي گُذاري وڃڻ کانپوءِ نندي ڪنڌ جو بہ ورھاڱو شروع ٿي ويو. منھنجا سمورا اصل مائٽ لڏڻ لڳا. چاچا ۽ بابا مون وٽ موڪلائڻ آيا، پنھنجي سموري مُوڙي جايون ملڪيتون منھنجي حوالي ڪرڻ چاھيائون جيڪي مون نہ ورتيون، بابا مونکي ھڪ پرچي ڏني جيڪا ڪوليم تہ امڙ جا ھٿ اکر ھئا.

ٻچا منھنجا، مان دُرگا جي روپ ۾ سدائين توسان گڏ ھونديس. تون منھنجي آتما جي شانتي خاطر ڪجھ بہ ھُجي ڏينھن ۾ ھڪ دفعو ضرور مون ڏانھن نِھارجان، پڪ ڄاڻ تون نھاريندي تہ مان تنھنجي آس پاس ھونديس ”.

“سو پُٽ عبدالرحمان مان تڏھن اُن مندر ٻاھران رکيل درگا جي وڏي مورتي کي نِھاريندو آھيان ۽ دل ئي دل ۾ کيس امڙ جو روپ سمجھندو آھيان. پر پُٽ عبدالرحمان مان وڏو مُورک آھيان، پاڻيءَ مٿي جھوپڙا ھئم تہ اُڄ مُئس، ھاڻي تہ بار بار الائي ڇو ٻاھ بدران اِھو خوف رھندو اٿم تہ، مان جنھن ٻاھ جي خوف کان عبدالقادر ٻڻجي امڙ جيجل کان تہ ڏور ھليو ويس، پر ڇا قادر مطلق مونکي پنھنجو عبد قبوليو بہ الائي نہ!؟ “ عبدالقادر ھڪ وڏي اوچنگار سان لڙڪن جي سيلاب ۾ لُڙھي ويو ۽ لُڙڪن جي اُن سيلاپ مان کھڙي مھل واپس آيو !واپس آيو بہ الائي نہ!؟ جو عبدالرحمان بہ ساندھ لڙڪن جي سيلاب ۾ ٻُڏل ھو .

# زاهده ابڙو



**ادب** ئي هڪ اهڙو پاسو آهي جيڪو انساني تجربن ۽ مشاهدن جي ترجماني ڪندو آهي. ڪهاڻي جي پلاٽ ۾ چَس ضروري آهي نه ته پڙهندڙ بور ٿي پوندو ۽ جلدئي اوهان جي ڪهاڻي مان هٿ ڪڍي ونندو.... ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري چَس سان گڏ ڪهاڻي جي ڪردارن ۽ خيالن جي رابطي جو به پڻ هڪ خاص خيال رکيو ويندو آهي. ڪنهن به انسان کي خبر ناهي ته اهو پل ڪهڙو آهي، جنهن پل هن کي خوشي يا ڏک ملندو....؟؟؟ زندگي پنهنجي رُخ ۾ هڪ وڏي معني ۽ مفهوم رکي ٿي. جنهن کي سمجهڻ لاءِ هر شخص وٽ پنهنجو هڪ الڳ ماپو آهي. سٺي ۽ معياري تخليق پاڻ مڃائيندي آهي. اها نالي جي محتاج نه هوندي آهي. ڪهاڻي چوڻ، لکڻ جو فن عورت جي نس نس ۾ شامل آهي. عورت سراپا ڪهاڻي آهي. ڪا خبر ناهي هوءَ ڪهاڻيون لکندي آهي يا ان کان ڪهاڻيون لکرايون ٿيون وڃن....!؟

زاهد ابڙو جي ڪهاڻين مان وقت جي درد جا احساس، سماج جا ڪوجها پاسا ۽ اهڙا ئي ٻيا احساس پڻ نمايان آهن. زاهده جي لکڻين ۾ اوهان کي زندگي جو تجربو به ملندو ته مشاهدو به..... ڇو ته هڪ سٺي ڪهاڻيڪار لاءِ تجربو ۽ مشاهدو ٻئي ضروري آهن. جيترو تجربو ۽ مشاهدو تيز ۽ گهرو هوندو لکندڙ اوترو ئي اثر پنهنجي پڙهندڙن تي ڇڏيندو. سو زاهده جون لکڻيون پنهنجو هڪ الڳ اثر رکن ٿيون. جتي موجوده عورت ڪهاڻيڪارن مان فرزانه شاهين، زيب نظاماڻي، تانيه ٽيٻو، فردوس مزناڻي، عاليه آغا، ثمينه ميمڻ، بانو محبوب جوکيو، الماس رسول ميمڻ، رعنا شفيق، منظور زهره، ناهيد مغل، ڪلثوم مغل، نجمه پنهور، گلشن سندو، شبانه سنڌي، سلمي پنهور، زاهده ٽيٻو، ارم محبوب ۽ شگفته شاهه سٺو لکي رهيون آهن. اتي زاهده ابڙو جي ڪهاڻين مان تخليقي سگهه واضع آهي. ڪو شڪ نه آهي ته ايندڙ وقت ۾ زاهده ابڙو هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪاره جي روپ ۾ سنڌي ادب جي اُفق تي نروار هوندي.

**احسان آڪاش**

# مهرو

**اهو** جون جو مهينو هو سخت گرميءَ جا ڏينهن هئا پر رات جا چار پهر مڙئي ٺوري گهٽي ٺڏڪار ٿي ويندي هئي ۽ ان ڪانسواءِ هڪڙو پيڊسٽل فين به وچ تي رکيو هوندو هو. جنهن سان سيني کي سڪون واري ننڊ اچي ويندي هئي فجر مهل مُلن جي ٻانگن تي وجي مس اک کلندي هئي، پر اڄ ٻانگ کان پهرين مسجد مان اعلان لاءِ سڏ ٿيو. جيئن ته ان ڏينهن گرمي به ڏاڍي هئي ۽ اعلان تي سيني جي ننڊ ڦٽي وئي. ”حضرات هڪ ضروري اعلان ٻڌندا سِلو چاڪيءَ جي وڏي نياڻي جو انتقال ٿي ويو آهي سندس جنازي نماز مدينہ مسجد ۾ هڪ وڳي ادا ڪئي ويندي سيئي مسلمان ڀائر ان ۾ شرڪت ڪري ثواب دارين حاصل ڪندا.“

مولوي اهو اعلان ٽي دفعا دهرايو مان ته پنهنجي کٽ تي ئي اٿي ويهي رهيس پوءِ بس هڪ هڪ ڪري اهي سڀ ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون ته ڪيئن ننڍپڻ ۾ گڏجي گهٽين ۾ راند ڪيڏندا هئاسين، شام جو جيئن ئي سج جا پاچا لڙندا هئا ته آئون سيني ٻارن کي پاڙي مان وجي سڏ ڪري جمع ڪندي هئس ۽ آخر ۾ مهرو کي سڏيندي هئس ڇو ته هوءَ اسان کان عمر ۾ مڙئي سال به وڏي هئڻ ڪري ٿورو گهٽ نڪرندي هئي پر ان هوندي به منهنجي سڏ ڪرڻ تي هوءَ ايئن ٻاهر نڪري ايندي هئي ڄڻ ته پٽ جي پنيان بس منهنجي سڏ جي انتظار ۾ بيٺل هوندي هئي. راند ڪيڏندي هن جو چهرو گلابي ٿي ويندو هو، هوءَ رنگ جي ڳوري هئي وري وار ڪارا ۽ ٻن چوٽين ۾ ٻڌل صفا ٻاگهُل ٻائي لڳندي هئي. راند ڪيڏندي جڏهن هن جي نظر پنهنجي پيءُ سِلو چاڪيءَ تي پوندي هئي جيڪو ڪڏهن ڪڏهن جلدي گهاٽي تان واپسيءَ ۾ مٿي تي ڪڙ ۽ هٿ ۾ ڪير جي بالٽي کڻي گهر ڏانهن پيو موٽندو هو ته ڄڻ هن کي نانگ سونگهي ويندو هو. هوءَ هڪدم پنهنجي گهر ڏانهن ڀڄندي هئي ۽ ٿوري دير ۾ سندس در تي ٻوريءَ جو لڳل پردو ساڪن ٿي ويندو هو. منهنجي دل ۾ اٿ تڙ هوندي هئي ته هوءَ ايئن ڇو ٿي ڪري؟؟

آئون سڄي پاڙي ۾ ڪنهن ڪامريڊ وانگر پئي گهمندي هئس ۽ پوءِ جتي به مانيءَ جو وقت ٿيو اتي ماني کائي ونندي هئس ايئن هڪڙي ڏينهن مهرو جي ماءُ ماسي خيران مون کي چانورن جي مانيءَ تي مکڻ هٽي ڏنو، ٽماٽن جي چٽڻي به

ڏني جيڪا مون کي اڄ بہ ياد ايندي آهي پر ان سان گڏ مون هڪڙو دل ڏڪائيندڙ منظر ڏٺو جيڪو مو نکان ڪڏهن بہ وسري نہ سگهندو. ماني کائيندي مهرو ڪِري پئي هن جا هٿ پير ڦري ويا وات مان گجي نڪرڻ لڳس اکين جا ڪارا تارا مٿي غائب ٿي ويس. ان ڏينهن ڪانپوءِ مون کي هن کان خوف اچڻ لڳو ۽ هوءَ سست نظر اچڻ لڳي ۽ راند لاءِ بہ گهٽ ايندي هئي پوءِ آهستي آهستي هن گهٽيءَ ۾ راند لاءِ اچڻ بلڪل بند ڪري ڇڏيو. سيني جي وات ۾ اها ئي ڳالهہ هلڻ لڳي تہ مهرو تي جن ٿو اچي، ماسي خيران پنهنجي سمجهہ آهر ڪيس مختلف درگاهن تي وٺي ويندي هئي. ماسي خيران اڪثر منهنجي ماءُ وٽ اچي سڄا قصا ٻڌائيندي هئي ۽ پنهنجي جوان ڌيءَ جي حال تي ويهي روئندي هئي. هن جي ڳالهين مان خبر پوندي هئي تہ هوءَ مهرو کي مختلف درگاهن تي وٺي ويندي هئي اتان ڌاڳا ڦيٿا ڪرائيندي هئي پر ماسي خيران جو چوڻ هو تہ هن جي ڌيءَ کي ڪنهن ڪافر جن قابو ڪيو آهي جيڪو هن کي جيئڻ نٿو ڏئي. مهروءَ جو گهر ۽ اسان جو گهر لڳو لڳ هئا وچ ۾ هڪڙي ڀت هئي. هاڻي هن کي بيهوشيءَ جي دورن سان گڏوگڏ الائي ڇا ٿيندو هو جو رڙيون ڪرڻ لڳي هئي ۽ رڙيون بہ اهڙيون هونديون هيون جو ڄڻ ڪنهن جانور کي ذبح ڪرڻ لاءِ زوري زبردستي دسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هجي پر هڪڙي ڏينهن تہ ظلم جي انتها ٿيندي ڏٺم مهرو جو پيءُ ڪنهن جن لاهڻ واري فقير کي وٺي آيو، جيئن تہ منهنجو مهروءَ جي گهر اچڻ وڃڻ ائين هو ڄڻ تہ اهو منهنجي ڪنهن چاچي يا مامي جي گهر ويندي هجان، آئون در جي اوٽ وٺي اندر گهڙي ويس ڏٺم تہ اگڻ جي وچ تي باهہ پئي ٻري ۽ فقير ڪجهہ عمل پڙهڻ ۾ مصروف هو ۽ ٿوري ئي دير ۾ هن رڙ ڪري جن کي للڪارڻ شروع ڪيو ۽ مهروءَ جي نندي ڀيڻ سڪينہ کي ٺِڪَري ڪٽي اچڻ لاءِ چيو جيڪا هن باهہ ۾ وجهي ڇڏي. ٿوري دير ۾ ٺڪري گرم ٿي وئي ۽ مهرو کي بہ آندو ويو جنهن کي فقير وارن کان پڪڙي باهہ ۾ وجهڻ جو ناٽڪ ڪيو ان تي مهرو رڙيون ڪرڻ لڳي منهنجي حالت اهڙي هئي جو اتان ڀڄڻ چاهيندي بہ پنهنجي جاءِ تان چُري نہ سگهيس! ان فقير گرم ٺڪريءَ جو ڏنڀ مهرو جي پيشانيءَ تي ڏنو جنهن ۾ هوءَ بيهوش ٿي ڪري پئي. شايد ان وقت هن کي دورو پيس جنهن تي فقير ڏاڍي فخر سان گهروارن کي خوشخبري ڏيندي چيو تہ هاڻي هن جو جن ڀڄي ويو آهي ۽ مون کي هديو ادا ڪريو تہ جيئن آئون پنهنجي آستاني تي پهچي سگهان. اهو ڏينهن پوءِ مهروءَ کي مون ڳالهائيندي نہ

ٻڌو مان جڏھن ٻہ راند لاءِ ڪيس سڏڻ ويندي ھئس تہ ھوءَ کٽ تي ھڪ لاش وانگر پئي ھوندي ھئي ۽ سندس اکين مان لڙڪ پيا وھندا ھئا ۽ مان اھو ڏسندي رھندي ھئس تہ ھوءَ ڏينھون ڏينھن ڪيئن سُڪندي ۽ سڙندي پئي وئي، ھن جو رنگ ۽ روپ سڀ غائب ٿي چڪا ھئا، ھوءَ ھاڻي ڪنھن سڙيل ڪاٺيءَ جي ٽڪري جھڙو ڏيک ڏيڻ لڳي ھئي پر گھر ۾ سڀ خوش ھئا تہ ھاڻي ھن ڪي جن ايترو تنگ نٿو ڪري. مان ماضيءَ جي جھروڪن ۾ رکيل ڪجھ يادگيرين کي اٿلائي پٿلائي پئي ڏٺو تہ در تي ڪڙڪو ٿيو ۽ڇيم تہ بابا سائين چيو، "مان آھيان" بابا مھروءَ جي جنازي نماز پڙھي اچڻ ڪانپوءِ اچي ڪمري ۾ پاسي تي رکيل ڪرسيءَ تي وينو. ڪرسيءَ جي پاسي تي رکيل گلاس مون کي ڏيندي چيائين، "امان پاڻي تہ پيار". مان جلدي سان بابا لاءِ پاڻي ڪٽي آيس ۽ ڪيس ڏنم. بابا پاڻيءَ جو گلاس ھٿ ۾ جھلي پنھنجو پاڻ سان ڳالھائيندي چيو، "نياڻيءَ کي ھٿن سان ماري ڇڏين، جھالت جي ڪري ڪيس اھڙي اوڙاھ ۾ ڦٽو ڪين جتان نڪري نہ سگھي. الائي تہ ڪيتريون نياڻيون ائين روز مرنديون ھونديون." سندس اکين ۾ آلاڻ ھئي ۽ پاڻي پيئڻ لاءِ گلاس چپن تي رکيائين ۽ پنھنجون اکيون بند ڪري ڇڏيائين تہ جيئن مان سندس اکين ۾ ڳوڙھا نہ ڏسي سگھان.

# مھانگائي

”اڄ تنھنجي ڀاڄائي آئي ھئي“ ھن ھٿ ۾ جھليل ريموٽ سان ٽي. وي ءَ جو چئنل بدلائيندي، آرامده صوفي تي ويھندي چيو.

“ڪھڙي ڀاڄائي” علي مراد پنھنجي ڪبٽ مان نوٽن جون ستيون ٽانيڪيون ڪندي زينت ڪان پڇيو.

“ادا گوھر جي گھرواري حميده”، زينت بي ڌياني ءَ سان مڙس کي جواب ڏنو، سندس پوري توجھ ٽي. وي ءَ تي ھلندڙ فيشن شو تي ھئي. علي مراد نوٽن جون ٿھيون ھٿ ۾ ڪٽي زينت جي ڀرسان اچي بيٺو ۽ ٿوري ڳڻتي ءَ واري انداز ۾ پڇيائين ته ڇا پئي چوي ڀاڄائي، امان ته ٺيڪ آھي نه؟

زينت پنھنجا پير سامھون پيل شيشي واري ميز مٿان رکندي وراڻيو،

“ھا خير آھي سڀ پر شڪايت پئي ڪري ته مھانگائي وڌي وئي آھي. گذارو نه پيو ٿئي.”

ھن طنزيه پنھنجي ڏيرياڻي ءَ جا لفظ ورجائيندي چيو.

“علي مراد” زينب ڏاڍي پيار سان مڙس کي مخاطب ٿيندي چيو جيڪو سندس سامھون واري ڪبٽ ۾ اجان پئسن جون ستيون ٺاھي رکي رھيو ھو.

“ھا ڇا ھي” علي مراد ڪبٽ وٽان جواب ڏنو.

“پاڻ به ھن ئي ملڪ ۾ رھون ٿا، ھن ئي ملڪ ۾ خرچ ڪيون ٿا، اسان جا ٻه ٻار پڙھن ٿا پر تون سچ ٻڌائي ته مون تو سان ڪڏھن مھانگائيءَ جي شڪايت ڪئي آھي. مان ته جڏھن به دڪان تي ويندي آھيان ته ھڪ شيءِ جي جاءِ تي ٻه شيون وٺي ايندي آھيان الائجي ڇو ماڻھن ڪٽي مھانگائيءَ جي واويلا وڌي آھي.”

ھن ھڪ دفعو وري ريموٽ کي ڪٽندي چئنل تبديل ڪيو.

علي مراد ڪبٽ ڀرسان مسڪرائيندو رھيو.

# ساهيڙي

**اڄ** صبح جو رڌڻي ۾ نيرن ڪندي امان ۽ چاچي پاڻ ۾ ڪجھ ڳالهائي رهيون هيون، مون به ٿورو ويجهو رڌڻي وجي سندن ڳالهيون ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻئي جٺيون اوپرانا، تريل پتاٽا به مزي مزي سان کائيندين پئي ويون ۽ لسيءَ جا ڍڪ پريندي، چاچي نبن ڪاسائيءَ جي زال چاچي مئنا جي ڳالھ ڪندي ڏکويل به لڳي رهيون هيون. مون وجھ وٺندي ڪائنڻ پڇيو ته:

”چاچي مئنا کي ڇا ٿيو آهي؟“

جنهن تي ٿوري دير لاءِ هو ٻئي چپ ٿي ويون ۽ ڪجھ سوچيندي چاچيءَ وراڻيو ته: ”مئنا نبن ڪاسائيءَ واري زال چري ٿي وئي آهي، ڪيس چرين جي اسپتال ۾ داخل ڪرڻ لاءِ گدوءَ واري اسپتال ڪٽي ويا آهن.“

هوءَ چري ڇو ٿي آهي؟ مون هڪ ٻيو سوال پڇندي چيو، جنهن تي امان کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ چڙ مان دڙڪو ڏيندي چيائين ته: ”توکي سوالن پڇڻ ڪانسواءِ ٻيو ته ڪو ڪم آهي ئي ڪونه!هر وقت سوال مٿان سوال..“

مان ٿورو هيسجي چپ ڪري ويهي رهيس ۽ سوچڻ لڳس ته چاچي نبن ڪاسائيءَ جي زال ڇو چري ٿي؟ سندن گھر اسان جي گھرن جي پٺيان هو. ڪنهن وقت ۾ هوءَ ڏاڍي سهڻي هوندي هئي، سندس ڳورو رنگ، ڪارا ڊگھا وار ۽ نشيلا نيڻ، سنهڙو سيپڪڙو سڊول جسم مٿان وري قيامت جهڙو قد مٿس سڀ عورتون رشڪ ڪنديون هيون. مان ننڍي هوندي جڏهن به سندن گھر ويندي هئس ته هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ ئي هوندي هئي. سندس ڪمري ۾ جنڊيءَ جي جڙيل کٽ ۽ ڪرسيون رکيل هونديون هيون پاڻ ڪمرو بند ڪري گهٽو ٽٽو کٽ تي وڇايل نرم هنڌ مٿان ڪنهن نئين نويلي ڪنوار وانگي ليٽيل ئي هوندي هئي. سندس مڙس جي اچڻ وقت سندس گھر ۾ ڪم ڪندڙ ماسي جيڪا اڏ وهي ڪائي آئي هئي پنهنجو ڪم اڌ ۾ ڇڏي مون کي ٻاهر ڌڪو ڏيندي چوندي هئي ”هاڻي وڃ نبن اچڻ وارو آهي اهو ڪنهن کي به ڪونه سهي.“ ذهن ۾ سوال اڀندا هئا ته ”ڇو؟“

هو اهڙو ڇو آهي جو ڪنهن کي به گھر ۾ نٽو سهي. اسان ٻار سيني پاڙيوارن جي گھرن ۾ ايندا ويندا ۽ کيڏندا رهندا هئاسين پر هن گھر ۾ پابندي ”ڇو؟“.

ڪڏهن ڪڏهن ايئن به ٿيندو هو ته چاچا نبن جنهن جو ڊگھو قد، ٻُت پريل، رنگ ڪٽڪائو، هيبت طاري ڪري ڇڏيندو هو جڏهن گھر ۾ گهڙندو هو سندس هٿ ۾ ڪات ۽ ڇريون هونديون هيون ۽ لباس رت سان پريل، ائين لڳندو هو جڻ ته ڪنهن جو خون ڪري آيو هجي يا اجان به خون جي پياس اجهائڻ چاهيندو هجي. سندس چهرو هميشہ سنجيده ۽ جذبات کان خالي هوندو هو. سندس ٻيا ٻائر جيڪي

هڪ ئي ويڙهي ۾ رهندا هئا، اهي ڪانئس بلڪل مختلف هئا. پنهنجن ٻارن ۽ زالن سان رلجي ملجي رهڻ وارا ڪل يوڳ ڪندي پيا گهر ۾ گهمندا هئا پر چاچي نبن جي ايندي ئي اڱڻ تي راڪاس گهمي ويندو هو ۽ ٻار ٻچا ڪنڊن ۾ لڪي ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن مان، امان ۽ چاچيءَ سان گڏجي سندن گهر گهمڻ ويندي هئس اتي منهنجي عمر جي ڇوڪرين سان راند ڪيڏڻ ۽ پينگهي ۾ ويهي لڏڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هئم سو گڏجي ويهي راند ڪيڏنديون هيون سين.

وري هڪ دفعو امان ۽ چاچيءَ جي ڳالهين تي منهنجو ڌيان اوڏانهن ڇڪجي ويو ۽ منهنجو ڇاهه ان ڳالهه ۾ هو ته چاچي مئنا چري ڇو ٿي وئي؟ ڪيس چرين جي اسپتال ۾ ڇو داخل ڪيو ويو آهي؟ ”مئنا به ته ڪونه مُڙي نه“ چاچيءَ جي لفظن ۾ ڏک به هو ته گهري سوچ به. گرهه کي آهستي آهستي چٻاڙيندي چيائين ”ان ڪاري دونهي جهڙي نياڳي ڦاپو کي ڪونه ڇڏيائين سندس ساهيڙائپ هٽي سندس گهر ۽ الهه تلهه ڇتي ڇڏيو.“ مٿان وري امان به چاچيءَ کي سُر ونرائيندي چيو ته:

”ها نبن ڪاسائي گهٽا ئي وس ڪيا ته ڦاپوءَ جي گهر ۾ اچڻ تي پابندي مڙهي پر هيڏانهن هو نڪتو ناهي هوڏانهن ڦاپو گهر ۾ اندر گهڙي ناهي،“ مون وري وچ ۾ هڪ سوال اڇلايو ”امان ڦاپو ڪهڙي؟ اها ئي شيدياڻي جيڪا شادين ۾ نچندي ۽ ڳائيندي آهي.“ تنهن تي سندس شادين ۾ رقص ڪندڙ لچڪدار جسم، ڪاري رنگ مٿان ڳاڙهي سرخي، گهرو ميڪ اپ، پڙڪيلو ۽ چُست لباس منهن تي موڙا، وات ۾ سوپاريءَ جو ٽڪر ۽ ان جا چاٻا منهنجي اکين اڳيان ڦري ويا. تنهن تي امان مون کي اک ڏيکاريندي چيو ته: ”ڏاڍو ٿي ڳالهائين!“ آخر ۾ مون فيصلو ڪيو ته چپ ڪري ويهان ۽ چپ چاپ معلومات گڏ ڪندي وڃان ۽ پوءِ ايئن ئي ڪيم.

”نبن مئنا کي هڙئي سُک به ڏنا پر مٿس شڪ ڪرڻ جي عادت ۽ ڪڏهن ڪڏهن مٿس مار موچڙي هٽي ڪيس دنيا جهان کان وڃائي ڇڏيو.“ امان مانيءَ جو گرهه ڳاهيندي چيو. ”مرد جي ذات ئي اهڙي آهي جو هو عورت کي پنهنجي ملڪيت ڀانئين ٿو، پاڻ ٻاهر پلي چا به ڪري پر ڪيس عورت جي عورت سان ويجهڙائپ به قبول ناهي پوندي.“ چاچي لسيءَ جي گلاس مان ڍڪ ڀريندي چيو. ”مرد ته هميشه کان عورت سان ائين ئي ڪندو آيو آهي.“ ها ڪڏهن ڪڏهن رات جو مئنا جون رڙيون ۽ ڪوڪون ان ڳالهه جون گواهه آهن ته سندس مڙس مٿس ڪيڏو نه جسماني ۽ ذهني تشدد ڪندو هو، ويچاريءَ کي ڇا ڇا نه سهڻو پيو.“ امان خالي ٿانو هڪٻئي جي مٿان رکندي ٻورچيخانو صاف ڪندي چيو.

مون کي جڻ پنهنجن سيني سوالن جا جواب ملي ويا هئا جو اڪثر چاچي مئنا ۽ ڦاپو نچڻ واريءَ کي گڏ ويهي کلندي ۽ هڪ ئي پن واري بيڙيءَ مان گڏ دونهان ڪيندي ڏٺو هيم. شادين ۽ ڪاڄن ۾ ساڻس سوانگ ڪندي به ڏٺو هو. گهور جي

نوٽن ڪي سندس ڳلن تان ڇهنبڙي پائي ڪٽندي ٻہ ڏٺو هئم سندن ايتري محبت ۽ ويجهڙائپ سڄي پاڙي اوڙي ۾ ڪنهن باھ جي خبر جيان پکڙيل هئي ۽ سندس مڙس تائين ٻہ خبرون پهتل هيون پر ڇا هڪ عورت کي ايترو بہ حق نہ آهي تہ هوءَ پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن عورت کي پنهنجي زندگيءَ ۾ عزيز رکي. ٻئي هڪٻئي کي "ساهيڙي" ڪري سڏينديون هيون ڇا ساهيڙائپ سندس گناھ عظيم هو جو ڪيس جسماني ۽ ذهني اذيت جو شڪار بڻايو ويو ۽ اڄ هوءَ حسين عورت هڪ جهنم جي واديءَ ۾ ڏڪجي وئي آهي. ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ هوءَ اتان ڪڏهن واپس بہ ورندي يا اتي ئي دفن ٿي ويندي.

# منافقت

”**مان** شادي ٿو ڪيان.“ عاطف ڪيفي ۾ پنهنجي سامهون ويٺل دوست عادل کي اطلاع ڏيندي چيو. ”اڇا“ آرام سان سامهون صوفا تي اڌ ليٽيل عادل جيڪو فيس بُڪ تي مصروف لڳو پيو هو جلدي سان سڌو ٿي ويٺو ۽ عاطف ڏي متوجهه ٿي فون کي ٽيبل تي پاسيرو رکي عاطف جي اکين ۾ غور سان ڏسندي سوال ڪيائين، ”نتاشا؟“

”نہ..“ عاطف اکيون جهڪائيندي سگريٽ جو ڪش هڻندي ٿورو پريشانيءَ مان چيو. ”ڇا مطلب؟ تون ۽ نتاشا تہ روميو ۽ جوليٽ هئا،“ عادل جي ان جملي ۾ ڪيترائي سوال پريل هئا، عادل جي چهري تي عجيب پريشاني هئي تہ آخر شادي نتاشا سان نہ تہ پوءِ ڀي ڪنهن ڇوڪريءَ سان ڪيئن، جڏهن تہ عاطف نتاشا سان ڪمٽيڊ هو. اها ڳالهہ سڀني دوستن کي بہ خبر هئي سندن گڏ اٿڻ ويهڻ، يونيورسٽي ۾ گڏجي امتحانن جي تياري ڪرڻ. هوءَ هڪ مڊل ڪلاس جي ڇوڪري هئي، تمام گهڻي حسين تہ نہ هئي پر پُرڪشش شخصيت جي مالڪ، سندس خود اعتمادي سندس شخصيت جو حسن هو. هوءَ هر وقت مسڪرائيندي رهندي هئي. سندس هلڪا ڀورا وار جن ۾ اس تي بہ ٿي برائون شيڊ پيا نظر ايندا هئا. گهڻو ڪري ڪليل وارن سان ئي هوءَ ڪلاس ۾ ايندي هئي. قد پورو پنو ۽ ڊريس هميشہ اهڙو ئي پائيندي هئي جيڪو واقعي ڪيس سونهندو هو. هوءَ ڪلاس جي هر ڇوڪري سان جيڪو ساڻس ڳالهائڻ جي ڪنهن بہ طرح ڪوشش ڪندو هو، ڪيس جواب ڏيندي نہ گهٻرائيندي هئي. هن جي چهري تي ڪوئي خوف نظر نہ ايندو هو ۽ نہ ئي هوءَ ڪنهن مشرقي ڇوڪري جيان شرميلي نظر ايندي هئي. سندس انهن خوبين جي ڪري هوءَ ڪيترن ئي ڇوڪرن جي اکين جو خواب بہ هئي پر سندس اکين ۾ عاطف جا ئي خواب هئا. هوءَ پنهنجي ان رشتي کي ڪنهن کان بہ نہ لڪائيندي هئي. شايد ڪيس عاطف تي پنهنجو پاڻ کان بہ وڌيڪ ڀروسو هو. عادل جو دماغ ٿوري دير لاءِ يونيورسٽيءَ جي ڪئمپس ۾ ٻنهي کي ڏسڻ لڳو، جتي هو ٻئي هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم وانگر نظر ايندڙ جوڙو هئا جنهن لاءِ هر دوست کي اها پڪ هئي تہ اهي هڪٻئي کان ڪڏهن بہ الڳ نٿا ٿي سگهن...

پوءِ هي ڇا ٿي ويو ۽ ڇو..؟؟ عادل پنهنجو پاڻ کان سوال ڪرڻ لڳو.

”يار آخر مون کي ٻڌائي تہ سهي تہ تون شادي ڪٿي پيو ڪرين ڇا توکي وري ڪو ٻيو عشق ٿي ويو آهي جنهن جي خبر مون کي نہ پئي..“ عادل شرارت مان مسڪرائيندي ڪافيءَ جو ڍڪ ڀريندي پنهنجي جاءِ تي سڌو ٿي ويهندي چيو.

“يار ڇڏ انهن ڳالهين کي، پيار ۽ شادي به الڳ الڳ شيون آهن.” عاطف لاپرواهيءَ سان هٿ جي آڱرين سان ميز وڄائيندي چيو.

“چڱو ڀلا اهو ته ٻڌائي شادي ڪٿان پيو ڪرين ۽ اها خوش نصيب ڇوڪري ڪير آهي ۽ ڇا ٿي ڪري.”؟

“بابا جي دوست جي ڌيءَ آهي” عاطف سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو. “عالما جو ڪورس ڪيو اٿس.” هن پنهنجون نظرون عادل کان چورائيندي ٻئي پاسي ڏسندي چيو، هو ڇڻ پنهنجي اندر جي ان مرد کي لڪائڻ چاهيندو هجي جنهن جا ٻه چهرا هئا ۽ هو خود به انهن ٻنهي چهرن جي منافقت کان خوفزده ٿي لڳو.

“ڇا؟؟ تون هڪ اهڙي ڇوڪريءَ سان شادي ڪندين جيڪا عالما آهي.” عادل پنهنجي جاءِ تان ٽپ ڪائيندي حيرت وچان چيو.

“هوءَ هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ اسلاميات جي استاد به آهي” عاطف ٿورو هٻڪندي چيو ۽ ان ڪانسواءِ گهر ۾ درس به ڏيندي آهي، پردو به فُل ڪندي آهي.” عاطف پنهنجي چهري تان هر تاثر لڪائيندي هڪ ئي ساهيءَ ۾ عادل کي جواب ڏنو ۽ ڪيس وڏيڪ حيران ڪري ڇڏيو.

“يار اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي...؟ عاطف ٺونٺ ميز تي رکي پنهنجي ڪاڏيءَ کي پنهنجي هٿ تي ٽيڪ ڏيندي ڳٽيءَ مان چيو. تنهنجو مذهب سان نه ڪو لڳ نه لاڳاپو، تون هميشه مذهبي سوچ رکندڙن کان پري ڀڄڻ وارو... يار اهو سڀ ڪيئن؟؟” عادل هاٺي ٻئي ٺونٺون ميز تي ڪپائيندي پنهنجي ڪاڏي پنهنجن هٿن ۾ جهليندي ڳٽيءَ مان چيو.

“مون کي سمجهائي...” عادل هڪ گهري نظر عاطف جي چهري تي وجهندي عاطف سان نظرون ملائيندي سوال ڪيو.

عاطف جيڪو مسلسل سگريٽ مٿان سگريٽ ساڙي رهيو هو، ائش ٽري ۾ سگريٽ رکندي سڌو ٿي وينو ۽ چيائين: “يار ٻڌ، پيار جي حد تائين ته نتاشا تمام سٺي ڇوڪري آهي. مان اڄ به هن سان پيار ڪيان ٿو پر اهڙيون ڇوڪريون سٺيون زالون نٿيون ٿي سگهن.” هن ٿورو ساهي کڻندي چيو.” هوءَ انتهائي ترقي پسند سوچ رکندڙ آهي مرد ۽ عورت جي انتهائي درجي تائين برابريءَ جي قائل پر يار هي جيڪي مذهبي ڇوڪريون هونديون آهن نه..” هن ٿورو هٻڪندي ۽ نظرون جهڪائيندي چيو، “اهي سٺيون زالون ٿي سگهن ٿيون، هو پنهنجي مڙس کي وڏو مان ڏين ٿيون ڇو ته هو پنهنجي عقيدن ۾ ڏاڍيون پڪيون هونديون اٿئي. ڪنهن غير مرد سان لهه وچڙ ۾ ناهن ايندريون. پنهنجو پاڻ کي بچائي، لڪائي ۽ ڍڪي هلنديون اٿئي. مان ڪيترو به سيڪيولر هجان پر هڪ غيرتمند سنڌي به ته آهيان باقي اڄڪلهه ٻين ڇوڪرين جي ته ڪا به خبر ئي نٿي پوي.” عاطف پنهنجي ڳالهه

پوري ڪندي چيو. عادل پنھنجي دوست جي جواب ٻڌڻ ڪانپوءِ ڪجھ دير خاموشيءَ سان ڪيس تڪيندو رھيو ۽ پوءِ مسڪرائيندي چيائين ”اسان نالي ماتر ترقي پسند تہ ٿي ويا آھيون پر اسان ڪي مغرب جي ماڻھن وانگر سيڪيولر ۽ پروگريسوو ٿيڻ لاءِ اڃان صديون گھرجن.“

عاطف ھٿ سان اشارو ڪندي ويٽر کي سڏ ڪندي چيو ”بل ڪٽي اچ“ ٿوري دير ۾ ويٽر ٽيبل تي بل آڻي رکيو، عاطف بل جا پئسا ٽري ۾ رکندي عادل کي اٿڻ جو اشارو ڪيو ۽ ٻئي مسڪرائيندي ڪيفي کان ٻاھر نڪري ويا.

# نور حسين ڪلھوڙو



**جديد** سنڌي ڪهاڻي جي شروعات 1930ع جي ڏهاڪي ۾ ٿي. جنهن جي شروعات ڪهاڻي "ادو عبدالرحمان" کان ٿي. جنهن جو ڪهاڻيڪار امر لال هنگوراڻي هو. هي ڪهاڻي دينا جي ڪيترن ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي آهي. ان کان پهرين 1914ع ۾ ماهوار رسالن ۾ طبعزاد ۽ ترجمو ٿيل ڪهاڻيون ڇپجڻ لڳيون. ان دور جي لکيل ڪهاڻي "حرمڪي" جا اهم جاءِ والاري ٿي، جنهن کي سنڌي جي پهرين اصلوڪي ڪهاڻي سمجهيو وڃي ٿو. 1930ع جي ڏهاڪي کان اڄ تائين سنڌي ڪهاڻي پنهنجو پاڻ ملهايو آهي ۽ ڪيترن ڪهاڻيڪارن ان کي پنهنجي عروج تي پهچايو آهي. اڄ به ڪيترن ئي ڪهاڻين کي اهم حيثيت حاصل آهي.

هر دور ۾ سنڌ جي مٿان ڪيترائي جبر جا دور آيا، انهن دورن جي عڪاسي ڪهاڻيڪارن پنهنجي ڪهاڻي جي ڪردارن جي ذريعي ڪئي. مختلف موضوعن سنڌي ڪهاڻيڪارن کي لکڻ لاءِ اتساهه ڏنو ۽ انهن ڪهاڻيڪارن خوبصورت ڪهاڻيون لکيون. اڄ به ڪيتريون علمي ڪهاڻيون (Taritical Story) سنڌي ادب ۾ موجود آهن. انهيءَ تسلسل ۾ نور حسين ڪلهوڙو جي ڪهاڻيون انهيءَ قطار ۾ شامل آهن. نور حسين جي ڪهاڻين ۾ خاص ڪري ٻهراڙيءَ جا ڪردار جيڪي پنهنجي جيئڻ جي جنگ جي محاذ تي بيٺل آهن ، انهن ڪردارن جي ڳالهائڻ جو لهجو، نج ٻهراڙيءَ جو لهجو آهي ڇاڪاڻ ته ڪهاڻيڪار پڻ ڳوٺائي زندگي سان واسطو رکي ٿو ۽ پاڻ ان ماحول ۾ رهيو آهي، انڪري سندس ڪهاڻين جا ڪردار سندس مشاهدي ۾ آيل آهن. اهي ڪردار سندس اکين اڳيان گذريا آهن.

اسان جي دوست نور حسين ڪلهوڙو ڪهاڻين جي ڪردار سان خوب نڀايو آهي ۽ اميد ٿي ڪجي ته ڪهاڻي ڪيتر ۾ هن جون ڪهاڻيون هڪ خوبصور ت اضافو ثابت ٿينديون.

**پارس حميد**

# رام رام

**نالو** عبدالحميد هُيس. پر ڪيس سيٺ حميد چوندا هئا. هارپي سان ڏاڍا ڏورڻا ڏنائين. اباڻڪي پنج جريب ٻني هُيس. فصل قاڙي، پاڃيون پتيون ڪري ٻه روپيه هڙ ۾ ڪيائين. دل ۾ ويچاريائين ته ڪو ڏندو ڏاڙي ڪجي. ٻني ٻاري جي سخت پورهيئي مان جان ڇڏائجي. وڃي ننڍڙو هلر ڪوليائين. ٻني پائرن حوالي ڪري هلر تي ڪوپا ڪوڙيائين. هلر جي اُپي لوهي پائيپ مان ، ٺو ٺو جا آواز ڏڏڪو ڏئي داهون ڪري، دونهون ٻاهر ڇڏيندا هئا. هلر جي اڳڻ ۾ گهڻين ۾ جوٽ ڪان نڪتل بيل گاڏيون ساهيون پٽينديون هُيون. ڍڳا ڍور، گهوڙا اُٺ ۽ گڏهه ڇيڻن ، لڏين تي لتڙ ڪندا هئا. هلر مان اٽو، ڪڙ ۽ تيل نڪرندو هيو. هلر تي ٻاڪر ڪتو متل هوندو هيو. نڪ نڪ، ٺو ٺو مشين جي ويلن ۽ پٽن جا آواز پڙاڏو ڪندا هُيا. مس وڃي ڪنهن جو آواز سمجهه ۾ ايندو هيو. هاريو حميد سينيو سڏجڻ لڳو. هر ڪنهن جي هن ڏانهن ڊوڙ هوندي هئي. سندس مزدور ۽ پاڻ، اٽي ۽ سنهي دز ۾ پيوت هوندا هئا. سڀ ڪو ڪيس ورائي ويندو هيو ته، سيٺ پهريون منهنجو ان پيهي ڏي. پوئتي هڙ رُلي پئي آهي. ڪنهن مهل ڪاوڙ ۾ ۽ ڪنهن مهل ٻاجهه ۾ هر ڪنهن کي ان پيهي ڏيندو هيو. روڪ پئسن ملڻ سان گڏ ، ان، اٽي جون چنگيون ۽ چنگي جو ڪڙ تيل ملي ويندو هيو. جن جا دٻا دُڪاندارن تائين نفعي ۾ پهچندا هئا. هڪڙيون بيل گاڏيون گڏهه، گهوڙا نڪرندا هيا ته ٻيا اچي پڙ پڏاريندا هيا. ٻه ٽي درجا پرائمري جا پاس هيو. ليکي چوڪي ۾ پڙ هيو. پينون، پينسلون بندين تي هلائي، حسابن ڪتابن جو گوهر بڻيو. ٻه روپيه هڙ ۾ ٽيس ته سکيو ستابو وقت گذارڻ لڳو. ڪنهن وڏيري يا رئيس جي غرض گهٽ ڪيندو هيو. وڏيرا سانده تاڙ ۾ هوندا هيا ته قاسي، ڦندي ۾ اچي. وڏيرن جي ڦيرن گهيرن کان بنهه بيزار هيو. پئسي ڏوڪڙ جي ٻل تي ڦڏن ۽ ٽاٽن کي منهن ڏيندو هيو. ڪنهن جي ڪاڻ نه ڪيندو هيو. ڪڏهن ته ڪنهن هلڪي وڏيري کي ست سريون ٻڌائيندو هيو. وڏيرا هن جي پٽڪي لاهڻ جا پيا وجهه ڳوليندا هيا. قدبت ۾ بندرو، پريل هاٿي ۽ نڪتل پيٽ جو مالڪ هيو. پٽڪي جا ور هٽي ، ٽُري سان نڪرندو هيو. وڏيرا ۽ عام خلقت ڪيس واٽيو چوندا هيا. ايندي ويندي هرڪو ڪيس سلام بجاءِ "رام رام" ڪندو هيو. جنهن تي هي ڏمرجي ويندو هيو. ڪڏهن ڪنهن سان ڳنڍجي پوندو هيو ته ڪڏهن ڪاوڙ ۾ ڪروڌ مان پٽڪندو اڳتي راهي ٿيندو هيو.

پٽ جوان ٿيس. سندن شادي جو رٿيائين. سڄي ڳوٺ کي سڏ ڏنائين باقي وڃي وڏيرو بچيو. لوڪ مياران وڏيري کي سڏ ڏيڻ ضروري سمجهائين. سهڪي سندس اوطاق تي پهتو. وڏيري جي اوطاق تي پهتو. وڏيري جي اوطاق ماڻهن سان پري پئي هئي. جاڻڻ وڏيرا پُٽ پرڻايان ٿو، سڏ هجئي...! پر وڏيرا منهنجي ڪاڄ ۾ فتن گيري نہ ڪجانءِ..... وڏيرا ڪلي سندس سڏ قبول ڪيو. پر هن جي اڻنگي سڏ ۾ لفظن تي وڏيرو ونجي ويو. زخمي شينهن جيان گهٽ، تاڙ ٿي وينو تہ ان واڻيئي جي بيعزتي ڪيئن ڪرايان....؟ وڏيري انتقام وٺڻ لاءِ ٽل جوڙي.

ڳوٺ جي مڱڻهار کي پنهنجي منهن سڏايائين....

"مصري فقير ڳالھ ٻُڌ!"

"جي ءُ وڏيرا ، حڪم سائين!"

"رام ، رام جي پُٽن جي شادي آهي. پر هڪڙو توکي پھر وهڻو آهي."

"جيءُ سائين، اوهان صرف ڳالھ ڪريو...!!"

"فقير... رام رام کي بہ روپيہ هڙ ۾ ٿيا اٿس پر پاڻ کي الائي ڇا ٿو سمجهي!؟، ان واڻيئي جي ڦر کي ڪاڄ ۾ بيعزتي ڪرڻي آهي."

"پر سائين! ڪيئن؟"

"ٻارڙن جو ميڙ آڻجانءِ، آءُ ريجي ۾ ڊينگلن جي پئسن سان ڪيسا پريون ايندس. سپ ڊينگلا ۾ ريجو رام جي مٿي تي گهور لاءِ اُڇليندس. ٻار ڊوڙندا پئسن لاءِ پٽڪي تائين پهچندا. ٻارڙن کي تڙيندي، پئسن ميڙڻ جي هڻ وٺ ۾ تون سندس پٽڪو ڏُوڙ ڪجانءِ ۽ پوءِ سيٺ کي چئجانءِ تہ تڙ تڪڙ ۾ ٿي ويو.....!!! نہ گهبرائجانءِ پنيان مان وينو آهيان"

مڱڻهار فقير ٺهڪ ڏئي ها ڪئي. شادي جي ڏينهن ڄاڃين جا ميڙ متا. سڄو ڳوٺ پهتو. ڏُهل کي واڄٽ لڳا. بينن، شرنانين ۾ سهرن جا آواز پڙاڏو ٻڻجي گونجڻ لڳا. سيٺ حميد گهوٽ پٽن سان دهلين دمامي، اوطاق تي ماڻهن جي ميڙ ۾ پهتو. گهور مبارڪون شروع ٿيون. سيٺ پارايل هارن کي سهيڙيندي گهور مبارڪن تي خوش ٿيڻ لڳو.

وڏيرو جاڻڻ، گهوٽن ۾ سندن پيءُ سيٺ حميد مٿان ڪيسي مان ريجي جون مُنيون پري گهور ڪرڻ لڳو. ٻارڙا پئسن مٿان ٽُٽي پيا. ڪي ٻار هينيان ڪٽڻ لڳا تہ ڪي مٿان جهٽن لڳا. هاڻ سين جا هٿ سيٺ جي پٽڪي کي ويجهو پهتا. مصري مڱڻهار هٿو هٿو ۾ ڪلا ڪلا ڪندي ٻارڙن کي تڙيندي پٽڪي تان ريجو سٽڻ لڳو. تڙ پيڙ، هڻ وٺ، گهتم گهتان سان سيٺ حميد جو پٽڪو ڪِري پٽ تي پيو. سيٺ حميد پٽڪو ڪرندي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. سندس ڳلو خشڪ ٿيڻ لڳو ۽ سڄو

ڪاراٽجي ويو ۽ چتائي وڏيري ڪي ڏسڻ لڳو. سندس ٽڪڻ پٽڪي ڪان آجي پڌري ٿي پئي هئي. راج ۽ ڪاڄ ۾ ماڻهن جا ٿهڪ مچي ويا.

مڱڻهار فقير هٿ ٻڌندي، تڙ تڪڙ، هڻ وٺ، ٻارڙن جي پيهه ۽ روزي جو بهانو ٻڌائي معذرت گهرڻ لڳو. وڏيري جانڻ مشڪندي پيسن جي آخري مُٺ سيٺ مٿان گهوريندي مبارڪ ڏيندو.... رام رام ڪندو گهر روانو ٿيو.

# مرچو

**جون** جي ڪاڙهي جڙ ٽاندا تي اُڇليا. ڳوٺ جون پٽيون تپي ٽامون تي ويون هُيون. گرميون سهندي ساٿيون تي هنداڻ هنداڻ ڏري پيون هيون. پيدا ٿيل سنهين وٽين بي پردگي ڪري چِڙي هئي. مرد مايون سارين جي رونبي تي ويل هئا ۽ ٻار مال سان ويل هيا. پوڙهو ونجٽو هٽندي نند ۾ الوٽ تي ڪونگهرا هڻڻ لڳو. سندس جواڻ جماڻ پوٽي زرينہ گهر جو ڪم ڪار لاهڻ سبب، تڪجي پگهر ۾ شُم تي وئي. گهر ۾ ٻي ڪا بہ پهر نہ هئي. وهنجڻ ۽ ڪپڙا مٽائڻ لاءِ پاڻي جو مٽ ڪٽي غسل خاني پهتي. سندس جرڪندڙ جسم گهٽن ڪي موهت ڪري وڌو هيو. سندس ويڙهي جي جوان مائٽن هن ڪي ماڻڻ لاءِ شرطون لڳايون. مرچو انهن ۾ سر فهرست هيو. مرچو ٻن شادي شده پائرن جو دادلو نندڍو پاءُ هيو. ٿي ٻي هن جو ماس روڙي چڙيو هيو. هُلا هٽي هلندو هيو تہ سهڪي ڳالهائيندو هيو. رومال ويڙهي مٿي سان چڪي ٻڌندو هيو. سدائين گوڏ قيمص، هن ڪانچ ڪڏهن بہ نہ پاتي هئي. پيرن ۾ ڪرڪڻ هوندا هيس. قد جو لاپڙ ۽ رنگ جو ڪارو هيو. منهن تان ماس روڙيل، ڦڪا ڏند سندس شبيهہ کي ويتر بدتر ڪندا هيا. هن جو خاندان پئسي ڏوڪڙ، رزق مال ۾، پاڻ پرو هيو. حد درجي جا ڪنجوس ۽ روپئي تي ساهہ ڏيندا هيا.

تڏهن تہ ٿي ٻي سندس جسم ۾ گهر ٺاهي ويٺي هئي. ڪمزور، ڏٻل هيٺو، پر ڪاني جي سيپٽي سان روز ڏاڙهي چٽ ڪندو هيو. مڇون ڊنگر وانگر هيس. اکيون چچيون ۽ لڪل هيس. پر گهٽي سرمي پائڻ سان ماڻڪيون چمڪنديون هيس. بي حساب بخيل ۽ ڦڏئي هيو. ڪنهن جي پرواهہ نہ ڪندو هيو. بي رُخي ۽ شوخ طبعيت جو مالڪ هيو. حرص ۽ ڊاڙ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيو. هن زرينہ کي ماڻن جو پڪو پهہ ڪيو. زرينہ هن کان شديد نفرت ڪندي هئي. زرينہ کي ماڻڻ، مچائڻ ۽ هيٺ ڪرڻ لاءِ هن ڪيئي ٽڪ ساٽ جوڙيا. پائرن سان ساندهہ گهپي ، پِٽڪو ۽ مانڌاڻ هيس تہ منهنجي شادي زرينہ سان ڪرايو. سڀ ملڪيت جهليو، نہ تہ مان خودڪشي ڪندس. پائر مجبور ٿيا. ڪيئي هيلا هلايا پر هر دفعي ڪين ڪُتو جواب تي مليو. زرينہ اهڙي رشتي جو ٻُڌي وٺي ڪٽي پيءُ مان پار ڪيندي هُئي. جيڪو نانگ ڏنگڻ سبب فوت تي چُڪو هيو.

غسل خاني کي چٽ ڪانہ هئي. ڪاٺ جي پراڻي دروازي جي ڪُنڍي هٽي. ڪپڙا لاهي زرينہ وهنجڻ لڳي. مرچو جي نظر پٽ تي رکيل ڪپڙن تي پئي. لِڪ وٺي گهر ۾ داخل ٿيو. رومال جو پلاند منهن ۽ ڏندن ۾ ڏيئي. غسل خاني جي پٽين جي وِٿين مان تڪڻ لڳو. سونهن تجلا ڏئي پٽين جي سنهين ڏارن مان تي نڪتي. سهڪي سان مرچو جي دل ڦتڪڻ لڳي. خشڪي وٺي وئي هُيس. مرچو پٽين جي

سنهين وٺين مان سُرباٽ ڪري ڪيس سڏڻ لڳو. زرينه کي جيئن ڪُڙڪ پئي، سَٽ ڏئي ڪپڙا پائي دروازو کولي ٻاهر نڪتي، مرچو پڇي غائب ٿيو. زرينه ويچارڻ لڳي ته ڪير منهنجي پويان پيل آهي. گهر ۾ سرناٽو هيو. هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي ڏسڻ لڳي. پرڪيس ڪجهه به نظر نه آيو. پريشاني ۾ پڇتاءُ ۾ جهجهڻ لڳي ته ڪنهن منهنجي اوگهڙ ته نه ڏسي ورتي...!؟ رونبي تان واپس ايندي ماءُ کي ڪنڌ پاسي وٺي، سڄي ماجرا ٻڌائي. ماڻس هڪي ٻڪي ٿي وئي. هاڻ سندس ماءُ هن کي گهر ۾ اڪيلو ڇڏڻ گوارا نه ڪيو. پٽن کي چيائين: ٻنين جا ڪم ڪار وچي پاڻ سنڀاليو. منهنجي طبعيت خراب آهي. مان گهر ڪان نڪري نه ٿي سگهان. ماءُ ڌي کي اچي اُڻ تڻ ورايو ته ... آخر اها حرڪت ڪنهن ڪئي.....!؟"

اجان مهينو مس گذريو ته مرچو جا پائر ۽ مائٽ رنين آهرين، ڊنب ماڻهن جا ميڙ وٺي زرينه جي گهر ۾ داخل ٿيا. آزيون، نيازيون، قرآن مصاف، ميڙ منٿون... ته زرينه جو سنگ مرچو لاءِ ڏيو. جيئن چئو تيئن ڪيون. زرينه ماءُ کي پاڪر وجهي اوچنگاريون ڏئي روئڻ لڳي. ماءُ جو هنيانءُ جهجي جهري پيو. گهر جي ڪُتن مرچو جي مائٽن تي پونڪڻ شروع ڪيو. ماين ٻار هنجهه ۾ هٽي ڪتن تي ٽُٽيون. ڪتا ڪين ڪائڻ ٿي آيا. زرينه جي ماءُ پٽن کي رئو لاهي پيرن تي وڌو. چار چڱا مائي تي جُهلون ڪرڻ لڳا. ويهاري ڪارائيندين ڇا؟ نياڻي جو ٻار لاهي جان ڇڏائي. ڪين وراڻيائين. منهنجي نياڻي سان اهڙو ظلم نه ڪيو. اهو رشتو اسان کي ڪڏهن به قبول نه آهي.

مرچو جي پائرن 14 جريب ٻني بدلي ۾ سڱ ڏيڻ جو چيو. زرينه جي پائرن لالچ ۽ حرص ۾ هار مڃي. ڏندو ڪٽي ماءُ پيٽ تي بيهي رهيا. ڪڇندؤ ته ٻئي مرندؤ. ٻي وسي جي عالم ۾ ماءُ ڌي روئنديون رهيون. پائرن ها ڪئي..... ڏاج ڏيوڻ گڏ ٿيا. سُتت ئي شادين جي تاريخ طئي ٿي. ڪنوارن کي ونواهه ۾ ويهاريو ويو. هيڏانهن سهرا شروع ٿيندا هيا. هوڏانهن زرينه جا پار شروع ٿيندا هيا. مال، رزق رنيون ڪندا هيا. دُهل وڄا، ڦندريون ڪُنيون، وڏا پيٽ ٻاٽ ٿيا. اچي خلق لٿي پر ڪنهن به ماءُ ڌي جي دانهن جو ازالو نه ڪيو.

شادي رات جلال چانڊيئي جا ڪلام لائوڊ اسپيڪر تي گونجي اُٿيا. گهور مبارڪون ۽ بندوقن جا ٺڪاءُ شروع ٿيا. زرينه جا پار لائوڊ جي پڙاڏن ۾ گم ٿي ويا. شاديون ۽ نيڪيٽون ٿيون. زرينه مرچو کي ويجهي نه ٿي ڇڏيو. مرچو جي پائرن زرينه کي لنين جي ڦيهه ڏني.

"ڇوڪري جو دماغ خراب آهي. 14 جريب ٻني ڏنيسين، سڱ ڏنوسين ته به ڇوڪري نه ٿي بيهي....!" زرينه جي پائرن مارڪٽ جي داد رسي نه ڪئي. اجان به ڪيس چيائون ته "گهر اهو اٿئي، مڙس اهو اٿئي" زرينه جون آسون، نراسون، خواب ۽

خيال سپ ڏُوڙ ٿي ويا. زرينہ وٽ مرچو کي قبولڻ ڪانسواءِ ٻي ڪابہ واٽ نہ بچي. ڦوهہ جواني جهرڻ لڳي. مرچو جو گهر زرينہ لاءِ قيد خانو ثابت ٿيو.

اڃان ڇهہ مهينا نہ گذريا ها تہ.....!!؟ مرچو ٽي بي جي مرض جي شدت ۾ اچي دم ڏٽي حوالي ڪيو. چاليهہ ڏينهن عِدت ۾ گذريا. هر ڏينهن هڪ صدي وانگر گذريو. عِدت پوري ٿيڻ ڪانپوءِ مرچو جي وڏي ڀاءُ خُدن لٺ ڪنئي. 14 جريب ٻني ۽ سنگ ڏنو اٿم. ڀاءُ بہ ويو. هاڻ انهي ڇوريءَ زري سان پاڻ شادي ڪندس. زرينہ جي پائرن ۾ سُتل غيرت جاڳي پئي. خدن جي ڏاڍ مڙسي کي للڪار ڪيائون. سڄو ويڙهو دشمني جي دنگ تي پهتو. جهيڙا ٿيا. ڪهاڙين، ڏنڊن، لٺين ۽ سروٽن جا وسڪارا ٿيا. مايون مرد رت ۾ ڳاڙها ٿيا. سڄو ويڙهو جنگ جو ميدان بڻجي ويو. ڪيس فرياد، ڪورٽ ڪچهريون، ۽ جيلن ڪانپوءِ برادرين جا ڪٺ وچ ۾ پيا. جرڳائي وڏيري جرڳي ۾ فيصلو ڏنو.

"14 جريب ٻني خدن کي واپس ملندي، زرينہ خدن کي نہ ملندي تہ ڪنهن کي بہ نہ ملندي." ڌرين فيصلو قبول ڪيو. زخميل زرينہ واپس پنهنجي پيڪن پهتي. پائرن جي گهرن جا ڪم ڪار سر تي ڪنيائين، ڀاڄاين ڪيس جڻ نوڪر جي حيثيت ڏني. زرينہ پنهنجي جواني، پنهنجو جوڀن، پنهنجو حُسن، پنهنجي زندگي، پائرن ۽ برادرين جي فيصلن لاءِ وقف ڪئي. زرينہ پنجاهہ سال کي پهتي آهي. سندس اکيون سدائين آليون هونديون آهن. ڳوٺ ۾ ڪٿي بہ ڪنهن جو قضيو ٿيئي. زرينہ ۽ سندس پوڙهي ماءُ اوسيرا ڪدي پٽينديون آهن. جڻ قضيو ئي هنن جو ٿيو آهي...!؟

# چنگل

**انگريزن** جو دور هيو. سنڌ جو وڏيرو All In All ۽ وڏي آڪڙ ۾ هيو. وڏيرا ڪاڻين جا پئسا ڪائي، هارين کي مفت ۾ بيگرون هڻندا هيا. آفيسر انهن سان ٻڌ هيا. تعليم ۽ شعور جي اڻ هوند هئي ۽ وڏيرن جا جاوا هيا. ڳوٺاڻا مظلوميت ۽ محڪومي جي زندگي گذاريندا هيا. ڪنهن ۾ دم نہ هيو تہ وڏيري جي حڪم کي پُٺي ڏيئي سگهي. وڏيرن ڪان وڌ، ڪمدارن جي هڻ وٺ هوندي هئي. ماڻهن کي مال جي ڍڻ جيان هلائيندا هيا. جائز ناجائز، آنڌي مانڌي وڏيري جا حڪم هلندا هيا. وڏيرا اڇي ڪاري جا مالڪ هيا. نياپي سان وڏيري جي لٺ پهچندي هئي. تہ ماڻهو ڌپ ۾ وئجي ويندا هيا. ڪنهن ٻڙڪ ڪڇي تہ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسجي ڪاري پاڻي پهچندو هيو. جتان موٽي ان جو لاش بہ نہ ملندو هيو. ڳوٺ وڏيرن جي State هيا. ماڻهن جي مجال، جو وڏيري آڏو ڪٽ تي يا منجي تي ويهي سگهن. وڏيرا ماڻهن کي پٽ تي ويهاري نادري حڪم هلائيندا هيا. چُرچ، ٻچ، چالاڪي، ڪاروڪاري، ٽڙڪ ٽڳي جا فيصلا ۽ ڏنڊ رکي پنهنجا کيسا گرم ڪندا هيا. وڏيرا انگريزن آڏو پُڇ لٽڪائي، خوشامنديون ڪري پنهنجي ڳوٺ جي بادشاهت حاصل ڪندا هيا. ٻہ اکر پڙهيل ملان بہ وڏيرن سان جُهٽ هوندا هيا. وڏيرو، واڻيو ۽ ملان هم صلاحي هيا. نتيجي ۾ سنڌ جو هاري پيٽ گُذر لاءِ پورو ۽ انگ اگهاڙي زندگي گذاريندو هيو.

انن جا انبار لهندي بہ هاري ان داڻي ڪان وانجهيل رهندو هيو. وڏيري جي ڪنڌن ۽ واڻين جي ٻندين ۾ پورهيت قيد هيو. وڏيرن جي ٽاڪيل ڪنڌن ۽ واڻين جي ٻندين ماڻهن کي محتاج بڻائي ڇڏيو هيو. رياستي قانون بہ وڏيري پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتا هيا. هُو ڪنهن بہ غريب هاري کي ڇهہ مهينا پنهنجن ٺاهيل جيلن ۾ واڙي ڇڏيندو هيو. هڪ اوندهہ، بربريت، ظلم ۽ جهالت جو دور هيو. ٻہ ٽي درجا تعليم ڪنهن کي نصيب ٿي تہ واهہ، نہ تہ جهالت ڪاريهر نانگ وانگر ڪر ڪنيون بيٺي هوندي هئي. تنهن وقت مئٽرڪ بہ بمبئي مان ڪرڻي پوندي هئي. اهڙين حالتن ۾ سنڌ جي وڏيري جون موجون هيون. وڏيرو پنهنجي اولاد کي بمبئي تائين پهچائيندو هيو ۽ غريب جي ٻار کي صرف ديني تعليم تائين پابند بڻايو ويندو هيو. سرڪاري تعليم غريبن لاءِ مهانگي ، اڻ لڀ ۽ مهڻي آب هئي. نتيجي ۾ ماڻهن ۾ غربت، مفلسي، لاچارگي انتها تي پهتل هئي. اهڙي اونده، اذيتناڪ ۽ ناانصافي جي دور ۾ چنگل پنهنجي ڳوٺ سنگهڙ ۾ اک پٽي. ٻچپن کان جواني تائين هو وڏيرن جي ظلمن کي ڏسندي ۽ سهندي وقت گذاريو. هن ۾ تعليم نہ هئي. البتہ

شعور جي بُلندي هئي. هو ناانصافيت کي برداشت نہ ڪري سگهندو هيو. هن ڪيترائي ڀيرا هڪ جيڏن، وڏڙن بزرگن ۽ ڳوٺاڻن کي ظلم خلاف اُٿي پوڻ لاءِ چوندو رهيو، پر سڀ ڪو ڪيس ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندو هيو. هو ماڻهن جي احساس محرومي، ڪجھ ڇئي نہ سگهڻ، ڪجھ ڪري نہ سگهڻ تي افسوس ڪندو هيو. وڏيرو ڳوٺاڻن کي هيناهيون، مٿاهيون هٽي ڪين هڪٻئي سان ويڙهائي حڪومت ڪندو رهيو. ڪنهن ۾ جرئت نہ هئي تہ وڏيري جي اجازت کان بغير سرڪار وٽ دانهين ٿئي. جيڪو بنا پڇا دانهين ٿيو تنهن تي ڏنڊ پوندو هيو. ٿاڻا وڏيرن جي حڪومت جي ماتحت هيا. سچن گيهن جا دڀا، سگداسي چانور وڏيرن طرفان ٿاڻن تي سوکڙي تي پهچندا هيا. وڏيرو هٿ سان چوريون ڪرائي جهيڙا جهڳا ڪرائي، غريب مفلس پورهيت ڦاسائي پنهنجا پيٽ ڀريندو هيو ۽ پوليس جا کيسا گرم ڪندو هيو. هميشہ غريب ۽ مفلس پورهيت نہ ڪيل ڏوھ جي سزا ڀوڳيندا هيا. لوفر، چور لُچ ۽ رهزن وڏيرن جي هٿ هيٺ هيا. ڏوهارين کي جڻ ڇُوٽ مليل هوندي هئي. اهڙن گهڻ طرفي ظلمن، بي واجبين ۽ ناانصافين خلاف چنگل بغاوت جو اعلان ڪيو.

ڳوٺاڻن جوئر جي لابارن ۽ ڳاهن مان مس جان ڇڏائي هئي تہ مٿان ڪٽڪن جي لابارن ۽ ڳاهن منهن ڪڍيا هيا. مئي مهيني جي ڪاڙهن ويتر هارين جون مٽيون منجهائي ڇڏيو ن هيون. ڪاڇي ۽ سندو جي پاٽي تي جڏهن جاڙا فصل اُپري پوندا هيا تڏهين هارين جي بيخ نڪري پوندي هئي. پوڪائي، سنيالي، ڳاھ ٻار ٻنايون ساهي ڏيڻ نہ ڇڏيندا هيا. مال متاع، ڳاھ ڀنا، دنيا داري، گهر گهاٽ جون ذميواريون، پورهيتين کي ٽڪائي وجهنديون هيون. مٿان وڏيرن جون بيگرون هارين لاءِ ڪمهلي مصيبتون ثابت ٿينديون هيون. ڪڏهن ڀلال پڃائڻ جي بيگر، ڪڏهن ٻھ ڳاھ ۽ ڪاٺين پڃائڻ جي بيگر.....!!!

ٽريڪٽر ٽرالين، ٿريشرن ۽ مشينرين اڃان منهن نہ ڪڍيا هيا. پوکي راهي ماڻهن جي هٿن ۽ ٻانهن جي ٻل تي ٿينديون هيون. هرلاءِ ڪانوڙا نار ڇينگهٽ ڪري مڌر آواز پکڙيندا هيا. ماڻهو ڪٽڪن جي ڳاهن ۽ ديرن تي ڦاٿا پيا هيا. اهڙي هڻ وٺ ۽ ڀڄ ڀڄان جي موقعي تي وڏيرن شاخن ۽ واهن جي ڪاٺين جا پڙها گهمايا هيا. ڳوٺ جا هاري انهي اڻ تڻ ۾ هيا تہ ڪاٺي جي بيگرن تي ويندا سين تہ پويان انن جا ديرا رُلي ويندا، يا چور چڪارن جي نظر تي ويندا. هارين وڏيري کان مهلت ملڻ جا وڏا هيلا هلايا، پر وڏيري خانڻ ڪنهن جي هڪ ٻہ نہ ٻُڌي. وڏيرن آفيسرن سان ملي ڀڳت ڪري ڪاٺين جا پئسا ڦٻايا هيا. وڏيري جي دٻدٻي ، جيل جي ڀؤ، ڳوٺاڻن ۾ خوف جي ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي هئي.

سرڪاري پشت پناهي، ڪاري پاڻي موڪلڻ جي دڙڪي ڳوٺاڻن جو ڇڻ ساهہ مُٺ ۾ ڪري ڇڏيو هيو. پرپُٺ هر ڪنهن اهڙي انڌي فيصلي جي مخالفت پئي ڪئي. پر ڪنهن ۾ دم نہ هيو تہ وڏيري ڪي بيگاهہ بيگارين ڪان جواب ڏئي سگهي. ڳوٺ جي هڪ دلير، شهزور ۽ اڙٻنگ جوان چنگل اهڙي انڌي فيصلي ۽ حڪم مڃڻ ڪان انڪار ڪيو، ۽ وڏيري سان بہ پاڻي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن سِر تريءَ تي رکي انفرادي بغاوت جو اعلان ڪيو. رات جي اونداهي ۾ هن شاخ جو ڳنڍيو لوڙهڻ جو پڪو پهہ ڪيو. هن کي خبر هئي تہ ڳنڍيو لوڙهڻ سان شاخ پاڻي ۾ اچي ويندو. ڪي پندرنهن ڏينهن ان پاڻي کي سُڪڻ ۾ لڳندا، تيسيتائين انن جا ديرا ۽ ڪٽڪن جا ڳاهہ نڪري ويندا. ڪوڏر ڪهاڙي ڪٺي، اوطاق تي ٻڌل ڪميت تي سنج رکي لانگ ورائي سوار ٿيو. پويان عزيز پڇڻ لڳس تہ ڪيڏانهن پيو وڃين. پر ڪنهن کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌايائين.

ڪاري رنگ جي ڪميت گهوڙي جي ٽاپن، رات جي سرناٽي کي چيري وڌو. گهوڙي جي ٽاڙهيا ٻاريندڙ هٽڪار تي گدڙن اونايون ڪرڻ بند ڪيون. گهوڙي جي تيز رفتار ڊوڙ چند ميلن جي مفاصلي کي ختم ڪيو. اچي راجوٽي ڳنڍي تي پهتو. گهوڙي تي شفقت جو هٿ گهمائي ڪيس شاخ جي ڪناري واري نم جو وڻ سان ٻڌائين. ڪوڏر ڪٺي شاخ جي ڳنڍي جو بند ٽوڙيائين. پاڻي ڊوڙڻ جي انتظار ۾ ٻيٺو هيو. بيٺل پاڻي ڇڪا مچائي شاخ ۾ ڪلٽيون ڪائڻ لڳو. هاڻ بند ۽ ڳنڍي جا ڪي بہ نشان نہ رهيا. پاڻي سرپور ٿي شاخ جي ڪنارن سان ڪلها هٽڻ لڳو. صبح ٿيڻ تائين شاخ ۽ واهہ جا ڪنارا پاڻي سان پرجي چڪا هيا. ماڻهن ۾ خوشي جا هوڪرا مچي ويا. ماڻهن کي ڪم ڪار مان نڪرڻ لاءِ ڪي ٻيا ڏينهن ملي ويا.

ڪنهن لوڙهيو؟ ڪنهن لوڙهيو؟ پيرا چنگل جي گهر تي پهتا. چُغل خورن، لائڙين وڏيري کي سربستو احوال ٻڌايو. وڏيرو واٽن سميت اچي ڳوٺ تي ڪڙڪيو. چنگل منهنجي حوالي ڪريو. ان کي سيڪٽ ڏئي پوليس حوالي ڪرڻو آهي. ماڻهن جا ميڙ گڏ ٿي ويا. وڏيرو ڪاوڙ ۾ آپي ڪان ٻاهر نڪتل هيو. هر ڪنهن تي دونالي بندوق تي تاڻيائين. وڏيري واٽن سان چنگل جي گهر ڏانهن وڌڻ لڳو. بزرگ پورهيت آزيون نيازيون ڪرڻ لڳا، پر وڏيري ڪنهن جي بہ نہ ٿي ٻڌي. چنگل ٽپ ڏيئي ڪهاڙي هٿ ۾ ڪٺي وڏيري سامهون ٿيو.

"وڏيرا همت اٿئي تہ بندوق هلاءِ، ها .... ها... ڳنڍيو مون ٽوڙيو آهي. اڳي يا پوءِ ڪنهن کي تہ تنهنجي ظلمن خلاف للڪار ڪرڻي هئي، هاڻ هڪ وک بہ اڳتي وڌئين تہ ڪهاڙي سان ڪنڌ ڪپيندو سانءِ"

وڏيري جي واٽن، بندوق جا گهوڙا چاڙهيا. ماڻهن جا ميڙ وچ ۾ اچي ويا. وڏيري هٿ سان پنهنجي واٽن کي بندوقون هيٺ ڪرڻ لاءِ چيو. هاڻ وڏيرو ڳوٺاڻن جي

گھيري ۾ هيو. ڳوٺاڻن وڏيري کي چيو: ”ٻڌي ڇڏ وڏيرا ! اگر چنگل کي ڪجھ ٻه ٿيو ته تنهنجي سر جو ٻه خير نه هوندو. خانڻ وڏيرا تو ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي. اسان جي هڙ رلي پئي آهي. ۽ توکي بيگار جي لڳي پئي آهي. هاڻ چنگل ۾ وڏيڪ حوصلو مضبوط ٿيو. وڏيري کي للڪاريندي چيائين:

”خانڻ وڏيرا ! توسان هاڻ حساب ٿيندا. ٻڌي ڇوڙي، واٿن ۽ ڪاري پاڻي جي دڙڪن ۽ داٻن سان تو ڳوٺاڻن کي هيسائي مظلوم ۽ محڪوم بڻايو آهي. سرڪار کان پئسا وٺي، اسان کان بيگاريون پيو ڪرائين. هاڻ بيگاريون نه هلنديون، ڪاٿين جي مزدوري جا پئسا ملندا ته ڪاٿيون ٿينديون نه ته ڪاٿيون نه ٿينديون...! اجان ته ڳنڍيو لڙهيو آهي. پر جڏهن تنهنجو پٽڪو ڏُوڙ ڪنداسين ته تڏهن توکي خبر پوندئي.... هاڻ چنگل هڪ نه آهي، سڄو ڳوٺ تنهنجي ظلمن خلاف گڏ ٿيو آهي“

وڏيرو ڪاوڙ ۾ ٽامڙجي ويو. ۽ سڄي ڳوٺ کي گاريون ۽ ڌمڪيون ڏيڻ لڳو. ڳوٺاڻن ميڙجي ڏنڊن ۽ ڪھاڙين ۾ هٿ وڌا. وڏيرو خوف ۾ وٺجي ويو. ڳوٺاڻن جي غضب جي غصي کي ڏسي. وڏيرو ڏڪڻ لڳو. هاڻ وڏيري جو عقل ماٺيپي ۽ انسانيت تي پهتو. وڏيري صبر ۽ تحمل جي تلقين ڪندي ڪاٺي ڪٽڻ جي مزدوري جي پئسن تي رضامند ٿيو ۽ ڳوٺاڻن کان معذرت گھرڻ لڳو. ان ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ تي بيگر لڳڻ بند ٿي. تڏهن کان ان ڳوٺ ۾ پهاڪو جڙيو:

”چنگل ٻوڙائي ڇتو راڄ ڇيڙ کان“

# هدايت قريشي



**سنڌي** جديد ڪهاڻي جي عروج کان ڏنڊلائجي وڃڻ بابت رايا وقت بوقت رقص ڪندا رهيا آهن. نئين کا راءِ ڏيڻ بدران آئون اهو چوڻ چاهيندس تہ سنڌي جديد ڪهاڻي ختم ناهي ٿي، ان سان عشق رکندڙ اڄ بہ اسان جو نئون ٽيلينٽ موجود آهي، جيڪو سچ تہ دلڪش دلربا اميد جو هڳاءُ آهي.

نوجوان اپرندڙ ۽ متاثر ڪندڙ ڪهاڻيڪار هدايت قريشي جي ڪجهہ ڪهاڻين کي پڙهي خوشي ۽ اميد جا ڀرپور تاثر گڏ جاڳن ٿا، تہ اسان جو ڪهاڻي لکڻ وارو وجدان ننڊ ۾ ناهي آيو. هدايت قريشي جي دلچسپ سهڻين ڪهاڻين. (خوشخبري، گلاب جو گل ۽ پيرو ماڇي) جي اٽت مان ئي ڄاڻي ونجي ٿو تہ هو باشعور، آرٽسٽ، خبردار ۽ مشاهدڪار خوبصورت ڪهاڻيڪار آهي.

هن جي ڪهاڻين ۾ موضوعيت بہ آهي تہ تجسس بہ چهرو پسائي ٿو. هن ڊائلاگيا ۽ بيانيا ڪهاڻي جو اسلوب گڏ رکي ڪهاڻي کي سندر روپ ڏنو آهي. هن جي استعمال ڪيل ٻوليءَ بہ وڻندڙ آهي. هن ڪارگر ڪهاڻي لکي آهي. اها زندگيءَ جي ڪهاڻي آهي. زندگيءَ جيڪا چرپر ۽ بقا لاءِ سرگردان آهي.

اصل ۾ هدايت ڪهاڻي لکڻ جي فن کان چڱي ريت واقف آهي. ان ڪري هن وٽ ڪهاڻي کي دلچسپ ٻڻائڻ جي صلاحيت موجود آهي. هن تڪڙي دور ۾ جتي عالمي سطح تي بہ ڪهاڻي مختصر ٿي هاڻ چند جملن ۾ لکجي رهي آهي، اتي هدايت پنهنجي جديد طويل سنڌي ڪهاڻي جي حسناڪ روايت کي جهڙي ريت دل ۾ سمايو آهي هن جي ان جرئت ۽ محبت کي دل جو ڀاڪر پريان ٿو.

هدايت قريشي صلاحيتن سان سرشار نوجوان ليکڪ آهي. هن جا پيش ڪيل ڪردار اسان جي آس پاس ساهہ کڻندڙ آهن. اهي روئن ٿا، کلن ٿا، وڇڙن ٿا. مطلب اهو تہ سندس ڪهاڻيون مصنوعيت کان صاف آهن. هو هن ڪهاڻي ميدان ۾ اڳتي وڌي آيو آهي، سندس دل سان آجيان اسان جو فرض آهي.

**ايوب کوسو**

# گلاب جو گل

”**بابا** مان زمين تان ٿي اچان ٿو“ رابيل پيءُ کي چيو:

“ٺيڪ آ ھي پٽ.........ھا رابيل پٽ ٻيو ٻڌ ٽيوب ويل تي وڃجانءِ ۽ ڏسجانءِ تہ تالو لڳل آھي يا نہ..! چاچھين پنھنجي ٻنيءَ کي پاڻي ڏنو ھيو, اِھو مڙئي خيال گھٽ رکندو آھي“ عبدالرحيم پٽ کي تاڪيد ڪندي چيو.

“جي بابا” ائين چئي رابيل ھليو ويو.

رابيل ھر موڪل واري ڏينھن تي پنھنجي زمين گھمڻ لاءِ بہ ضرور ويندو آھي، شھر ۾ نوڪري ڪري ھن کي موڪل کان سواءَ ٻيو ٽائيم ناھي ملندو, ھنن جي زمين ڳوٺ ڀرسان ئي آھي جيڪا ھارپي تي ڏنل آھي. ھن جو پيءُ عبدالرحيم پرائمري ماسٽر آھي. پٽ کي سٺي تعليم ڏياري وڏي جدوجھد ڪانپوءِ رابيل کي سرڪاري نوڪري وٺرائي ڏنائين. رابيل ھر روز وانگر زمين جو جائزو وٺندي جڏھن ٽيوب ويل تي پھتو تہ ھن کي ٽيوب ويل جي حوض تي گلاب جو گل نظر آيو اھو ڪٽي واپس آيو, وري ٻئي ھفتي جڏھن زمين تي ويو تہ ساڳي جڳھ تي گلاب جو گل ھن کي نظر آيو, ھن پيري ٿوري حيرت ٿيس ھيڏانھن ھوڏانھن ڏٺائين پر ڪير بہ نظر نہ آيس، اھيو سوچيندي گھر آيو تہ اھيو ڪير ٿي سگھي ٿو, گل ڪير رکي ٿو يا ڪو اتفاق آھي. ھفتو ٻيو گذري ويو جڏھن ٽئين ھفتي تي ويو تہ وري بہ گل پيو ھيو. ھاڻي سمجھي ويو تہ اھيو اتفاق نہ پر ڪير سايو ڪري رکي ٿو ۽ ھن سان ائين ڪجھ ھفتا ٿيندو رھيو ۽ گل رکڻ وارو سامھون نہ آيو. ھڪ ڏينھن اھو بہ آيو جو ھن کي گلاب جو گل نظر نہ آيو ۽ ھي سمجھي ويو تہ ھي شخص يا تہ ٿڪجي پيو ھوندو يا وري بيمار ٿيو ھوندو, پر اھيو سنو ٿيو جو ھن مان جان ڇٽي ھرويرو ذھن تي سوچون اچن پيون، جئين واپس گھر جي دروازي تي پھتو تہ ھن کي گلاب جو گل پيٽ ۾ لڳل نظرآيو, ھاڻي تہ ھن کي پھريان کان بہ وڌيڪ حيراني ٿي جلدي گھر اندر داخل ٿيو پر گھر ۾ گھر ڀاتين کان علاوہ ڪير بہ نہ ھيو. ھن کي اُن شخص تي گھڻي ڪاوڙ اچڻ لڳي تہ ھرو ڀرو ڇو پريشان ڪري رھيو آھي ۽ ائين مونکي پريشان ڪرڻ مان ھُن کي ڪھڙو فائدو ملي ٿو, ھاڻي رابيل اھيو پرگرام ٺاھيو تہ آفيس کان موڪل ڪري ڏسان تہ اھو شخص منھنجي باري ۾ ڪيترو باخبر رھي ٿو, ھي آفيس ويو ۽ اڳين ڏينھن جي موڪل لکي آيو، شام کان پھريان زمين تي ويو پر اتي ھن کي گل نطر نہ آيو, گھر موٽي آيو دروازي تي بہ ھن کي گل نظر نہ آيو سمجھي ويو تہ اھو گل رکڻ وارو شخص ايترو باخبر ناھي. سڌو پنھنجي ڪمري

۾ آيو ته سامهون ٽيبل تي رکيل گلاب جي گل تي نظر پيس، جلدي ڪمري ڪان ٻاهر نڪتو۽ پنهنجي ماءُ ڪان پڇيائين:

"امان منهنجي وڃڻ ڪانپوءِ ڪمري ۾ ڪير آيو هيو....؟"

"ابا مان پاڙي ۾ وئي هيس، خير ته آهي......!"

"ها امان خيرآهي، رضيه ڪاٿي آ....؟"

"جي ادا" رضيه رڌڻي مان نڪرندي چيو:

"ادا منهنجي دوست مهوش ڪان علاوه ته ٻيو ڪير نه آيو هيو"

"اهيا مهوش ڪير آ....!"

"ادا تون هُن کي نه سڃاڻين، چار پنج مهينا پهريان پر واري ڳوٺ مان لڏي سامهون واري گهر ۾ ويٺا آهن"

"پر هوءَ منهنجي ڪمري ۾ ڇو آئي" اصل حقيقت تائين پهچڻ جي ڪرڻ لڳو.

"ادا مهوش کي پين کپندي هئي مون وٽ نه هئي انهيءَ ڪري توهان جي ڪمري مان ڪٽي ڏني مانس"

"وڏي سياڻي آهي"

"ڇو ادا خير ته آهي، ڇا ڪيو آهي مهوش" رضيه حيرانيءَ مان چيو

"انهيءَ ڪري ڇيم جو ڪمري ۾ پين نه هئي" رابيل ڳالهه لڪائيندي چيو:

رابيل سمجهي ويو ته اهيا مهوش ئي تي سگهي ٿي جيڪا هٿ ڌوئي منهنجي پويان پئي آهي، پر هن کي ڪهڙي خبر ته منهنجي طرفان ڪهڙي موٽ ملندس. رابيل دل ۾ چوڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن تي رابيل جڏهن آفيس وڃڻ لاءِ گهر ڪان نڪتو ته سامهون مهوش جي نظر پيس جيڪا دروازي مان جهاتي پائي هن جو ديدار ڪري رهي هئي، هي هاڻي سمجهي ويو ته اٿين ئي روز ڏسندي هوندي. هن سان ٿيو به ائين روز هن جو ديدار ڪندي هئي، ٻنهين جي طرفان ڪا به چرپر نه ٿي، آخر مهوش سمجهي وئي ته رابيل مون تي ڪابه توجهه نه ٿو ڏئي ته مهوش ڇا ڪيو جو پنهنجي دروازي ڪان بيهي رابيل کي گل ڏيندي چوڻ لڳي:

"هي وٺو منهنجو تحفو"

"توکي ڪنهن سمجهايو آهي ته منهنجي سامهون گل رک، تنهنجي گهر ڪا گلن جي فيڪٽري آهي ڇا، جو مان جتي وڃان ٿو اڳيان گل پيا آهن"رابيل پهريون ڀيرو هن سان ڳالهايو.

"توهان جيئن به چئو پر مان هميشه توهان جي اڳيان گل وڇائيندي رهندس"

"بس هاڻي گهڻو ڊرامو ٿي ويو، مهرباني ڪري منهنجا خواب ڏسڻ ڇڏي ڏي ۽ آئنده اڳيان نه بيهجان" ائين چئي رابيل آفيس لاءِ روانو ٿي ويو.

مهوش رابيل جا اهڙا لفظ ٻڌا ته مايوس ٿي وئي ۽ هن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، مهوش رابيل جي اهڙي رويي ڪانپوءِ دروازي تي يا هن کي ڪاٽي ٻه گلاب جو گل يا پاڻ نظر نه آئي، انهن ڏينهن ۾ ئي رابيل جو ٽرانسفر اسلام آباد ٿي ويو، رابيل اسلام آباد وڃڻ لاءِ جيئن گهران نڪتو ته سامهون مهوش بيٺي هئي، ٿن مهينن ڪانپوءِ هن کي ڏٺائين ته ڪافي ڪمزور لڳي رهي هئي، جيئن هن رابيل کي ڏٺو ته روئڻ ۾ پئجي وئي ۽ روئندي چيائين:

“اڄ ته توهان وڃي رهيا آهيو پر هاڻي ته گل وٺندا وڃو ۽ چئو ته مون سان محبت ڪندا آهيو، مان سڄي زندگي توهان جو انتظار ڪندي رهندس“

“ڏس! مهوش توکي پهريان ٻه چيو هيم ته ان ڊرامي بازي ۾ پنهنجو وقت ظايع نه ڪر ۽ نه منهنجو وقت ظايع ڪر، ڪوئي سنو ڇوڪرو ڏسي اُن سان شادي ڪري ڇڏ“

“مري ته سگهان ٿي پر توهان کان سواءِ ٻي ڪنهن جي ڪنوار بڻجي گلن جي سيج تي نه ٿي ويهي سگهان“

“ٺيڪ آهي تنهنجي مرضي پر مان ان چڪر ۾ پوڻ وارو ناهيان“ ائين چئي رابيل هليو ويو ۽ مهوش پنهنجا ڳوڙها اگهندي رهي.

رابيل اسلام آباد پهچي اُتي هن ڊيوٽي جوائن ڪئي، رابيل کي آفيس جي طرفان رهڻ لاءِ جڳه ٻه ملي وئي، رات جو اڪيلو پنهنجي ڪمري ۾ سمهي پيو هيو ته هن جو ذهن پنهنجي ڪاليج جي دوَر ۾ هليو ويو، هن کي اُهي گهڙيون اُهي پل ياد اچڻ لڳا جيڪي هن پنهنجي زندگيءَ سان گذاريا هئا، ڪيڏو نه ٻئي هڪٻئي تي ساه ڏيندا هئا، اهي زندگيءَ جا وڏا وڏا ٿهڪ هن کان ڪيئن وسري سگهندا، اهي گهڙيون ياد اچڻ لڳس جڏهن هن زندگي جي چوڻ تي پنهنجي پيءُ ماءُ کي رشتي لاءِ موڪليو هيو، ڪيڏو نه اهو خوشيءَ جو ڏينهن هيو هن جو هڪ ڏينهن سالن وانگر گذريو هن هڪ هڪ سيڪنڊ ڏسندي گذاريو ۽ جڏهن شام ٿي ته هن کي اهي لفظ ٻڌا ته “توکي زندگي نه ٿي ملي سگهي ڇو ته تون هڪ پرائمري ماستر جو پٽ آهين“ اهي لفظ هن کي ڪنهن پٿر وانگر لڳا، صرف گهر وارن کي اهيو چيو ته “زندگي کان بغير منهنجي زندگي جو هلڻ مشڪل آهي“ زندگيءَ کي ٻه گهڻو سمجهاياٺين ته ڪنهن ٻه طريقي سان گهر وارن کي راضي ڪر شروع ۾ ته زندگيءَ سنو ساٿ ڏنس پر پوءِ آهسته آهسته زندگي ٻه ساٿ ڇڏي ڏنس، انهيءَ ڪانپوءِ دل ۾ ارادو ڪيائين ته ڪڏهن ٻه شادي نه ڪندس، زندگيءَ کان سواءِ کهڙي زندگي آهي.
موبائل جي آواز تي هي سوچن مان نڪتو، موبائل کٽي ڏٺئين ته ڪنهن اڻڄاڻ نمبر تان ميسيج آيل هيو، ميسيج کوليائين ته جنهن ۾ لکيل هيو “رابيل تون منهنجو

آهين“ هي سمجهي ويو اهيا مهوش تي سگهي ٿي اهيا هتي به پچر نه ٿي ڇڏي، ڳوٺ وجان ته هن کي سبق سيکاريندس. پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو.

رابيل ٻن مهينن کانپوءِ موڪل تي ڳوٺ آيو ته مهوش کي هن جي اچڻ جي خبر پئي ته هن جو محبوب آيو آهي ته بهانو ڪري رضيه سان ملڻ آئي، رضيه سان ڳالهين ۾ ويني ته هن جي نظر باربار رابيل جي ڪمري طرف پئي وڃي، رضيه به اهيو نوٽ ڪرڻ لڳي، ٿوري دير ۾ رابيل ڪمري مان نڪتو ۽ مهوش ۾ ساهه پئجي ويو.

“اسلام عليڪم“ مهوش اٿي سلام ڪيو.

“وعليڪم اسلام دشمنن کي خبر پئجي وئي“ رابيل ڪاوڙ مان چيو.

“الله نه ڪري جو تنهنجي دشمن ٿيان“

“نه باقي سڄڻن جا اهڙا ڪم هوندا آهن جو اُتي به جيئڻ نه ٿا ڏين“ ائين چئي رابيل گهران نڪري ويو، رضيه ۽ اُن جي ماءُ ٻئي حيران هئا ته هي ڇا ٿي رهيو آهي، هي پهريون ڀيرو هيو جو هنن ٻنهين سيني جي سامهون اهڙي انداز ۾ ڳالهايو هيو.

“مهوش هي مان ڇا پئي ٻڌان، ادا کي تون ڇا ڪيو آهي جو تومان ايڏو بيزار آهي. رضيه حيران ٿيندي چيو:

“رضيه تنهنجي ڀاءُ جي دل پٿرآهي، جيڪڏهن ٻيو ڪو ڇوڪرو هجي هان ته پيو منهنجي گهٽيءَ ۾ چڪر هڻي هان“

“مهوش توکي ادا جي باري ۾ ڪا به جاڻ ناهي، منهنجي ڀاءُ جهڙو نرم دل شايد ئي ڪو ٻيو هجي، بس ادا کي ته زندگيءَ اهڙو ڪري ڇڏيو آهي“

“زندگي ڇا مطلب مون نه سمجهيو..!“ مهوش حيرانيءَ مان پڇيو.

“زندگي ادا جي ڪلاس ميٽ هئي ۽ ادا.....................“ پوءِ سڄي حقيقت مهوش کي ٻڌايائين.

“رضيه مونکي گهڻو افسوس ٿيو آهي جو رابيل سان ائين ٿيو، پر تون بي فڪر ٿيءُ تنهنجي ڀاءُ جي دل مان ئي نرم ڪندس ۽ هُن کي زندگي منهنجي روپ ۾ ملندي“

رضيه کي ته تمام گهڻي خوشي ٿيڻ لڳي جو سندس ڀاءُ کي اهڙي سگهڙ ڇوڪري پسند ڪرڻ لڳي آهي، رضيه به دل ۾ پڪو په ڪيو ته مهوش کي ڀاڀيءَ جي روپ ۾ ضرور ڏسندي، رضيه پيءُ ماءُ سان اهيا ڳالهه ڪئي انهن کي به ڏاڍي خوشي ٿي

ڇوته خوبصورت ۽ سگهڙ ڇوڪري کي ڪير گهر ۾ نه آڻڻ چاهيندو، بس هاڻي اهيو سوچي رهيان هئا ته پٽ کي ڪيئن راضي ڪن.

رابيل جي موڪل پوري ٿي ۽ واپس ورڻ لاءِ جيئن دروازي ڪان ٻاهر نڪتو ته سامهون هميشه وانگر مهوش بيٺي هئي پر هن ڀيري هن جي هٿ ۾ گل نه هيو، رابيل ٿورو اڳتي وڌيو ته مهوش اڳيان اچي ٻانهون ٻڌندي چوڻ لڳس:

“رابيل مونکي معاف ڪجو، اهيا مونکي خبر نه هئي ته زندگي توهان کي ايڏا ڏک ڏنا آهن ۽ هُن توهان جي زندگي برباد ڪري ڇڏي آهي مان اهيو نه ٿي چاهيان ته منهنجي ڪري توهان کي ڪا تڪليف پهچي، هاڻي ڪڏهن ٻه توهان کي تنگ نه ڪندس، پر ايترو ضرور ٻه سوچجو ته هر ڇوڪري زندگي ناهي هوندي ۽ نه ئي هر ڇوڪري جا والدين اهڙا هوندا آهن”

“اهيا ٻه توکي خبر پئجي وئي!، تون ڇو ٿي ايڏي منهنجي باري ۾ با خبر رهين” رابيل ڪاوڙ مان چيو:

“رابيل مان توهان جا ڏک ونڊڻ ٿي چاهيان” مهوش پيار مان چيو:

“ڇو تون منهنجو ٺيڪو ڪنيو آ، ٻيو ته مهوش پيار هڪ طرفو ناهي ٿيندو، انهيءَ ڪري منهنجو خيال دل مان ڪڍي ڇڏ” رابيل صاف انڪار ڪندي چيو:

“رابيل هڪ ڳالهه ذهن ۾ رکجو ۽ ڏسجو ته هڪ ڏينهن اهو ٻه ايندو جڏهن توهان منهنجي ڪري هڪ ٻن ڏينهن لاءِ نه پر هميشه لاءِ هتي بدلي ڪرائي ايندا”

“مهانڊو ٻه اٿئي پلو جو تنهنجي ڪري بدلي ڪرائي ايندس” ائين چئي رابيل هليو ويو، مهوش جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ آلين اکين سان گهرهلي وئي. رابيل جي اهڙي جواب ڪانپوءِ ٻه مهوش همت نه هاري ۽ رابيل جي موبائل تي روزانو صرف هڪ ميسيج ۾ هڪ ئي جملو لکي موڪليندي هئي ته “رابيل توهان صرف منهنجا آهيو” ۽ رابيل هن جو اهڙو جملو پڙهي چوندو هو “چري ڇوڪري”.

رابيل جي پيءُ کي جڏهن انهيءَ ڳاله جي خبر پئي ته ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دل ۾ اهيو ارادو ڪيائين ته مهوش کي پنهنجي ننهن ڪري ضرور گهرآڻيندو.

هن کي پوري پڪ هئي ته رابيل کي هاڻي سٺي نوڪري آهي اُن ڪري هن کي مهوش ضرور ٻه ملندي، گهر واريءَ کي ساڻ ڪري مهوش جي گهر ويا ۽ خوشبريءَ سان گڏ موٽي آيا. رابيل جي والدين کي اهيا ٻه پوري پڪ هئي ته اسان جو پٽ والدين سان انڪار نه ڪندو. انڪري پٽ کي فون ڪري رشتي جي ڳاله ڪئي ته رابيل تپي باه ٿي ويو، پر پيءُ ماءُ جي اڳيان گهڻي ڪاوڙ نه ڪڍي سگهيو بس ايترو چيائين:

“بابا اهيو رشتو ڪرڻ کان پهريان مونکان پڇو ته هان”

“پٽ تون آخر ڪيستائين ائين وينو هوندين، اسان زندگيءَ جي آخري ڏاڪي تي بيٺا آهيون، تون اسان کي خوشي ڏسڻ نه ڏيندين” رابيل جي پيءُ مايوسيءَ مان چيو:

“بابا ائين نہ چيو منهنجو مطلب هيو رشتو منهنجي مرضي وارو وٺو هان” رابيل ڳاله تبديل ڪندي چيو:

“پٽ رابيل اسان کي پوري ڳوٺ ۾ مهوش کان وڌيڪ ڪا ٻي ڇوڪري سٺي نہ لڳي ۽ تو کي شادي انهيءَ سان ڪرڻي پوندي” رابيل جي پيءُ فيصلو ٻڌائيندي چيو:

“ها پٽ تنهنجو پيءُ بلڪل ٺيڪ پيو چوي مونکي بہ مهوش کان وڌيڪ سٺي ڇوڪري نہ ملي” رابيل جي ماءُ ڀرپور پيرو مڙس کان فون وٺي ڳالهايو:

هاڻي والدين جي خوشيءَ اڳيان رابيل مجبور ٿي پيو ۽ مهوش خوشيءَ ۾ ماپي نہ پئي سگهي هن جي سالن جي حسرت پوري ٿي رهي هئي ۽ هن جي گلاب جي گلن جي خوشبو سڄي ڳوٺ ۾ محسوس ٿيڻ لڳي، انهيءَ خوشبوءَ ۾ رابيل جي شاديءَ جون تيارون شروع ٿي ويون هيون.

اڄ پورو ڳوٺ جهمريون پائي رهيو هو ڇوتہ رابيل اسلام آباد کان ڳوٺ اچي رهيو هو، هميشہ وانگر هن بس جو سفر ڪيو ۽ الائي ڇو هاڻي رابيل جي دل ۾ مهوش لاءِ پيار جنم وٺڻ لڳو ۽ مهوش جا اهي لفظ باربار هن جي دماغ ۾ گردش ڪرڻ لڳا تہ “هڪ ڏينهن تون هميشہ لاءِ هتي بدلي ڪرائي ايندين ۽ توکي منهنجا گل قبول ڪرڻا پوندا” اکيون بند ڪري انهن سوچن ۾ هيو تہ ڪنهن جا مظبوط هٿ هن جي قميص جي ڪالرن ۾ پيا.

“اڙي هيٺ لهہ” زوردار آواز هن جي ڪنن ۾ پيو، رابيل حيران ٿي ويو تہ هي ڇا ٿي رهيو آهي، مسافرن کي ڏٺائين پر ڪير نظر نہ آيس سڄي بس خالي هئي. نقاب پوش هن کي بندوق جي زور تي هيٺ لاٿو ۽ هن کي سيني سان گڏ لائين ۾ بيهاريائين. چار نقاب پوش سيني کان تلاشي وٺي رهيا هئا.

“جيڪو بہ اٿئي ڪڍي ڏي” انهيءَ ساڳي همراه چيو:

“اڙي ٻڌين ڪو نہ ٿو ڇيم نہ تہ جيڪو اٿئي ڪڍي ڏي” وڌيڪ ڪاوڙ ۾ چيائين:

رابيل سوچ ۾ پئجي ويو تہ اگر هي سڀ پئسا هنن کي ڏنم تہ منهنجو ڇا ٿيندو، منهنجي بابا ۽ امڙ جيڪي منهنجي شادي جا خواب ڏسي رهيا آهن انهن جو ڇا ٿيندو.

“گار ڏيندي........اڙي ٻڌين ڪونہ ٿو” ٻي همراه چيو.

رابيل پڪو ارادو ڪيو تہ ڪجھ بہ ٿي پوي پر هنن کي هڪ رپيو بہ نہ ڏيندو، هن چالاڪيءَ سان پر واري نقاب پوش کان پسٽل کسي انهيءَ کي منڍيءَ مان پڪڙي اُن جي مٿي تي پسٽل جو نشانو ڪندي چوڻ لڳو:

“خبردار جو ڪنهن چالاڪي ڏيکاري آهي تہ پوءَ گولي هن جي پار هوندي.

هنن جي سربراهه پنهنجي ساٿي جي پرواهه نہ ڪندي ڪلاشن جو منهن رابيل جي طرف ڪيو ۽ مسافرن جي رڙين سان گڏ زمين ڳاڙهي ٿي وئي.

رابيل جي بابي ۽ امڙ سان گڏ اڄ پورو ڳوٺ هن جي واٽ تڪي رهيا ته ڪيڏي مهل ٿو هنن جو شهزادو اچي، هرڪو پنهنجي طرفان خوشي جا منصوبا ٺاهي رهيو ته هنن جي ڪنن تي ايمبولنس جو آواز پيو ته سيني جي مُرڪ حيرت ۾ تبديل ٿي وئي. سيئي رب پاڪ کي ٻاڏائڻ لڳا ته يا رب العالمين تون خير ڪجان، هرڪو ايمولنس جي طرف ڊڪڻ لڳو ته ايمولنس وچي رابيل جي در تي بيٺي، ڳوٺ وارن جي رڙين سان گڏ رابيل جا پيءُ ماءُ ۽ مهوش زنده لاش ٿي ويا. ڳوٺ ۾ پرسان ئي رابيل کي دفنايو ويو، هن جي مٿان گلاب جي گلن جي چادر چاڙهي وئي ۽ اڄ رابيل نہ چاهيندي بہ مهوش جا گل قبول ڪيا هئا.

# پيرو ماڇي

”**پٽيل** ڪو بلائو، پتا لايا هون“ ريڙهي تي پتو (جيل جي اندر ماني کي پتو چئبو آ) ڪٽي بيرڪ جي دروازي تي پهچي سپاهي کي چيو:

پيرو ۽ مينڊڪ (نديم) پٽيل جو انتظار ڪندا رهيا، هڪ بيرڪ جو پٽيل پتو ڪٽي ويو پر ٻي بيرڪ جو پٽيل نہ آيو تہ پيرو کي ڪاوڙ آئي:

”اِن ڪا پيٽ ڀر گيا هي دو جوتي لڳين تہ خبر پوندن“ سپاهيءَ کي سنڌي ۽ اردو ۾ چيائين:

سپاهيءَ بہ گرم ٿي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ پٽيل کي سڏ ڪيائين تہ پوءِ پٽيل ڊڪندو آيو، ”مين تمهاري باپ ڪا نوڪر نهين هون جو انتظار ڪرون يہ پتا لو اور پيٽ ڀرو همين ٻيا ڀي ڪم هين“

ٻئي جڻا اتان فارغ ٿي ريڙهو ڪاهي واپس ننگرخاني (ڪچن) ۾ آيا. پيرو جيل جي اندر تندور جو بهترين ڪاريگر آهي، جڏهن ننگرخاني ۾ ڪو ماڻهو فارغ نہ هوندو آهي تہ منشي پيروءَ کي ئي موڪليندو آهي، پيرو ڊول (ڀاڄي) ۽ پتو (ماني) ڪٽي ويندو آهي اڪثر ڪري پيرو مينڊڪ کي وٺي ويندو آهي ڇو تہ هنن ٻنهين جي پاڻ ۾ دوستي آهي.

پيرو ماڇي جو اصل تعلق سنڌ جي مشهور ماڳ ڀنڀور پرسان آهي، هن جو اباڻڪو ڪم مڇي مارڻ آهي، پيرو جڏهن ڏهن سالن جو هيو تہ پنهنجي پيءُ ابو ماڇي ۽ چاچي سان گڏجي ٻيڙي تي هليو ويندو هيو، جيڪڏهن هن کي مڇي مارڻ لاءِ نہ وٺي ويندا هيا تہ هي لڪي لڪي وڃين ٻيڙي ۾ ويهندو هيو. هڪ ڏينهن سمنڊ ۾ شڪار ڪندي ڪندي پارت جي سرحد ۾ پهچي ويا ۽ پارتي ظالمن وڏن سان گڏ هن معصوم تي بہ ڏاڍو ظلم ڪيو، پيرو ننڍي لاڪون اهڙن حالتن مان گذريو جو هن جي دل ڏاڍي مظبوط پٿر تي وئي هئي، جيترو بہ عرصو مان هن سان گڏ رهيم ڪڏهن بہ هن جي اکين ۾ ڳوڙها نہ ڏٺم، هي سيني کي پيو نصيحتون ڪندو هيو، پيرو سال ڪن پارت ۾ رهڻ ڪانپوءِ جڏهن واپس پاڪستان آيو تہ ٻيهر ساڳي ڪرت ۾ لڳي ويو. سمنڊ مان مڇي ماري پنهنجو گذر سفر ڪرڻ لڳو ۽ ائين هن جي زندگيءَ جا ٽيہ سال گذري ويا.

پيرو کي هن جو پيءُ ابو ماڇي سدائين پيو منٿون ڪندو هيو تہ پٽ شادي ڪر ۽ هي بہ هميشہ انڪار ڪندو هيو. پيءُ ماءُ جي گهڻي اسرار تي آخر شاديءَ لاءِ راضي ٿيو پر هن کي اهيا خبر نہ هئي تہ اهيا شادي مونکي نقصان ڏيندي.

سونو جي پيدا ٿيڻ تي پيرو سان گڏ هن جو ڏاڏو ابو ماڇي ڏاڍو خوش هيو هنن جا پراڻا سيئي ڏک سونوءَ جي پيدا ٿيڻ تي ختم تي ويا گهر ۾ هر وقت خوشين

جا پيا گيت ڳائيندا هيا. پر قدرت ۾ جيڪو لکيل هوندو آهي اهو ڪير بہ ڊاهي نہ ٿو سگهي، انسان جڏهن تہ پيدا ٿيندو آهي انهيءَ وقت ئي هن جي زندگيءَ جي باري ۾ لکجي ويندو آهي ۽ پيرو جي زندگيءَ ۾ بہ هن جي شادي ٿيڻ ڪانپوءِ اهيو لکيو ويو تہ تنهنجي زندگيءَ ۾ خوشيون صرف سونوءَ جي جمڻ تائين آهن، سونوءَ جي پيدا ٿيڻ جي مهيني ڪانپوءِ هنن جي پراڻي دشمني اچانڪ ٻيهر ڪر کنيو ۽ انهيءَ دشمنيءَ پيرو جي هٿان قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ هن جو وڏو ڀاءُ بہ هميش لاءِ معزور ٿي ويو، پيرو کي گرفتار ڪري حيدرآباد جيل موڪليو ويو پيروءَ جو ڪيس ايترو مظبوط هيو جو جلد ئي هن کي عمر قيد (25 سالن) جي سزا لڳي وئي. پيرو حيدرآباد جيل ۾ زندگيءَ جا ڏه سال گذاريا، اتي هن جو معذور ڀاءُ ملاقات لاءِ ايندو رهيو پر ڪڏهن بہ هن جو پٽ سونو نہ آيو هي چاهي پيو تہ هڪ ڀيرو بہ پنهنجي پٽ سونو کي ڏسي پر هن جو ڀاءُ چوندو هيس تہ ننڍڙو آهي ذهن تي اثر ٿي پوندس. ائين پيرو جا حيدرآباد جيل ۾ ڏه سال گذري ويا، حيدرآباد جيل ۾ جڏهن حالتون خراب ٿيون تہ انهن حالتن جو شڪار پيرو بہ ٿيو ۽ هن کي اتان ڪڍي ڪراچي سينٽرل جيل موڪليو ويو. پيرو ڪراچي جيل ۾ اچڻ ڪانپوءِ بہ پنهنجي ڪرتِ ساڳي رکي ۽ محنت مزدوري ڪري زندگي گذارڻ لڳو، هي تندور جو بهترين ڪاريگر سان گڏ سنڌي ٽوپيون ٺاهي ڪپائيندو هيو، پنهنجي پٽ سونوءَ لاءِ شاديءَ جا موڙ ۽ پنهنجي گهرواريءَ لاءِ هن سڳيون ۽ چوڙيون بہ ٺاهي رکيون هي چوندو هو تہ جڏهن بہ آزاد ٿيندس پنهنجن هٿن سان هنن کي پارائيندس. پيرو کي ڪراچي جيل ۾ ڇهہ سال ٿي ويا آهن، اڌ اچو مٿو ٿي ويو اٿس ۽ نظر بہ ڪافي گهٽ ٿي اٿس پر ڳالهائڻ جو انداز ساڳيو ئي، هر ڪنهن سان سنڌيءِ ۾ ڳالهائڻ ۽ ان سان گڏ گار بہ ضرور ڏيندو هيو، نماز لاءِ جڏهن هن کي چوندو هيم تہ جواب ڏيندو هيو "کهڙيون جيل ۾ نمازون پڙهون، جڏهن ٻاهر نڪرندس تہ سيئي نمازون گڏ پڙهندس"

پيروءَ اڄ ڪم تان موڪل ڪئي انهيءَ ڪري دير تائين سمهي پيو هيو، مينڊڪ هن جي اٿڻ جو گهڻو انتظار ڪيو پر پيرو نہ اٿيو آخرڪار مينڊڪ هن کي اٿاريندي چيو:

"پيرو پائي اٿو ناشتا ڪرو" پيرو اٿي هر روز وانگر هٿ منهن ڌوئڻ کان بغير ئي ناشتو ڪرڻ شروع ڪيو،

"پيرو اپنا مون تو ڌوکر آئو" مينڊڪ ڪاوڙ مان چيس.

"شينهن بہ ڪڏهن منهن ڌوئيندا آهن ڇا....!"

"هان پيرو يہ حقيقت هي جانور ڪو ڪيا پتا مون ڪيسي ڌوتي هين"

"هاڻي مٿو نہ کاءُ ناشتو ڪر" پيروءَ مينڊڪ کي چيو.

هي ٻئي ناشتو ڪري رهيا هئا تہ منشي اچي ٻنهين کي چيو:

“تم دونون جائو اور ڊول (پاڃي) ديڪر آئو“

“پٺهين جي بادشاهي آ، جو مان وڃان اڄ منهنجي موڪل آهي مان نہ ويندس“ پيرو منشي کي جواب ڏيندي چيو.

“پيرو پائي چلتي هين منشي ناراض هو جائي گا اور باهر چڪر پي لگائين گي“ مينڊڪ منشي کان ڊڄندي چيو.

“اگر تم ڪو جانا هي تو جائو مان نہ ويندس“ پيرو چيو.

“مين ڀي تمهاري بغير نهين جائون گا“ مينڊڪ بہ پيرو جو ساٿ ڏيندو چيو ۽ منشي نا اميد ٿي هليو ويو،

“هن جي پيءُ جا نوڪر ناهيون جو موڪل واري ڏينهن بہ ڪم ڪيون، هڪ تہ موڪل مشڪل سان ڏين ٻيو وري ڪم ٿا ٻڌائن“

“پيرو پتا نهين تم سنڌي ۾ ڪيا بولتي هو، ڪڀي اردو ۾ ڀي بولا ڪرو“

“پٺهين جو نوڪر آهيان جو اردو ۾ ڳالهايان مان سنڌي آهيان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائيندس، سمجهہ ۾ اچي يا نہ اها تنهنجي مرضي آ“

“ڪيا بولا“ مينڊڪ کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو،

“ڪها اڳتي سنڌي ۾ نهين پر اردو ۾ بولون گا“ پيرو ڳالهہ بدلائيندي چيو.

هي ٻئي ناشتو ڪري رهيا هئي تہ ماڙي (جيل جي آفيس) مان منشي آيو ۽ اچڻ شرط پيرو کي چيائين:

“پيرو ولد ابو ماڇي تم ڪو ماڙي ۾ بلايا هي“

“منشي صاحب خير تو هي“ مينڊڪ منشيءَ کي چيو:

“مجهي پتا بس پيرو تم جلدي چلو“

پيرو ناشتي کي اڌ ۾ ڇڏي جلدي جلدي منهن ڌوئي قميص پائي منشيءَ سان گڏجي هليو ويو.

ماڙي وارا پڪي قيدي يعني سزا آيل قيدي کي گهٽي قدر انهيءَ ڪري گهرائيندا آهن جو يا تہ انهن جي ڪا معافي لڳندي آ، يا وري ڪورٽ وارا گهرائيندا آهن، پيرو بہ انهيءَ اميد سان خوشي خوشي ويو تہ اڄ ڪا نہ ڪا خوشخبري ملندي.

مينڊڪ سان گڏ پوري ٻيرڪ وارا پيرو جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا، پيرو کي جيل ۾ سورنهن سال ٿي ويا هيا، ٿوري دير ڪانپوءِ پيرو واپس آيو ۽ چيائين سياڻي مونکي هاءِ ڪورٽ گهرايو آهي، سيني ٻيرڪ وارن مبارڪ ڏنس ۽ چوڻ لڳس تہ تون ڪجهہ ڏينهن جو مهمان آهين. پيرو پاڻ بہ ڏاڍو خوش هيو سورنهن سالن کان انهيءَ ڏينهن جو پيو انتظار ڪري تہ اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو. پيرو اڄ رات جلدي سمهي پيو جڏهن جلدي سمهڻ جي وجهہ پڇي مانس تہ چوڻ لڳو:

“يار جلدي سمهندس تہ رات بہ جلدي گذرندي“

“پيرو ڏسئون ٿا ڪيئن ٿي توکي ننڊ اچي” مان چيو مانس.

پيرو رات جو هر هر جاڳي گهڙيال ۾ ٽائيم ڏسڻ ۽ سگريٽ ڇڪڻ ۾ لڳي ويندو رهيو، رات واري مقدم جي جيئن پيرو تي نظر پئي ته هن کي چوڻ لڳو:

“پيرو انڪل مجهي پتا هي تم ڪو آج نيند نهين آئيگي، ڦر ڀي بيٺو نهين بستر پر ليٽ جائو يي ڊسيپلين ڪي خلاف هي”

“ياڙ ۾ وڃين تيرا ڊسيپلين، آج ميري مرضي هلندي” مقدم به سمجهي ويو ته هن سان بحث ڪرڻ فضول آهي. پيرو جي رات مشڪل سان گذري، آخر نئون صبح ٿيو ۽ پيرو تيار ٿيڻ لاءِ ڪپڙا ڪڍڻ لڳو.

“پيرو هي ڇا پيو ڪرين، استري ٿيل وڳي پائڻ بدران هي پراڻون وڳو پائين ٿو تنهنجو دماغ ته ٺيڪ آهي” مان چيو مانس

“ابا تون نئون قيدي آهين مونکي توکان وڌيڪ عقل آهي ته کهڙا ڪپڙا پائڻ گهرجن، بس تنهنجو ڪم لکڻ آهي اهو ڪر” هن مونکي اهڙو جواب ڏنو جو وري ٻيهر هن سان ڳالهائڻ جي همت نه ٿي.

“يائي يه اس ليئي پراني ڪپڙي پهن ڪي جا رها هي تا ڪي جج ڪو ترس آئي” مينڊڪ مونکي چيو:

“مليئي جواب” مٺان وري پيروءَ مونکي چيو.

پيرو جلدي جلدي تيار ٿي ڪورٽ وڃڻ لاءِ روانو ٿي ويو، پيرو جي ڪورٽ وڃڻ کانپوءِ سيني کي اهيا اميد هئي ته اڄ پيرو هليو ويندو، مان به شوٽر (جيڪو بيرڪ ۾ حجم آهي) کي چيم ته جيئن پيرو جو ڪم ٿئي ته دوڪان تان گل وٺي اچجانءِ جيئن هن کي سٺي طريقي سان موڪلايون. سيئي بيچينيءَ سان پيرو جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا.

“ادا پيرو ويو” شوٽر پڇندو بيرڪ ۾ آيو ۽ اچڻ شرط چيائين:

“ڪاڏي ويو” مان چيو مانس:

“منهنجو مطلب آهي، هن جو ڪم ٿي ويو هاڻ ڪورٽ آزاد ڪري ڇڏيس”

“سيني کي مبارڪ هجي” مان بيرڪ ۾ سيني کي مبارڪ ڏني، ايتري ۾ پيرو بيرڪ ۾ آيو تمام گهڻو خوش هيو، سيني هن کي مبارڪ ڏني. هن جي ننڍڙي دوڪان ۾ جيڪي به ڪائڻ جون شيون هيون سڀ بيرڪ ۾ ورهائڻ لڳو. سيني جو منهن مٺو ڪرڻ کانپوءِ شوٽر کي چوڻ لڳو:

“شوٽر سامان ڪڍ ۽ منهنجا وار ٺاه”

“ها حڪم اڄ ته ڪو به بهانو نه ٿو ڪري سگهان” شوٽر چيو

پيرو وار ٺهرائڻ سان گڏ پهريون پيرو وارن کي رنگ ڪرايو هيو ۽ پنهنجي عمر کان تمام گهڻو ننڍو لڳڻ لڳو.

“پيرو پائي يہ بتائو گهر ڪيسي جائو گي” مينبڪ جيڪو ڪافي دير کان خاموش هيو ان شرارت مان پيرو کي چيو.

“مان تنهنجي گهر ڇوڙئي ويندس جو ڏکيائي ٿيندي” اسان کي ڪل اچي وئي

“ڪيا بول رهي هو” مينبڪ چيو

“بولا مجهي اپني گهر ڪا پتا هي” پيرو تہ ائين چئي ويو، پر واقعي هن کي پنهنجي ڳوٺ جي خبر ناهي، مان پاڻ سوچي رهيو هيم تہ ڪيئن ڳوٺ پهچندو، خير ڏکيائي ضرور بہ ٿيندس.

شام تي آخر پيرو جو نالو رليز لسٽ ۾ اچي ويو ۽ سپني گلن سان هن کان موڪلايو ۽ پيرو سورنهن سالن کان پوءِ جيل مان آزاد ٿي ٻاهر نڪتو.

پيرو جڏهن جيل مان ٻاهر نڪتو تہ هن کي سڀ ڪجهہ عجيب لڳي رهيو هو هنن کي ايتري خوشي ٿي رهي هئي جو سمجهہ ۾ نہ پيو اچيس تہ اظهار ڪيئن ڪري، سينٽرل جيل جي آخري گيٽ کان جڏهن ٻاهر نڪتو تہ گاڏين جي آواز ۽ دونهين سان هن جو مٿو چڪرائڻ لڳو، هي چاهي پيو تہ هن ٻوسٽ مان جلدي ٻاهر نڪران. هن کي اهيا بہ خبر نہ هئي تہ منهنجي ڳوٺ کهڙي گاڏي ويندي انڪري هن بهتر سمجهيو تہ ٽيڪسي ڪرائجي، ٽيڪسي وارو بہ هن کي ڏسي ورتو ۽ سمجهي ويو:

“انڪل ڪهان جانان هي” ٽيڪسي واري چيس

“پنهنجي گهر ويندس ٻيو ڪيڏانهن ويندس” پيرو چيس

“ڪس ڪي گهر” ٽيڪسي واري کي صرف گهر جو لفظ سمجهہ ۾ آيو

“چيم نہ تہ پنهنجي گهر” پيرو وري ٻيهر چيس

“ٺيڪ هي يہ بتائين آپ ڪا گهر ڪهان هي”

“پنيور ۾”

“يہ پنيور ڪهان هي پهلي مرتبا سن رها هون” گهڻي بحث ڪانپوءِ ٽيڪسي وارو راضي ٿي ويو ۽ پيرو پنهنجي گهر لاءِ روانو ٿيو. پيرو کي رستي ۾ صرف اهيا سوچ هئي تہ گهر وارا ڪيئن هوندا، سونو منهنجو پٽ ڪيترو ٿيو هوندو، مونکي سڃاڻيندو الائي نہ، سوني جي ماءُ ڪيئن هوندي، وري ٻاهر نظر پيس تہ هر هڪ بدليل پئي لڳيس، هي وڏا وڏا اسمان کي ڇهندڙ گهر، روڊ تي رڳو پليون ڦريان تہ ائين نہ هيو، هن کي خبر ئي نہ پئي جو ٽيڪسي واري ڪراچي کان ٻاهر نڪرندي پڇڻ لڳو:

“اور ڪتنا آگي هي”

“سڀ ڪجهہ بدلجي ويو آ ڏوڙ مونکي خبر پوندي”

“ڪيا بولا”

“چيم اور آگي چلو“

سج لهڻ وارو هيو ته پيرو جو نيٽ اسٽاپ به اچي ويو ۽ هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ لڳو پر هن کي ڪوبه اهڙو ماڻهو نظر نه آيو جيڪو هن کي سڃاڻي، هاڻي سوچي رهيو هو ته ڪنهن سان ڳوٺ وڃان اونده اچي ٿي آ. پان جي ڪيبن واري ڏي ويو ۽ چوڻ لڳو:

“پائو پنيور وڃڻو آهي ڪا گاڏي ويندي“

“نه ادا رات ٿي وئي آ ڪير به نه ويندو باقي سامهون جيڪو گڏه گاڏي وارو ڇوڪرو بيٺو آ، اهو پنيور ويندو“

“مهرباني توهان جي“ ائين چئي پيرو گڏه گاڏي واري ڏي وڃين ٿو ۽ پرسان وڃين چوڻ لڳيس ٿو:

“پٽ تون پنيور ويندي ته مونکي پنهنجي گاڏي تي ڪٽي هلندي“

“ها ڪاڪا پلي هلو پر ڪاڪا ٿوري دير بيهجو مان گهر جو سيڌو وٺان ته پوءِ هلئون ٿا“ ڇوڪري چيس

“ٺيڪ آهي پٽ“

ڇوڪري گهر جو سامان وٺي پيرو کي پنهنجي گڏه گاڏي تي ويهاري ڳوٺ لاءِ روانو ٿيو.

“پٽ ڇانالو اٿئي“

“منهنجو نالو سونو آهي“ پيرو سونو جو نالو ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويو، ڪٿي منهنجو سونو ته ناهي...؟

“ڪنهن جو پٽ آهين“

“ڪاڪا منهنجو ابو گذاري ويو آ“ هن جي سوچ ختم ٿي ۽ دل ۾ چوڻ لڳو مان ته زنده آهيان هي منهنجو سونو ناهي.

“پٽ گهر ۾ ٻيو ڪير اٿئي ڪمائڻ وارو“

“ڪاڪا گهر ۾ منهنجي امان کان سواءِ ٻيو ڪير به ناهي، ڪاڪا مان ڪڏهن به توهان کي ناهي ڏٺو، هتي ڪنهن جا مهمان آهيو ڇا....!؟“

“پٽ مان هتي مهمان نه پر ڪنهن جي مهماني ڪاٽي واپس آيو آهيان“ ڇوڪري ڳالهه نه سمجهي ۽ ائين اونده ٿيڻ سان گڏ ٻئي پنهنجي ڳوٺ پهچي ويا ته ڇوڪري چيس:

“ڪاڪا اڳيان ئي منهنجو گهر آهي توهان پلي لهو“

“ٺيڪ آ، مونکي لاه منهنجو گهر به هتي ئي آهي“ پيرو گاڏي مان لهي هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ لڳو پر اونده هجڻ ڪري ڪا شيءِ چٽي نظر نه پئي اچيس باقي پنهنجو گهر هن کي چٽو ياد هيو، گاڏي وارو ڇوڪرو به هليو ويو پر هن کي اهيا خبر

نہ پئجي سگھي تہ ڇوڪرو کھڙي گھر هليو ويو، پر هن جو ان سان ڇا پنهنجي گھر طرف رخ ڪيائين ۽ دروازي کي بند ڏسي ڪڙڪائڻ سان گڏ اهيو سوچي رهيو هو تہ خبر ناهي گھر ۾ ڪير ڪير هوندو ۽ زندگي ڪيئن گذاريندا هوندا، هي سوچي ئي پيو تہ ساڳي ڇوڪري سونو دروازو کوليو:

"ڪاڪا منهنجي گاڏي ۾ تہ توهان جو ڪوبہ سامان نہ رهيو آ"

"هن گھر ۾ ڪير رهندو آ" پيرو ڇيس

"ڪاڪا مان ۽ منهنجي امان"

"سونو در تي ڪير آ" سونو جي ماءُ ڇيوءُ ائين اها در تي نڪري آئي:

"سوني جا پيءُ تون........!" سوني جي ماءُ حيران ٿي وئي ۽ مڙس سوني سان ڀاڪر ۾ ڇمبڙي وئي.

"ها سوني جي ماءُ مونکي عدالت ڇڏي ڏنو ۽ هميشہ لاءِ اچي ويو آهيان"

"هي تنهنجو پٽ سونو آهي"

پيرو پنهنجي پٽ سونو سان ڀاڪر پائي صدين جي سڪ لاهڻ لڳو ۽ سوني جي ماءُ بہ ٻنهين سان گڏ ڀاڪر پائڻ لڳي،

"بابا هاڻي ڪڏهن بہ ڇڏي نہ وڃجانءِ"

"نہ منهنجا پٽ هاڻي ڪاڏي بہ نہ ويندس ۽ هميشہ هتي ئي رهندس"

سوني جي ماءُ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا اهي ڳوڙها خوشي جا هيا.

# اداس ڪردارن جو ليکڪ مجيب اوٺو



**هن** ڇوڪري جو ننڍپڻ منهنجي اڳيان گذريو آهي ۽ هاڻ سندس جواني به منهنجي سامهون گذري رهي آهي. ننڍي هوندي کيس پُر اسرار ڳالهيون ٻڌڻ جو گهڻو شوق هوندو هو. پر، مون کي ذري جو به گمان نه هو ته ڪو هي مجيب ايندڙ وقت ۾ اهڙيون پراسرار ۽ حيران ڪندڙ ڪهاڻيون تخليق ڪندو.

سندس ڪهاڻين جا ڪردار ايئن آهن جيئن؛ ننڍ ۾ هلندڙ ڪو ماڻهو، جيئن وڏي واڪي چيل ڳالهه به نه ٻڌندڙ ماڻهو، جيئن ڏکي شاهراه تي بي وجه هلندڙ ماڻهو. . يعني پنهنجو پاڻ کان به وڇايل ۽ وسري ويل ماڻهو. هن جا بي چين ڪردار پنهنجي ويران ۽ سنسان اندر ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا.

معصوم ۽ مظلوم ڪردارن جو هي ليکڪ پاڻ به هڪ اداس ڪردار آهي. هي ڪڏهن ته اکين ۾ پليل خواب ڏسي ڪهاڻي لکي وٺندو آهي ۽ ڪڏهن ته لهجن ۽ روين جي تيرن سان زخمي ٿي ڪهاڻي لکندو آهي. هن جي ڪهاڻي پڙهي ايئن لڳندو آهي جيئن هڪ اداس ريلوي اسٽيشن تان پنهنجي پيار ڪندڙ جي ريل کي ڏور ويندي ڏسجي ۽ پوءِ پنل اکين سان درد جو منظر ڏنڊلائجي وڃي.

هن جي ڪهاڻين ۾ بي واهه عورت جي زندگيءَ جو درد آهي. مون اڪثر کيس ڪهاڻي جي پڃري ۾ قيد ڪاٽيندي ڏٺو آهي. سندس ڪهاڻين جي اٽت / معيار کي ڪهاڻين سان پيار ڪندڙ ئي جج ڪرڻ جو حق رکن ٿا.

**پروفيسر اروشي**

# ماڻهپي جو موت

**هُن** جي عمر چاليهن سالن کان گذري چڪي هئي. زندگيءَ جي تمام موسمن ۾ هن جي ڪنن ڪيترين مشينن جي شور جا آواز، ڪيترن ئي ماڻهن جي ٻونڪڻ جي آوازن سان ماڻهن جي نڙيءَ مان نڪرندڙ پيار جا ٻول به ٻڌا هئا تہ عصر ويل ڪوئل جا گيت به ٻڌا هئا، ڪيترن ئي جانورن جي خوفناڪ رڙين جا آواز ٻڌا هئا بلڪ هو چوندو هئو تہ هن دلين جي ٽٽي پوڻ جا آواز به ٻڌا هئا. جسمن جي پڃري ۾ واڙيل آتمائن جي رڙين جا آواز اڪثر سندس ڪنن ۾ گونجندا هئا.

هو هڪ وڏي قبرستان جي پرسان پراڻي ڳوٺ جي ڪچي گهر ۾ رهندو هو. ڪالهہ رات جي ابتدائي پهر ۾ هو پنهنجي گهر ۾ صبح جو مري ويل هڪ خوبصورت ڪنواري ڇوڪريءَ جي موت تي سوچي رهيو هئو. ڪيس ان ڇوڪريءَ جي مري وڃڻ جو ايترو ڏک ٿيو هئو جڻ اها ڳوٺ جي ڪنهن هاريءَ جي ڌيءُ نہ پر سندس ڌيءَ هجي!

ان ڇوڪري جو ٻالڪپڻ به سندس اڳيان گذريو هئو ڪيس سندس ٻالڪپڻ جون ڪيئي ڳالهايون ياد اچڻ لڳيون هيون. ڪيس ياد هئو سترهن سال اڳ ئي سياري جي هڪ رات ۾ سندس جنم ٿيو هئو. هو گهر ۾ کٽ تي خاموشيءَ سان ليٽيو پيو هئو ۽ سندس اکين ۾ لڙڪ وهي رهيا هئا.

ڳوٺ جي سانت ماحول ۾ اچانڪ گدڙن جون اوناڙيون ٿهلجي ويون هيون ۽ پريرو ڪٿان ڪنهن ڪتي جي ٻونڪي پوڻ سان ڪائنات ٻونڪ جي پڙاڏي ۾ گونججي پئي وئي.

هُو اڪثر چوندو هو تہ: "ڪنهن جاءِ تي ڪتي جو ٻونڪڻ گناهہ ڏانهن اشارو هوندو آهي!"

سندس اهڙي راءِ تي مان چوندو هئس تہ "ڪتو مون کي پسند نہ آهي. مان ڪتن کان ڊڄندو آهيان مون کي ڪتي جي وات ۾ موت جو ذائقو رهندي نظر ايندو آهي."

هو چوندو هئو تہ:

"ڪتو پالتو جانور آهي تنهن ڪري سندس هڪ اک ۾ انسانيت آهي ۽ ٻئي اک ۾ حيوانيت هوندي آهي. اگر هو حيوانيت جي اک سان ڏسي تہ خونخواريت جي انتها تي پهچي اگر انسانيت جي اک سان ڏسي تہ انسانيت جي انتها تي پهچي."

گدڙن جون اوناڙيون خوف جي علامت آهن. ۽ قبرستان سراپا خوف جي هڪ علامت آهي، هن کي خاطري ٿي وئي هئي تہ اهي آواز قبرستان کان اچي رهيا آهن.

هو ڇوڪريءَ جي سوچن جي سرحد مان نڪري سوچن جي هڪ ٻئي سرحد ۾ داخل ٿي رهيو هئو، هُو سوچي رهيو هئو ته قبرستان ۾ ڳوٺ جو ڪو بزرگ، ڪا پرهيزگار عورت دفن ٿئي ته برسات وسندي آهي ۽ اگر ڪو چور، ڌاڙيل يا پاپي قبرستان ۾ دفن ٿئي ته ڳوٺ ۾ حيراتڻ ڦهلجي ويندو آهي.

اڄ جي هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ جي قبرستان ۾ دفن ٿيڻ سان گدڙن جي اوناڙين ۽ ڪتن جي باهوڙ ٿي رهي آهي. يعني بيحد خوفائتي ماحول ۾ هڪ گناهه ٿي رهيو آهي سندس شڪ يقين ۾ بدلجي ويو هئو...

ڪجهه ساعتون اڳ ڇوڪريءَ جي موت تي ڦهليل اداسيءَ کان پوءِ خاموشيءَ جي چادر ۾ پناهه وٺندڙ شخص اندر موت ۽ قبرستان مان ايندڙ اهڙن آوازن اڻ تڻ پيدا ڪري ڇڏي هئي هُو پنهنجي گهر ۾ پريشان ٿي ويو هئو.

هُو ان سڄي روئداد جي سڌ لهڻ لاءِ اتاولو ٿي پيو، کهاڙي کڻي ٻاهر نڪري آيو هئو. قبرستان جي ڀيانڪ ماحول، پاڻ ۾ جن جي پئجي وڃڻ، آدمخور جي موجودگيءَ جي ڊپ جي لهر هڪ پل سندس دل مان جنم ورتو ته ٻئي پل اها لهر ڪناري سان وڃي لڳي ۽ هن بهادر هجڻ جي احساس کي پاڻ تي ويڙهي ڇڏيو هئو.

تنهن پل هن جي دماغ ۾ خيال آيو هئو ته:

قبرستان جي هڪ پاسي ڪيلي جو فصل آهي ۽ ٻن پاسي ڪمند ئي ڪمند آهي، خونخوار جانور جي حملي کان بچڻ لاءِ مون کي به ان وقت ساڻ وٺيو وڃي مگر ٻئي پل هن جي دماغ مان هي خيال به نڪري ويو هئو هن سوچيو هو ته هي سڌ پنڌ تي ته قبرستان آهي ۽ ٻيو ته مجاور قاسم به ته قبرستان ۾ موجود هوندو ضرور ان ڇوڪريءَ جي مغفرت لاءِ عبادت ڪندو هوندو!

هن ٻڌايو ته:

”پوءِ هن آسمان ڏانهن ڏٺو جنهن ۾ چوڏهين تاريخ جو چنڊ چمڪي رهيو هئو ۽ پوءِ هو قبرستان ڏانهن روانو ٿي ويو هئو. جتي خوف رهندو هئو. هن کي ايئن لڳي رهيو هئو جڻ اها دفن ڪيل ڇوڪري جيئري ئي پوري وئي هجي ۽ قبر ۾ اندر رڙيون ڪري رهي آهي جنهن جي ڪري هي سڄو منڊل تڙپي اٿيو آهي ايئن ٿو لڳي زمين ڦاٽي پوندي ۽ آسمان ذرا ذرا ٿي پوندو.“

هُو قبرستان ۾ داخل ٿيو چانڊاڻ ۾ قبرون ته نظر اچي رهيون هيون پر ڪتبا پڙهڻ سندس وس کان ٻاهر هئو. گدڙ چپ جي ڏر ۾ لڪي ويا هئا ڪتن جي ڀونڪن ۾ ڪمي آئي هئي ته ڪائنات به سانت سان سلهاڙجي ڪنهن ڪنڊ ۾ چپ هڻي ويهي رهي هئي.

هيڏي ساري تبديليءَ جي جانچ وٺڻ لاءِ هن قبرسان ۾ اڳتي وڃڻ چاهيو ڪُجھ ڪھڙ هيٺان گذريو تہ سندس منهن تي ڪا ڪپڙي نما شيءِ ويڙهجي ويئي يڪدم ست ڏئي منهن تان لاهي ڏنائين تہ ڪجھ پڙ هئا جيڪي هڪ ڏار مان لڙڪي رهيا هئا. هن پڙن کي ست ڏئي وڻ مان ڇني هيٺ زمين تي ڦٽو ڪري ڇڏيو هئو. ست سان وڻ جي ڏارن کي آيل لوڏي تي وڻ تي ويٺل ٻن ٽي پکين پڙڪو ڪاڏو تہ ٻئي پل ئي قبرستان جي سمورن پکين جو آرام ڦٽي ويو ۽ وڻ ڇڏي خلائن ۾ لامارا ڏيڻ لڳا هئا. پکين جي پرن جي آوازن تي گدڙن اوناڙيون ڪيو ۽ گدڙڻ جي اوناڙين تي ڪتن بہ ڀونڪيو.

هن جي هٿ ۾ هڪ سگريٽ ڪيتري دير کان دکڻ جي اوسيئڙي ۾ هئو. ۽ نيٺ هن ڳالھ روڪي ۽ سگريٽ دکائي ڪش هنيو.

هُن ڳالھ جاري رکندي چيو تہ؛

” هُن کهاڙيءَ جي ڳن ۾ هٿ سوگها ڪيا هئا ۽ اتي ٻيني ئي قبرستان جي ڏِکَ تي نهارون ڦيرائي رهيو هئو، نهارون ڦيرائيندي سندس نظر وڃي هڪ مٽيءَ جي ڍير تي پئي. اهو مٽيءَ جو ڍير هن کان ٻاري جي منڍي جيترو پري مس هئو. هن کي محسوس ٿيو هو تہ اهو مٽيءَ جو ڍير آلو آهي. هن سوچيو هن مهل ڪنهن جي لاءِ قبر ڪوٽي وئي آهي ڪو ماڻهو بہ تہ ويجهو نظر نہ ٿو اچي ۽ نہ ئي پرپاسي مان ڪنهن جي مرڻ جو پڙو آيو آهي. اها هڪ ڇوڪري ئي تہ اڄ جهان ڇڏي ويئي آهي جنهن کي تہ سج ٻيني ئي واري پوري ڇڏيو هئوسين هن جي وجود کي هڪ وڏو جهٽڪو لڳو هن غور ڪيو تہ مٽيءَ جو ڍير تہ اڄ دفن ڪيل ڪنواري ڇوڪريءَ جي قبر وٽ ئي آهي.“

هٿن ۾ مضبوط جهليل ڪهاڙي سان اڳتي وڌيو تہ سندس پير ڪنهن شيءِ ۾ وچڙيا، ڏنائين تہ ساگيا پڙ ئي هئا.

ٻليءَ پير وجي ان ڍير وٽ پهتو هئو ڍير جي هڪ پاسي ڇوڪريءَ جي ڪوٽيل قبر هئي ۽ ٻئي پاسي هُو هئو. هُن ٿورو ڪنڌ مٽي ڪري قبر ۾ ڏٺو قبر ۾ لاش جي مٿان هڪ اوندو چرندڙ جسم هو.

# ٺري ويل چانهه جو ڪوپ

**هُوءَ** ٻڪهي ڳڇيءَ ٻڪهن وارن ۽ وڏين اکين سان ڇهبڪ جهڙي ڇوڪري، جواني ۾ سندس محبوبه هوندي هئي. سندس نگاهون مئخانه ٻڏيل هيون، هُوءَ پنهنجي دور جي هڪ قاتل اپسرا رهي هئي، پر سندس مزاج هرڻيءَ جيئن ٽاهڙ هو. هُوءَ محبت جي اظهار کان پوءِ ڪانئس ڇرڪجي وئي هئي خبر نه آهي ڪهڙي حادثي جي انديشي ڪيس هن کان گهڻو پري ڪري ڇڏيو هو.

پر، ان ڏينهن سالن پڄاڻا سندس گهر ۾ سندس سامهون هُو چانهه پي رهيو هئو. ۽ هاڻ جڏهن جواني جي سرحد عبور ڪرڻ تي هئو ته خاموشي سندس مزاج ۾ پيهي وئي هئي. هُو جيڪو ڪنهن وقت ۾ جهنگ جو خطرناڪ شڪاري رهيو هئو پر هن وقت سندس اندر جو ماحول گهاٽي جهنگ جهڙو هو. جتي ڪنهن وقت پکين جون ٻوليون هيون ته ڪنهن ڪنهن وقت خونخوار جانور جي رڙ گونجي ٿي نه ته اڪثر سندس من اندر موت مار خاموشي هئي.

"جيئن هن سهڻي ڪوپ ۾ پيل چانهه گرم نه هجڻ ڪري پنهنجي سموري لذت وڃائي ويٺي آهي. منهنجي همسفر جو مثال به بلڪل ايئن ئي آهي. هُو سهڻو، جوان ۽ ويڪري ڇاتيءَ رکندڙ قدآور مڙس آهي مگر هن چانهه وانگر بلڪل ٺري ويل آهي." عمر ڇڙهيل عورت چيو ۽ وڏي مايوسيءَ سان ڪوپ ڏانهن ڏسڻ لڳي هئي.

هن چانهه پي خالي ڪوپ رکي ڇڏيو هو پر عورت جي چانهه جو ڪوپ ايئن ئي ٽيبل تي پيل رهيو هو.

ڪافي دير هُو ٻئي خاموش رهيا هئا. هُو عورت ڪي حسرت سان ڏسي رهيو هو ۽ هُوءَ اداسي مان ڏانهنس نهاري رهي هئي.

پوءِ هن مسڪرايو ۽ ٺري ويل ٻي سوادي چانهه ڪٽي پيئڻ لڳي هئي.

جڏهن هن چانهه پي بس ڪئي ته هن ڪيس چيو؛ " تون چاهين هان ته اها ٻي سوادي چانهه هاري ڇڏين هان يا ٻيهر گرم ڪري به پي پئي سگهينءَ"

چانهه ٻيهر گرم ٿي به سگهي ٿي ڇا...؟ هُن ڪانئس سوال پڇيو.

هن سندس سوال جي گهرائي کي سمجهي ورتو هو، ونس سندس ان سوال جي نوعيت جو هاڻ شايد ڪوبه جواب نه هو، هُو خاموش رهجي ويو هو ته هن ڳالهائڻ شروع ڪيو هو،

“ ھاڻ گھڻو وقت گذري چڪو آھي مان نريل چانھ جي عادي بڻجي چڪي آھيان. بي سوادي چانھ ھاريان تہ ڇا نہ ھاريان تہ ڇا!”

“ تنھنجي وڇڙڻ کان پوءِ جلد ئي توکي ڏاڍو ياد ڪرڻ لڳي ھئس. ” ھُن وڏي اداسيءَ مان چيو تہ ھن جي روح سڏڪي ڏنوءِ سندس منھن ۾ نھارڻ لڳو ھئو.

ھُن چيو: “ جڏھن تو طرف ڪلنڊڙ دل جي دري مان ڏنم تہ تون دور دور تائين مون کي نظر نہ آيو ھئين تڏھن گھڻو پڇتاءُ ٿيو ھئم تہ ڇو نہ ڊرتتي جھڙي تنھنجي زندگيءَ ۾ توتي گھتا ٿي گھليس! ڇو نہ توکي پنھنجين ٻاجھارين ٻانھن سان پياريم! ڇو نہ توکي پنھنجي جوڀن جي بارشن ۾ پڄايم! ”

ھاڻ جڏھن سندس ڇاتي لڙڪڻ لڳي ھئي، وار اڇا ٿيڻ لڳا ھئس ۽ جسم خشڪ ٿيڻ جي موسم جي انتظار ۾ ھئس تہ ڪيس جواني جا آنيون نہ پڇائڻ جو ڏک ويڙھي ويو ھو.

ھُو شطرنج راند ۾ راڻي ڪي مخالف پيادي ھٿان مارجڻ لاءِ ڇڏيندڙ رانديگر اداس ٿي ڪيس ڏسي رھيو ھو.

عورت وري ڳالھائڻ شروع ڪيو ھو.

مون ڇرين جيئن توکي ڳوليو آھي، مون کي ڪٿي بہ تنھنجي خوشبو نہ ملي، ڪيڏانھن ويو ھئين..؟ ھن چيوءِ اٿي سندس پر ۾ اچي ويٺي.

سندس ڇھري تي ھٿ گھمائيندي چوڻ لڳي ھئي، “ مان تولاءِ ڏاڍو تڙپي آھيان.” ھيتري عمر گذاري پوءِ آيو آھين! وھي گذري وڃڻ سان ڇاٽي ورتو اٿم تہ محبت جي لذت جي ڏارا جسم مان شروع ٿيندي آھي ۽ روح ۾ ڇوڙ ڪندي آھي. عورت چيو:

ھُن پنھنجون پُر اسرار اکيون عورت جي اکين سان ملايون تہ عورت چيو: “ ھڪ منٽ مان اچي چادر ڪٽي اچان ٿي.!”

جڏھن، ھُوءَ واپس موٽي آئي تہ ٽيبل تي چانھ جو پريل ڪوپ نري چڪو ھو. ۽ ھُوءَ ھٿن ۾ اچي چادر ڪنيل وھيءَ کان موٽ ڪائيندڙ عورت اداس رھجي وئي ھئي.

# سُڪي ويل گل جي خوشبو

**هُو** گهڻي عرصي کان چپ چاپ ۾ ان رستي تي هلي رهيو هو جنهن جي منزل خودڪشي هئي. پر، هن پاڻ کي هميشه جي لاءِ ختم ڪرڻ جو حتمي فيصلو گذريل رات ڪري ڇڏيو هو. هن پنهنجي ڊائري ۾ خودڪشي جو ڪو به واضع سبب نه لکيو هو.

هن ڊائري ۾ لکيو هو ته؛

“مان ان جي ڪري پنهنجي خودڪشي جو فيصلو ملتوي نه ٿو ڪيان ته منهنجي مري وڃڻ تي منهنجون به محبوبائون اداس ٿي وينديون ۽ زال بي واهه ٿي ويندي”

“مان انڪري به خودڪشي جو فيصلو ملتوي نه ٿو ڪري سگهان ته؛ منهنجي پڇاڙٽان دفتر ۾ فائلن جي لاشن جا ڍير لڳي ويندا ۽ سندن وارث انهن جي لاءِ روز فاتحه تي ايندا پر هُو ڪڏهن به بخشيا نه ويندا.”

“ منهنجي پٺي ۾ لڳل دوست جي خنجر وارو زخم ناسور ضرور ٿي چڪو آهي پر ان گهري زخم جي تڪليف سبب به مان خودڪشي نه ڪري رهيو آهيان”

هُو نه غمِ روزگار جي موضي مرض ۾ مبتلا هو، نه ئي محبت کان محروم هجڻ جي احساس جو گهايل هو. شهر جون ڪيتريون ئي عورتون مٿس موهت هيون. پر هن جي دل لڳي ڪنهن سان به گهڻو عرصو رهي نه سگهندي هئي.

هُو هاڻ هڪ رنگ برنگي پوپٽ جيئن هو جيڪو ڪنهن مهل ڪنهن گل تي ويهي رهي ته ٻئي پل اڏامي وڃي ڪنهن ٻئي گل تي ويهي. ڪيس اس نه وڻندي هئي ۽ جڏهن آسمان ڪڪرن سان ڍڪجي ويندو هو ته هُو ان وقت ڪليل آسمان هيٺان تنها ويهڻ پسند ڪندو هو، ۽ جڏهن بارش ٿيندي هئي ته ڪو وقت پيو پڇندو هو.

پر الائي ڇو ڪيس تازن ٽڙيل گلن جي خوشبو نه وڻندي هئي، هُو هميشه هڪ پراڻي خوشبو جو متلاشي هو جيڪا ڪيس ڪڏهن مهينن تائين محسوس نه ٿيندي هئي يا ڪڏهن ته اها خوشبو ايتري وڏي ويندي هئي جو هن کي ننڊ مان به اٿاري ڇڏيندي هئي. ۽ پوءِ هُو ان خوشبو ۾ واسجي مدهوش ٿي ويندو هو ڪيس ڏسي ايئن لڳندو هو ڄڻ ڪنهن درويش کي خدا جي خوشبو ملي وئي هجي.

هُو ايندڙ ڪنهن به شام جو اداس ٿي ويندو هو، سندس دل بي چين ٿي پوندي هئي ڪيس ايئن لڳندو هو ڪو هاڻ ڦاڙ حادثو ٿيڻ وارو آهي. هن کي

پنهنجي وجود کان ٻه الجهن ٿيڻ لڳندي هئي ته روح جي ويجهي عورت کان ٻه پري ٿي ويندو هو.

(هُو دوستن کان ته هونءَ ٻه گهٽو پري رهندو هو، هُو چوندو هو ته اڪثر دوستن جون اکيون زالن ۾ هونديون آهن ۽ سندن دل ۾ دوکي جو ڪنبيدار وڻ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي.)

هُن کي زال جي ٻڌايل هڪ ڪهاڻي ياد آئي؛

” سندس هڪ سهيلي هوندي هئي جنهن کي هفتن جا هفتا ننڊ نه ايندي هئي، ميڊيڪل جا غير معمولي فارمولا ڪجھ ڪلاڪن تائين کيس بي هوش ڪري ڇڏيندا هئا پر کيس اها ننڊ واپس نه ملي سگهي جيڪا هن ڪنهن ڇوڪري جي محبت ۾ وڃائي هئي. . .“

هڪڙي شام جو جڏهن هُو ٻئي مليون ته هوءَ گهري خاموشي جي گهيري ۾ هئي. ڳالهين ڳالهين ۾ کيس ڀاڪر پائي، اڇگارون ڏيئي روئڻ لڳي سندس اکين مان ڳوڙها اوڙڪون ڪري وسڻ لڳا. جڏهن هنن موڪلايو ته کيس ائين لڳو ڄڻ سندس سهيلي جو روح جسم مان نڪري هن سان گڏ هلڻ لڳو آهي.

ان شام کان پوءِ کيس خبر پئي ته هوءَ چري ٿي پئي آهي. سندس وجود سراپا اذيت بڻجي ويو آهي. کيس ننڊ بلڪل ٻه نه ٿي اچي. مگر پوءِ هڪ رات جڏهن کيس ننڊ آئي ته ان کان پوءِ وري ڪڏهن سجاڳ نه ٿي“

کيس زال جي اها سهيلي ڏاڍو ياد آئي، هن سندس عڪس تصور ۾ چٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ان اداس سنهڙي ڇوڪريءَ جا ڪيترائي عڪس چٽا ڪيائين، هر عڪس ۾ اداسي ۽ ميار هئي.

کيس لڳندو هو ته اها ڇوڪري ان تنها خوفزده مسافر عورت جيئن هئي جيڪا پنهنجو رستو ڀلجي وڃي ۽ ان صدمي ۾ چري ٿي پئي ته هر راهه ويندي کان پنهنجي منزل جو پڇندي رهي. مگر، ڪوبه کيس سندس منزل جا پتا پار نه ڏئي ته بي وس ٿي روئڻ لڳي.

هُو گهٽي عرصي کان هڪ ئي خواب ڏسندو هو ته؛

” هُو اونهي پاڻي ۾ ٻڏي رهيو آهي، اهو پاڻي جڏهن سندس وات ۾ ويندو هو ته ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿي پوندو هو، ۽ اوڪارا ڏيڻ لڳندو هو. زال جي پڇڻ تي چوڻ لڳندو هو؛ ” پاڻي جي ڪڙاڻ سندس وات ۾ ڦهلجي وئي آهي، جنهن سان سندس گلو سڙيو ٿو وڃي.“ پر، حقيقت ۾ اهو ڪارو پاڻي سندس زندگي کي لڳل هڪ روڳ هو جنهن جي ڪري سندس زندگي اداس ۽ بي معني ٿي وئي هئي.“

هُن جڏهن نجومي کان ان خواب جي تعبير پڇي ته نجوميءَ کيس چيو؛ ”تون سمنڊ ۾ ٻڏي خودڪشي ڪندي“ نجوميءَ جي اهڙي تعبير ٻڌائڻ کان پوءِ هُو خوفزده ٿي ويو ۽ سمنڊ کان دوستي ٽوڙي ڇڏيائين“

هُو سمنڊ جو شهر ڇڏي پنهنجي پراڻي شهر ۾ موٽي آيو هو، جتي سندس زال جي سهيلي دفن ٿيل هئي. الائي ڇو اهو شهر کيس پنهنجو شهر لڳندو هو. کيس هن شهر سان بي نام الفت هوندي هئي، هتي جي هوائن مان وڻندڙ خوشبو ايندي هئيس.

سالن پڄاڻان، جڏهن هڪ مينهوڳي شام جو هُو پنهنجي هڪ دوست سان گڏ سمنڊ تي ويو هو ته دوست کي چيائين؛ ” ڪڏهن به هي ڪارو پاڻي ئي منهنجي موت جو سبب بڻجندو.“

دوست گهڻي حيرت مان ڏانهنس تڪڙو نهاريو ۽ ڪيتري دير سندس منهن ۾ ڏسندو رهيو هو، ۽ پوءِ کائنس پڇيائين؛ خبر اٿئي سمنڊ جو پاڻي ڪارو ڇو آهي؟“

” نه“ هُن مختصر جواب ڏنو ۽ سمنڊ ۾ دور دور تائين نهاريندو رهيو هو، سندس نهار ۾ گهري اداسي هئي.

“محبت ۾ روئندڙن جا لڙڪ سمنڊ جي پاڻي ۾ شامل آهن تڏهن هي پاڻي ڪارو آهي “ سندس دوست کيس چيو ته هن کي لڳو ان خواب جي تعبير ايئن ته ناهي جو مان به هڪ محبت ڪندڙ جي لڙڪن ۾ ٻڏي رهيو آهيان. ڪٿي ايئن ئي ته نه ٿيندو جو مان ڪنهن جي لڙڪن ۾ ٻڏي مري ويندس!

ان شام کان پوءِ هن ڪڏهن به اهو ساڳيو خواب وري نه ڏٺو. سندس اکيون ان خواب کي ڳوليندڻيون رهيون هيون، پر آخر ۾ هن کان ننڊ به رسي وئي هئي.

مان ڇو ڏينهن جو ان ڇوڪري جي قبر تي گل رکڻ به ناهيان وڃي سگهندو؟ هن پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو، مان گل ڏيڻ جي معاملي ۾ اجان به گهڻو بزدل آهيان! هن پاڻ کي چيو.

هُن پنهنجون ٻي خواب اکيون کوليون ۽ تصور جي دنيا مان موٽي ڪمري جي دنيا ۾ آيو. هن سگريٽ دکايو ۽ هڪ ڪش هڻي، پنهنجو ڪنڌ آرام ڪرسي تي لاڙي ڇڏيو.

ڪجهه دير کان پوءِ جڏهن سگريٽ اڌ کان گهڻو سڙي چڪو هو، تڏهن هن ٻيو ڪش هنيو ۽ دونهون هوا ۾ اڏائي ڊائري ۾ لکيو ته؛

” جن جي خودڪشي جو سبب ڪوبه نه هوندو آهي درحقيقت انهن جي ئي خودڪشي جو سبب دنيا جو سڀ کان وڏو سبب هوندو آهي. هڪ خاموش سبب جيڪو موجود هوندي به ڪنهن کي نظر ناهي ايندو“

" مون کي ائين لڳي رهيو آهي، جيئن ڪو بي چين روح مون کي سڏي رهيو آهي، اتي جتي صرف روح ئي رهندا آهن"

هُو ڪرسي تان اٿيو ۽ ٻاهر وڃڻ لڳو. دروازي تي پهچي سندس قدم رڪجي ويا هئا، ۽ دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويس. هُن مڙي ستل زال ڏانهن ڏٺو. هُوءَ سندس سوچ کان بي نياز ننڊ جي وادي ۾ هئي. هن جي نظر زال جي پيٽ تي پئي ته سندس بدن مان سيسڙاٽ نڪري ويو ۽ اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي ويس. ڪيتري دير هُو انهيءَ جاءِ تي بت بڻيو بيٺو رهيو، ڪيس تازي ٽڙندڙ گل جي خوشبو آئي. اکين مان وهيل ڳوڙها سڪي ويس.

هُو سالن کان سانديل هڪڙي گل کي ڳولڻ لڳو. جڏهن ڪيس سڪل گل هٿ آيو ته هُو سراپا خوشبو بڻجي ويو ۽ پهرين پيار جي اظهار جي موسم محسوس ڪري مهڪڻ لڳو.

هُو اهو سڪل گل کڻي ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو.

## سائي چادر جو ڏُڪ

**هڪ** شام جو ڪوارٽرن جي ٻاهران ٻار راند ڪري رهيا هئا ۽ هُو ڪوارٽرن جا گٽر صاف ڪري رهيو هو ته ڪيس ڪتو نظر آيو، هن جي دماغ ۾ فوري طور ڪتي کي مارڻ جو خيال آيو ڪتو ڪاغذن ۽ پلاسٽڪ جي ٿيلهين کي نوس نوس ڪندو اچي سندس پرسان بيهي رهيو ۽ ڏسي رهيو هو جيڪي ڪجهه هُو ڪري رهيو هو پر سمجهي نه سگهيو جيڪي هن جي اندر ۾ هو. هن مناسب وقت ڏسي ڪتي کي ڦڙتيءَ سان وهندڙ گٽر ۾ ڪيرائي گٽر تي ڍڪڻ رکي ڇڏيو.

هُو بي خوف ۽ چپ چاپ ۾ اتان نڪري ويو.

مگر ٻن ڏينهن جي اندر ڪيس ڳولي ڳولي گرفتار ڪيو ويو. هن جو هڏ هڏ جهري رهيو هو، سندس جسم تي ڪتيرن ئي زخمن جا نشان هئا. ايئن، جيئن دل ۾ زال جي جدائي جو زخم تازو هئس. زال جي جدائيءَ جو زخم ٽڙي مهڪندڙ گلاب ۾ بدلجي ويو هو جنهن جي خوشبو جي سحر هن کي عجيب چريائپ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو. هن کي مار کان وڌيڪ ڏک ان ڳالهه جو هو ته؛ ”ڪنهن به قسم جي پڇا ڳاڇا کان سواءِ ڪيس ايڏي بيدرديءَ سان ماريو ويو هو.“

” اڄ ڏينهن تائين، جيترا به ڪتا ماريا اٿم هاڻ سيني جي سزا ملنديم.“ هن سوچيو ۽ پوءِ هُو هڪ خوبصورت تصور ۾ هليو ويو.

”سندس زال هن جي زخمن تي پها پٽي رکيا ۽ ڪيس چئي رهي هئي تنهنجي زخمن جو سمورو درد توکان وٺڻ چاهيان ٿي“ زال سندس پيشاني تي چمي ڏني، هن زال جي اکين ۾ نهاريو ته ڇرڪ پريائين ۽ تصور مان ٻاهر نڪري آيو. ”ڪيس زال جي اکين ۾ حيوانيت نظر آئي هئي.

ننڍڙي روشندان مان چانڊوڪي جيل جي ڪوٺيءَ ۾ ڦهلجي رهي هئي ۽ هُو پٽ کي ٽيڪ لڳايو بک تي ويٺو هو. سندس سند سند ۾ سور جون لهرون ڪيس تڪليف ڏيئي رهيون هيون. جت قيديءَ کي وقت تي ماني به نه ڏني وڃي اتي پلا قيديءَ جي زخمن تي ملم پٽي ڪرڻ جي کهڙي اميد رکي سگهجي ٿي. ساڻس ڪنهن به قسم جي پلائي جو ڪيس ڪو ڪرٽو نظر نه آيو ته هُو مڪمل مايوس ٿي ويو.

هُو به ڏينهن اڳ ماريل ڪتي تي سوچڻ لڳو هو ته؛ اهو ڇتو به نه هو پوءِ ڪيس مارڻ نه گهرجيم هان هن کي ڪن پل جو پڇتاءُ ٿيو. ڪو فينسي ڪتو هو جيڪو مري ويو خبر نه آهي ڪيتري دير کان پوءِ بند گٽر ۾ سندس ساهه ويو هوندو.

يا اجان جيئرو هوندو. . !؟؟؟

نه جيئرو ڪتان هوندو مري ويو هوندو! ٻاهر نڪرڻ جي ڪتان ڪا واهه ئي نه ملي هونديس. شايد، ڪنهن آفيسر جي ڌيءَ جو پالتو ڪتو هو تڏهن مون کي ان

جي مارڻ جي سزا ملي رهي آهي. نہ تہ هونهنءَ بہ ڪيترائي ڪتا ماريا اٿم ڪنهن جي مارڻ جي ڪائي سزا بہ نہ ملي اٿم.

هُن جو خيال هوندو هو تہ اگر ڪنهن ڇتي ڪتي شهر جي ٻين عام ڪتن کي چڪ هنيا تہ ان سان ٻيا ڪتا بہ ڇتا ٿي ويندا ۽ ڇتن ڪتن جو تعداد وڌي ويندو پوءِ ايترا سارا ڇتا ڪتا ماڻهن کي زوري ڪائيندا جنهن سان شهر جا ڪيترائي ماڻهو بہ بتالجي سگهن ٿا ممڪن آهي هڪ ڏينهن سارو شهر بتالجي وڃي.

سو هُو چاهيندو هو تہ شهر ۾ ڪو بہ ڪتو زنده نہ ڇڏي! زال ڪان پوءِ شهر جي ماڻهن سان ڪيس بيحد محبت ٿي وئي هئي.

رات جو جڏهن شهر سارو سمهي رهندو هو ۽ ڪتي ڪنهن دريءَ ۾ روشني هوندي هئي. آواره ڪتا شهر جي اسٽريٽ لائٽس جي روشنيءَ ۾ هن کي روڊن تي ۽ گهٽين ۾ نظر ايندا هئا تہ هي ڪين گوشت جي لالچ تي گٽر جي قريب تہ ڪري ويندو هو. هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت گٽر جو ڍڪڻ اڳ ئي کولي ڇڏيندو هو پوءِ بس ڪنهن ڦڙتيءَ سان ڪتي کي گٽر ۾ ڪيرائي ڇڏيندو هو ۽ پوءِ ڪُتي جون ڀونڪون گٽرن ۾ ئي پڙاڏا بڻجي وينديون هيون.

ڪتا مارڻ جا هن وٽ ڪيترائي طريقا هئا ڪڏهن هُو مانيءَ جي ڊگڙ ۾ سُيون وجهي آوره ڪتن جي اڳيان ڇڏي ويندو هو, ڪتا جيئن ئي ماني ڪائيندا هئا تہ سُيون سندن وات ۾ ٽنبجي وينديون هيون ۽ پوءِ اهي سيون ڪو بہ ڪڍڻ وارو نہ هوندو هو ڪتن جي وات ۾ گهرا زخم ٿي ويندا هئا ۽ پوءِ نيٺ تڙپي تڙپي مري ويندا هئا. يا هُو اڪثر شهر جي ڀرپاسي ۾ مئل جانورن تي زهر هاري ڇڏيندو هو, رُولو ڪتا جيئن ئي گوشت ڪائيندا هئا تہ مرڻ لڳندا هئا ايئن هُو ڪتن جا ڌڻ مارڻ ۾ ڪامياب ويندو هو. مئل جانور جي زهر زده گوشت کي ٽونگا هڻدڙ ڪي پکي بہ مري ويندا هئا جنهن جو ڪيس وڏو افسوس ٿيندو هو. هُن جڏهن بہ ڪتي کو پکي مئل ڏٺو تہ پاڻ تي ملامت ڪرڻ لڳندو هو, هڪ ڀيري جڏهن هُن مئل پکين جو جوڙو ڏٺو تہ ان پل سندس دل ۾ پاڻ کي بہ زهر ڏيڻ جو خيال آيو پر هُو ايئن ڪري نہ سگهيو ۽ ڪيترن ڏينهن تائين اداس رهجي ويو هو, نيٺ هُن مئل جانورن تي زهر هارڻ ڇڏي ڏنو.

جڏهن بہ سرنهن ڦلاربي هئي تہ سندس ڪاروايون تيز ٿي وينديون هيون. ڪيس ننڍي هوندي ڪان ئي خبر هُئي تہ سرنهن جي گلن جي خوشبو سان واسجي ئي ڪتا ڇتا ٿي پوندا آهن. هن جي دماغ ۾ اڪثر اهو سوال رهندو هو تہ آخر ڪنهن گل جي خوشبو ايتري خطرناڪ ڪيئن ٿي سگهي ٿي.؟ هُو جڏهن بہ سرنهن جو فصل ڀوڪيل ڏسندو هئو تہ سندس هانءَ ۾ ڌڪ لڳندو هو. هُو چاهيندو هو تہ انهيءَ فصل کي باهہ ڏئي ڇڏي.

هُن جي ڪوشش رهندي هئي ته ڪيس وٺايل ڪُتي نظر اچي وڃي ۽ ڪھاڙيءَ سان ڪيس ٻڪا ٻڪا ڪري ڇڏي ڇو ته ننڍڙن گلرن جي ڪري ڪتي هر راهه ويندڙ تي ڀونڪندي آهي ۽ ڪنهن جي پنيان لڳي ڪائڻ جي ڪوشش به ڪندي آهي انهيءَ خوف ڪان ته ڪتي هُو سندس گلر نه ڪٽي وڃي. اهڙي ڪُتي اڪثر ننڍڙن ٻارن کي آساني سان چڪ هڻي سگهندي آهي ڇو جو ٻار پوپٽن جيئن گلرن کي پڪڙڻ چاهيندا آهن، هُو شهر جي ٻارن لاءِ سڀ ڪان گهڻو فڪرمند نظر ايندو هو.

زال جي موت ڪان پوءِ هُو خاموش خاموش رهندو هو، گهٽ ڳالهائيندي ڏٺو ويو هو، هُو چپ چپ ۽ گم گم رهندو هو. زال جي جدائي جي صدمي ۾ هُو معمول جي زندگيءَ ڪان فرار ٿي ويو هو هُن جڏهن به ڏٺو ته ڪُتو ڪنهن گاڏيءَ جي اڳيان اچي مري ويو آهي ته اندر ئي اندر ۾ ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳندو هو. هاڻ ڪنهن ڪُتي جو موت ئي سندس خوشي جو سبب بڻجندو هو، پر سندس دل جي موسم ڏهين محرم جي شام جهڙي هوندي هئي.

ان ڏينهن هُو پنهنجي هڪ ننڍپڻ جي دوست سان به ملڻ ويندو هو. جيڪو ڪيس ڪتا مارڻ تان روڪيندي چوندو هو ته؛

" ساسين کي نه مار هُنن جي به هڪ دنيا آهي سندن به هڪ خاندان آهي، ڪين جيئڻ ڏي"

ته هي جواب ۾ چوندو هو؛ " موت جو هڪ گهر ڪتي جي وات ۾ آهي. ڪتو انسان جي اذيعتناڪ موت جو ڪارڻ بڻجي ٿو ان کي مارڻ غلط نه آهي"

سندس زخمن وڌ سُور ڪيو هُن آهه ڀري ۽ اتي شيخن ڪان ٻاهر ڏسڻ لڳو؛ پريان گيٽ وٽ هن کي به سپاهي ڪرسين تي ويٺل نظر آيا. هُن ڪين سڏ ڪيا پر سندس سڏ انهن ٻڌا اڻ ٻڌا ڪري ڇڏيا ته سندس آواز بي چين صدا ٿي آسمان ڏانهن وڃڻ لڳو..

هُو ڪيئي پل حسرت سان ڪين ڏسندو رهيو اهڙي حسرت جي نگاهه سان اڪثر شهر جي انهن ماڻهن کي ڏسندو هو جيڪي گٽر بند ڪرڻ جو سبب بڻجندا هئا. هُو ڪين ڪجهه به چوندو ڪونه هو پر ڪين صفائيءَ جا آداب سيکارڻ چاهيندو هو.

هُو پوئتي هٽي پٽ سان ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو ۽ سندس خيالن جو سلسلو ماضي سان جڙي ويو.

" ڪيس ياد آيو زال جي هوندي سندس زندگي ڪيڏي حسين هوندي هئي، ننڍڙو صاف سٿرو گهر، آڳند ۾ گلاب جا چند ٻوٽا جيون گلزار هوندو هو. ڪيس ڏک ٿيو ته هاڻ زال جا پوکيل اهي گلاب جا گل ڪومائجي ويندا ۽ ٻوٽا سڪي ويندا ڪين پاڻي ڪير ڏيندو؟ هن جي دل ۾ فڪر جو هڪ طوفان هيءَ به پرپا ٿيو ته هاڻ ڪتا ڪير ماريندو!؟؟؟

هڪ دفعي ميونسپل ڪميٽي جي آفيس ٻاهران ساٿي ڀنگين سان گڏ هُو اداس ويٺو هو، جتي سارا ڀنگي ڪم جي انتظار ۾ ويهندا هئا ۽ هڪٻئي سان پيا ڳالهائيندا رهندا هئا. هڪ عمر رسيده ڀنگي پراڻي فلم جو گيت جهونگاري رهيو هو. هن ڪي پنهنجي زال ڏاڍو ياد اچي رهي هئي هُو خيالن خيالن ۾ ئي زال سان ڪچهري ڪري رهيو هو ان وقت هن ٻڌو هڪ ساٿي چئي رهيو هو ته:

" اڄ ڏيرن تي ۽ گٽرن ۾ رڳي تازن ڄاولَ ٻارن جا لاش ملندا هئا پر هاڻ ڪتن جا لاش به ملي رهيا آهن."

" گٽرن تي ڏکڻ نه آهن نه تڏهن ڪتا انهن ۾ ڪري ٿا پون" هڪٻئي وراڻيو هو.

۽ پوءِ انهن جي ڳالهين ۾ ۽ گاڏين جي شور ۾ ڪو خاص فرق نه رهيو هو ته يادگيرين جو پراڻو گيت به پانت جي ماحول ۾ دٻجي ويو هو، ماحول ۾ صرف گيت دٻجي نه ويو هو پر هُو پاڻ به دٻجي ويو هو.

هُن ڪي پاڙي جي هڪ دوست کان خبر پئي هئي ته:

"جنهن ڇتي ڪتي سندس زال کي ڏاڙهيو هو ان ڪتي شهر جي ٻين به ٽن ماڻهن کي ڪاڙو هو، جن مان هڪ مرد ته ٽئي ڏينهن ئي ٻتالجي جهنگ منهن ڪري نڪري ويو جنهن جي ڪا خبر ئي نه پئجي سگهي هئي ته ڪٿي آهي ۽ ڪيئن آهي"

ان ڇتي ڪتي کي ته ماڻهن فائر ڪري ماري ڇڏيو هو، پر پوءِ به الائي ڇو ڪيس هر ڪتو اهُو ڇتو ڪتو لڳندو هو توڙي جو هن اهو ڪتو ڏٺو به نه هو، هر ڪتي کي ڏسڻ سان ڪيس خوف ٿيندو هو ته هڪ ڏينهن اهو ڪتو به ڇتو ٿي پوندو ۽ شهر جي ماڻهن کي ڪائيندو تنهن ڪري ان ڪتي کي جلد مارڻ گهرجيم.

گهر جا ٻيا ڀاتي سندس زال کان ڪتيل ڪتيل رهندا هئا هُن جڏهن به ٻڌو ته سندس ذڪر "ڇتي جي ڪاڌل" سان ڪندا آهن ته سندس زخم تازا ٿي ويندا هئا ۽ هُوءَ اداس ٿي ويندي هئي. پر هن کي زال پهريان کان وڌيڪ پياري ٿي وئي هئي. هُو شهر مان پنهنجي حصي جي صفائي ڪري جلد گهر موٽي ايندو هو.

زال جي موت جي هانءُ ڦاڙ حادثي کان پوءِ هُو پاڻ به گهر نه رهندو هو. هُو جڏهن به رات جو گهر ويو ته ڪيس زال جي ياد تڙپايو. روز ٻوٽن کي پاٽي ڏئي پوءِ ڪنهن مهل ڪٽي ته ڪنهن مهل ڪٽي پيو وقت ڪٽيندو هو. زال جي ٻتالجي مرڻ کان پوءِ هُو به جڻ ٻتالجي ويو پر حقيقتن ۾ هو ٻين ماڻهن کي ٻتالجڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

هُوءَ مڙس سان بيحد محبت ڪندي هئي. هُن جي هڪ وڏي خواهش مڙس کي پٽ ڄڻي ڏيڻ هئي. هُوءَ چاهيندي هئي ته چانڊوڪين ۾ ويهي مڙس سان ڏکيون ڪچهريون ڪري! هن کي بارش وڻندي هئي هُوءَ اڪثر بارش ۾ مڙس سان پڇڻ

چاھيندي ھئي! مگر ھر بارش جي دوران مڙس کي شھر جا اٽلندڙ گٽر سنڀالڻا پوندا ھئا، ھُن تقريبن بارشون پنھنجي زال کان جدا گذاريون ھيون ھُو ھڪ فرض شناس ڀنگي ھو ھُن ڪڏھن بہ پنھنجي ڪم ۾ لاپرواھي نہ ڪئي ھئي.

گھر جي ڀاتين کي ان ڳالھ جي خاطري ھئي تہ:

ڇتي جي ڪاڏل جي ٻتالجڻ جو مدو، ٽئين ڏينھن جي منجھند، اڍائي مھينا، اڍائي سال آھي يا ڪنھن بہ وقت جڏھن ڪيس ڇرڪ پيا، جڏھن بہ ھُن آئينو ڏٺو يا جڏھن ھن جي نظر اولڙن تي يا پاڻيءَ جي بوڙين تي پئي يا ھُن جھرڻن جو آواز ٻڌو تہ ٻتالجڻ ۾ ويرم ئي نہ ٿيندس. سو ھُن کي ھڪ ڪمري ۾ قيد ڪري ڇڏيو ھئائون. ٻن مھينن ۽ ٻن ھفتن کان ھُن سچ جا ڪرڻا نہ ڏٺا ھئا صرف ھڪ اڌ ڀاتي ساڻس گھٽي احتياط ۽ نرميءَ سان پيش ايندو ھو پر ھُوءَ سمجھي تڏھن ئي وئي ھئي جڏھن ڪيس پائخاني ۾ نڍين نڍين ڏيڏرين مثل عجيب نڍڙا گُلر اچڻ لڳا ھئا جن جي ڪيڪٽن جي ڊيڄاريندڙ آوازن گھر جي سمورن فردن جي دل ۾ خوف جا ڪيئي روپ پيدا ڪري ڇڏيا ھئا.

ھُن کي وھم بہ ٿي پيو ھئو تہ:

ٻتالجڻ کان پوءِ زال پھرين ھُن کي ئي ڪائي سگھي ٿي. پر پوءِ بہ زال سان محبت ھجڻ ڪري ھُو ڪائنس جدا ٿي نہ سگھيو ۽ نہ ڪيس چوريءَ زھر ڏيئي ماري سگھڻ جو خيال سوچي سگھيو ھئو. ڪيس ماءُ جو چيل ھڪ جملو ياد ايندو ھو تہ: "ڇتو ڪتو بہ پنھنجا سڄاڻيندو آھي." ۽ پوءِ ھُو اِھو سوچيندو ھو تہ اگر جي سندس زال ٻتالجي بہ وئي تہ گھر وارن کي ضرور سڃاڻيندي ۽ پوءِ ھُو پاڻ تي اطمينان جي بارش وسندي محسوس ڪندو ھو ڪنھن ڪنھن پل ھُو سوچيندو ھو تہ ڪُتي ۽ انسان ۾ وڏو فرق آھي وري ٻئي پل خيال ايندو ھئس تہ ٻتاليل انسان ۽ ڇتي ڪُتي ۾ ڪوبہ فرق ناھي ھوندو.

تن ڏينھن بہ گھٽيون بارشون وسيون ھيون ۽ ھُو شھر ۾ اٽلندڙ گٽرن جو پاڻي نيڪال ڪرڻ ۾ لڳل ھوندو ھو، تہ ھڪ ڏينھن سندس زال جي مزاج ۾ تبديلي اچي ويئي، ھيڏان ھوڏانھن لوھون ڏيئي رھي ھئي. سندس وار کلي وکرجي ويا ھئا ۽ اکين ۾ رت لھي آيو ھئس، ڪنھن ڪنھن مھل سندس وات مان گَڦ بہ ڳڙي رھي ھئس تہ ڪنھن مھل ھوءَ معصوميت مان ايئن چوندي ھئي تہ:

" مان سيني کي سڃاڻان پئي، ڇتي ناھيان ٿي. اچو مون سان اچي ويھو، ڇو ڀلا سيڪو مون کان پري ٿي ويو آھي..!؟ مگر سندس ويجھي ڪو بہ نہ ويندو ھو ھُوءَ روئي ڏيندي ھئي ۽ پوءِ ڪيتري دير تائين اداس رھجي ويندي ھئي!"

سڀ کان پھرين ھن پاڻي پيئڻ ڇڏي ڏنو ۽ پوءِ ھر وقت پاڻي پيئڻ لاءِ صدائون ڪندي رھي ھئي، ايئن پئي لڳو جڻ ڪا مڇي ملاح کي واپس پاڻيءَ ۾ ڇڏڻ لاءِ

ليلائيندي هجي! هُن جي حالت نهايت خراب ٿيندي وئي هوءَ رکي رکي ڪمري ۾ ٻل ڪائيندي رهي جڻ موت سان وڙهي رهي هجي! ٻئي ڏينهن جي پرهه ڦٽيءَ کان سندس اهڙي خوفناڪ حالت هئي جو هر ماڻهو ڪائنس ڊڄي رهيو هو. سندس اهڙي حالت ڪي شام ٿي وئي هئي سندس اهڙي زندگي ڀيانڪ صورت اختيار ڪري گهر جي سڀني ڀاتين ڪي پريشان ڪري رهي هئي.

نيٺ هُنن پرجي آيل اڪيون اگهيون ۽ دل تي پٿر رکي ڇڏيو. سڀني محسوس ايئن ڪيو جڻ هُو هن ڪي نه پر پاڻ ڪي ماري رهيا هجن! ڪيس پڪڙي ڪٽ سان ٻڌائون ته هُن رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون! نه ماريو! نه ماريو! ڇتي ناهيان. . . . ڇتي ناهيان. . . . . مگر هنن پسيل سائو ڪپڙو سندس مٿان وجهي ڇڏيو.

اهي ڏهه ٻارنهن منٽ نه هئا اها هڪ مختصر قيامت هئي. جنهن سموري پاڙي ۾ خوف حيراٽ ڦهلائي ڇڏيو هو! گهر جا ٻار رڙيون ڪري رهيا هئا ايئن پئي لڳو جڻ سندن دليون خوف کان ڦاٽي پونديون ۽ عورتون روئي رهيون هيون مگر مرد هن ڪي مضبوطيءَ سان جهليو بيٺا هئا ۽ هوءَ مسلسل دانهون ڪندي رهي هئي، سسڪيون سسڪيون سندس وجود ٻڏجي ويو هو! ۽ آخر اهي سسڪيون به هڪ ماٺ ۾ بدلجي ويون هيون! موت جي ماٺ ۾ . . . .

## يوسف جميل لغاري



**سنڌ** علم ادب سان لڳاءُ رکندڙ يوسف جميل جو جنم 1 جنوري 1994 تي ڳوٺ حاجي محمد اسحاق لغاري ۾ جميل احمد لغاري جي گهر ۾ ٿيو، ادب سان سندس دلي لاڳاپو هجڻ سبب گذريل ڪجهه سالن کان وٽي مون ڏي مسلسل ايندو رهيو ۽ مون کان ادب جي معياري ڪتابن بابت پڇندو رهندو هو آءُ ڪيس وقت به وقت پنهنجي مطالعي جي آڌار تي ڪتاب ٻڌائيندو هيس ۽ اهڙي ريت هي ٻالڪ ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ لڳو. ڪتابن جي چونڊ مهل آءُ سندس مزاج کي سمجهندي عموماً کيس ڪهاڻين جي ڪتابن جا حوالا ڏيندو هيس ڇو ته کيس ڪهاڻيون تمام گهڻيون پسند هيون ۽ پاڻ به بنيادي طور تي هن مهل ڪهاڻيڪار طور سڃاتو وڃي ٿو، حالانڪ هن وقت کيس ڪهاڻي لکڻ کان علاوه مضمون نگاري، ڪالم نگاري ۽ نثري نظم لکڻ تي به سٺي دسترد حاصل آهي ليڪن اِن جي باوجود سندس شخصيت جي ادب جي دنيا ۾ بنيادي سڃاڻپ ڪهاڻيڪار جي آهي...!

يوسف باقاعده لکڻ جي شروعات 2016 کان ڪئي. سڀ کان پهريان طبع آزمائي به هن ڪهاڻي جي صنف تي ئي ڪئي، ڇو ته کيس ڪهاڻي لکڻ جو شوق ته شروع کان ئي هو وري مٿان ڪهاڻي جي صنف جو جهجو مطالعو هجڻ سبب سندس قلم جي نوڪ مان سڀ کان پهريان ڪهاڻي ئي جنم ورتو، هن وقت اسان جو هي ساٿي اسان سان گڏ ادب جي سيني گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو رهندو آهي...!

يوسف جميل لغاري جهڙوڪ هڪ ئي وقت ادب جي ڪافي صنفن تي لکي رهيو آهي ۽ کيس اخبارن، رسالن ۽ ادبي ميڙاڪن ۾ به سُٺي موٽ ملندي رهندي آهي. هن ڪهاڻين جي مجموعي کي پڙهندڙ حضرات ئي يوسف جميل جي ڪهاڻين کي پڙهي ڪري حتمي راءِ جوڙي سگهن ٿا...!

**مور خاصخيلي**

# ڦڪي چانهه

**ڊپارٽمنٽ** جي ڪينٽين ۾ ويهندي مون بيري کي پاڻي آڻڻ لاءِ چيو، بيرو جلدي ۾ پاڻي کڻي آيو نماڻي انداز ۾ چيائين،
" صاحب توهان جو چا آڊر آهي "
" هڪڙي ڦڪي چانهه " مون حجائتي انداز ۾ بيري کي پنهنجي لاءِ آڊر ڏنو،
" ۽ ميڊم لاءِ چا کڻي اچان؟"
" وڏيري پاڻ وٽي آ، جيڪو وٽيس آڊر ڏي " مان هُن ڏي نهاريندي بيري سان مخاطب ٿيس، منهنجي لاءِ هڪ ڪولڊ ڊرنڪ کڻي اچو، ڪاڻ هجي مگر هجي صفا يڪ ٿڌي..."
" ٺيڪ آ، بس اجهو کڻي آيس" بيري پنهنجي پيرن تي زور ڏنو. مان هن کي خاموشي سان تڪيندو رهيم. جيسين بيرو منهنجي ڦڪي چانهه ۽ هن جي ڪولڊ ڊرنڪ کڻي اچي تيسين مان پنهنجي من گهرئي محبوب جي مقدس چهري کي ڏسي ڪري دل کي تسڪين عطا ڪري رهيو هيس، هو سمجهي وئي ته مان خيالن جي سمنڊ ۾ غوطا کائي رهيو آهيان. مونکي واپس ڪناري تي آڻڻ لاءِ هن مونکان بي وقتو سوال ڪيو:
"تون ڦڪي چانهه ڇو پيئندو آهي، توکي ته شگر به ناهي پوءِ به ڦڪي چانهه ٿو پئين"
منهنجي سوچن جي سمنڊ جو ڇڙ پاڻ ٻندو کوليائين، مون چيو:
" ڦڪي چانهه پنهنجي اندر هڪ انفراديت رکي ٿي، معاشرو جن ماڻهن کي وڏو ماڻهو سمجهندي آهي اُهي صاحب عام طور تي ڦڪي چانهه پئيندا آهن، سڄي عمر رشوتن عيوض ٻين کان مڻائيون وٺي ڪري کائڻ سبب شگر جا مريض ٿيندڙ صاحب ڦڪي چانهه وڏي رعب ۽ تاب سان پئيندا اٿئي، مون کي ڦڪي چانهه پسند گهٽ آهي مگر جڏهن بيرو مونکي صاحب چئي ڪري مخاطب ٿيندو آهي ته پوءِ آءُ سوچيندو آهيان ته مان پاڻ کي صاحب ٿيڻ جي سزا هتي ئي ڏئي ڇڏيان، ان لاءِ پنهنجي پسند جي خلاف هن کي آڊر ڏئي آءُ پاڻ کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، مان ڪڏهن به اهڙو صاحب سڏائڻ جو قائل ناهيان جيڪو پنهنجي اسڪول جي پگهار کڻندي اتان گسائي ڪري ڪنهن سياسي ڪاموري جي چاپلوسي ۾ عمر گزاري صاحب سڏائي، يا ٻين جي روزي کسي ڪري پنهنجو پيٽ

پري، آءُ ڪڏهن به اهڙو صاحب ٿيڻ پسند نه ڪندم. جهڙا صاحب اسان جي معاشري ۾ آهن مان ڪڏهن به صاحب نه ٿيندس ڇو ته اجوڪن صاحبن جي صاحبي ۾ صداقت ناهي“.

آءُ ڳالهائيندي ڪجهه جذباتي ٿي ويو هيس اجا اڳتي ڳالهائڻ پئي چاهيم ته بيرو ڪولڊ ڊرنڪ ۽ چانهه ڪٽي آيو، هن جي سامهون ڪولڊ ڊرنڪ ۽ منهنجي سامهون چانهه رکندي چيائين:

“صاحب هي توهان جي چانهه، صفا ملائي اٽئو ملائي“

هوءَ ڪولڊ ڊرنڪ ڪٽي مونڌي نهاري مرڪي پئي...!

# سينٽرل لائيبرري

**هر** تعليمي توڙي تدرسي اداري جو ڪو نه ڪو اسپاٽ ڪنهن نه ڪنهن سبب جي ڪري گهڻو ساراهيو ويندو آهي اهڙي طرح شاه عبداللطيف يونيورسٽي جي سينٽرل لائيبرري جي بلڊنگ پنهنجي افاديت ۽ انفراديت جي ڪري پوري يونيورسٽي ۾ پنهنجو الڳ شناخت رکي ٿي، هن ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پڙهڻ گهٽ، هڪ ٻي سان ڪچهريون ڪندي گهڻا نظر ايندا آهن، منهنجو دوست طفيل، جيڪو مون کان هڪ سال سينئير ۽ ٻاٽني ڊپارٽمنٽ ۾ پڙهندو آهي، ٻاٽني ڊپارٽمنٽ ۾ ڇوڪرين جي گهڻائي هوندي ٻه هن مهل تائين ڪائي سانوري ٻه سيٽ ڪونه ڪري سگهيو آهي، سبب پڇڻ تي چوندو آهي ته منهنجي DNA ۾ شرافت خانداني طور سمايل آهي. ان جي ڪري ڇوڪريون منهنجي ويجهون ٻه نٿيون اچن” اها ٻي ڳالهه آ ته ڪيس اهي چڪربازيون اچن ئي ڪون جنهن سان ڪنهن ڇوڪري جي ويجهڙائپ حاصل ڪبي آهي، ٻه سال اڪيلائي ۾ گذاري گذاري نيٺ هن لاءِ صبر جي ٻه حد ٿي وئي، هڪ ڏينهن مونکي چيائين:

“يار ڪڏهن هلئو پاڻ سينٽرل لائيبرري”

مون حيرت مان پڇيو: “ چو خير ته آهي ڪتاب پڙهندين يا وٺندين!؟” مرڪي چيائين: “ ٻه سال ٿيا آهن مون کي ڪڏهن ڪو ڪتاب پنهنجي نالي اِشو ڪرائيندي ڏٺو اٿئي“ .

“ باقي ڇا جي لاءِ پاڻ هلئو“ مون تجسس مان ڪانس پڇيو.

“بس چڪر تي “

ڪياڙي ڪندي چيائين: “ جي چڪر ئي هڻڻو اٿئي ته پوري يونيورسٽي پئي آ، پيو چڪر هڻ، لائبرري هلڻ جي ڪهڙي ضرورت آ.”

مون دانشورانه انداز ۾ ڪيس سمجهايو، بنا ڪنهن خاص وجه جي مان پاڻ لائبرري وڃڻ کان ڪيٻائيندو هيم، سو بنا ڪنهن ڪم جي هن کي ٻه وڃي وڃڻ مناسب نه پئي سمجهيم، ليڪن ڪٿي ٿو سمجهي، سندس ذهن ۾ ڇٽڪ ٻنهه پريل هجي منهنجيون نصيحتون ڪيس فضول لڳي رهيون هون.

“ يار تون صرف ايترو ٻڌاءِ گڏ هلندين يا نه نصيحتون پوءِ ڪجان جلالي پير صاحب!“ همراه ڪاوڙ واري لهجي ۾ مونکان پڇيو.

مون ٻي جهجڪ تي ساٿس گڏ هلڻ لاءِحامي ڀري پنهنجي پراڻي دوستي جو ڀرم رکيو، اربع جي ڏينهنهن مونکي ميسيج ڪيو ته اڄ سينٽرل لائيبرري هلنداسين، مون ڪيس ريپلاءِ ۾ اوڪي لکيو، ڪلاسن کان فارغ ٿي ڪري مان سڌو ٻاٽني

ڊپارٽمينٽ جي ٻاهران وچي ڪيس ميسيج ڪيو، هي منٽ اڌ ۾ ٻاهر آيو ۽ اسان سينٽرل لائيبرري لاءِ روانا ٿياسين، اڄ طفيل گلاب وانگي ٻهڪي پيو ۽ خوش خوش نظر پئي آيو، مون سندس نيت پروڙي ورتي ته پڪ هي ڪنهن حسن جي ديوي جي درشن لاءِسينٽرل لائبرري هلي پيو نه ته هيترو ٻهڪي ڪو نه ها، اسان جڏهن سينٽرل لائبرري جي گيٽ وٽ پهتاسين ته اسان جي لائبرري ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ٻن ايپران پهريل حسن جي ديوين اسان کي ڪراس ڪيو، شايد هو ٻه ٻاٽني ڊپارٽمنٽ يا زولاجي ڊپارٽمنٽ ۾ پڙهنديون هيون. تڏهن ته کين وائيٽ ايپران اوڍيل هئا، مون ته ڏنو اڻ ڏنو ڪرڻ جي ايڪٽنگ ڪئي، مگر طفيل جو نظرون انهن ۾ ائين کپي ويون جڻڪ ڪي عيد جون چنڊ هجن، طفيل جي دل سيني مان نڪري چڪي هئي ۽ جي ٽري جي گولي جي رفتار ۾ سندن پويان پويان وچي رهي هئي، لائيبرري ۾ داخل ٿيندي ئي مون ۽ طفيل لائبرري جي ڪاٻي ڪنڊ وچي ورتي جنهن طرف ڪهاڻين ۽ ناولن جا ڪتاب رکيل آهن مان ڪبٽ ۾ رکيل ناول ڏسي رهيو هوس ۽ طفيل جون نظرون پوري لائبرري ۾ انهن ٻن پرسرار ديوين کي ڳولي رهيونهيون، اچانڪ طفيل آواز ڏنو :

"اچ ويهه يار هو ڏس هو سامهون اچن پيون"

مان سڌو اچي ويهي رهيم، الڙ ناريون، ٻغلن ۾ پرس، نازڪ اکين ۾ سن گلاسز پهريل، ڏسڻ ساڻ مان ٻه ٽورو موهجي پيس مگر جلد ئي پاڻ سنڀاليم، ڇو ته شڪارين وٽ شڪار ٿيڻ منهنجو دوست آيو هو نڪي مان، طفيل منهنجي ساڄي پاسي وينو هو ۽ سندن فيوچر جي ٿيڻ واري ٻي خبر محبوبا پنهنجي سهيلي ساڻ اسان جي ڪاٻي پاسي وچي ويٺي، منهنجو نظريو اڄ تائين اهو رهيو آهي ته يونيورسٽي ۾ جيڪا به ڇوڪري زير تعليم هوندي آهي اها ڪنهن نه ڪنهن جي نظر جي اجل جو شڪار ٿي ويندي آهي، سڌو ائين ته هر ڪنهن ڇوڪري جي پهريائين ئي ڪنهن نه ڪنهن سان افئير هلندڙ هوندو آهي سو بهتر آهي ته ڪنهن تي ٽرائي نه ڪجي، پنهنجو ۽ ان جو قيمتي وطن برباد نه ڪجي، ڪوئي پاڻ پرپوز ڪري ته پوءِ ڪٽي انڪار نه ڪجي باقي ڪنهن جي ڪباب ۾ هڏي نه ٿجي، منهنجو دوست ته مونکي ڪباب ۾ هڏي محسوس ٿي پيو ۽ سندس فيوچر جي محبوبا ته مونکي ڏاڍي ايڊوانس پئي لڳي مون کي لڳو پئي ته سندس پهريان ئي ڪو نه ڪو ٻواءِ فريڊ هوندو، منهنجي مجنون دوست طفيل جي دل سُن، چپ خشڪ ۽ اکيون ٽڪ ٻڌي ٻيهي رهيو، ڇوڪرين مان ته اصلي نظر ئي نه پيو ڪڍي.

" وٺئي ٿي چا ؟؟؟؟ مون ڪيس سوچن جي سمنڊ مان ٻاهر ڪڍيو، بي ساخته ٿي چيائين: " ها يار ڏاڍي"

" تہ پوءِ دير ڇا جي، بوڪ مان پنو ڪڍ ۽ لکيس تہ تون مونکي وڻين ٿي، " همراہ نہ ڪئي هم نہ ڪئي تم، مون کي گرو رنجنيش اوشو سمجهي منهنجي صلاح تي عمل ڪندي نوٽ بڪ مان پنو ڪڍيو ۽ سڌو لکيائين،

" آ لائيڪ يو يو آر سو بيوٽي فُل، واٽ از ان يوئر مائيڊ فار مي، پليز گيو مي اينسر ايٽ دس نمبر "

هينيان پنهنجو نمبر لکي پر جوش ۽ پر اميد ٿي ويٺو، ڪيس ڇوڪري بہ وڻي، سليڪٽ بہ ٿي وئي، لو ليٽر بہ لکجي ويو، هاڻ مسئلو اهو هو تہ اهو لو ليٽر ان تائين پهچائي ڪير، هو نسورو نئون ماڻهون، مون کي پنهنجو پيئو تہ مون کي نہ ڇئي سو ڏنا مانس ٽيڪر

"يار جڏهن عشق ڪيو آ ني پوءِ ڊڄيو ناهي، دلير ٿي وڃيو آ دلير، صفا دريا خان ۽ سمنڊ خان وانگي، نہ تہ پوءِ غزل ۽ مقالا پيو لکندي، همت ڪر اُٿ، وڃ لو ليٽر ڏيس، اصلي صفا نہ ڊڄ مان جو تونسان گڏ آهيان، بي عزتي ٿي تہ پنهن جي گڏ ٿيندي، ڏس مان تنهنجي لاءِ پنهنجي بي عزتي جي بہ پرواہ نہ ٿو ڪيان، همت ڪر اُٿ ڪنڌار"

همراہ صفا جيت جهاز وانگر تيار ٿي ويو، صرف منهنجي اشاري جي دير هئي ۽ هن جي اٿيڪ، ان کان پهريان جو هي سندن ويجهو وڃي ۽ ڪين ليٽر ڏي ڪهاڻي ۾ ڪلائميڪس اچي ويو، سکي جي پاسي پلٽو ڪاڏو... ۽ جسم پريل هلڪي قد سان پينٽ شرٽ پهريل ڇوڪرو اچي ساڻن گڏ ويٺو ۽ هو ڪچهري ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا،"

طفيل جي دنيا کي ريوس گئير لڳي وئي، ڪجھ ٽائيم اڳ ڏٺل سندس سپ مصنوعي خواب ڇڪنا چور ٿيڻ لڳا، سندس چهرو ڦڪو، نڙي خشڪ ۽ اکيون پاڻي سان ڀرجي آيون، سندس لو اسٽوري شروع ٿيڻ کان اڳ ئي ختم ٿي وئي.

# مس آڪسيجن

**تقريبن** اڍ ڪلاڪ کن ٿي چڪو هو، منهنجي زبان مان ٻڪ ٻه ٻاهر نہ پئي نڪتي، خاموشيون زبان تي هاوي ٿي چڪيون هيون، صرف منهنجو نہ بلڪہ سيما جو بہ ساڳيو حال هو، مسلسل چار سال گڏ پڙهڻ کان پوءِ اسان جي وچم تقريباً سيئي فاصلا گهٽجي چڪا هئا، اسان جي وچم ويجهڙائپ وڌي وئي هئي بلڪ ائين ڪٿي چئجي تہ ويجهڙائپ وڌي ڪري وڻ ٿي چڪي هئي، اسان هڪ ٻي سان زندگي جا انيڪ پل گڏ گذاريا، اسان ڪينٽين ۾ ڪئي دفعا هڪ بوتل ۾ ٻہ ٻہ ايسٽري وجهي ڪري ڪي ئي بوتلون پيتيون. اسان باز اوقات تہ چانهہ ۾ لوڻ وجهي ڪري بہ پئيندا هياسين تہ جئين هڪ ٻي سان نمڪ حرامي نہ ڪري سگهون، اسان ڪي هڪ ٻي کان سواءِ هڪ پل بہ گذارڻ مشڪل لڳندو هو، مون پيار وچان سندس نالو آڪسيجن رکيو هو ۽ موبائل ۾ بہ نمبر مس آڪسيجن جي نالي سان سئيو ڪيو هو. هڪ ڏينهن مون کان ميسيج تي پڇيائين تہ: " ٻڌ، اِهو تہ منهنجو نمبر ڪهڙي نالي سان سئيو ڪيو اٿئي"؟

مون ڪيس رپلاءِ ۾ صرف " آڪسيجن " لکيو،

حيران ٿيندي چيائين تہ " اهو بہ ڪو نالو آهي جيڪو تو مون تي رکيو آهي "

مون فلسفانہ انداز ۾ ڪيس سمجهائڻ شروع ڪيو:

" اڙي اوه چري! ڳالهہ کي سمجهہ، نالي کي نہ ڏس، نالي جي اندر جيڪو پيغام آهي، ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر، تون مون لاءِ بلڪل ائين آ، جئين جئيڻ لاءِ آڪسيجن... آڪسيجن کان سواءِ ڪو بہ جاندار زنده نہ ٿو رهي سگهي، تئين توکي تہ خبر آ، آءُ توکان سواءِ زنده نہ ٿو رهي سگهان، ان لاءِ هڪ رات، پنج ڪلاڪ ۽ پنجويهہ منٽن جي گهٽي غور و ويچار کان پوءِ مون تنهنجي لاءِ اهو نالو مناسب سمجهي ڪري چونڊيو آهي."

منهنجي سنجيدگي کي مدنظر رکندي سندس نازڪ لبن مان شايد زوردار ٺهڪ نڪتا، بي ساختہ ٿي ڪري کلڻ لڳي تڏهن تہ موبائل تي ايموجي جا سمائل موڪلي ڪري کن پل لاءِ خاموش ٿي وئي،

ڪجهہ لمحن کان پوءِ سندس ميسيج آيو " تون پاڳل آهي صفا پاڳل، ايترو پاڳل جيترو مون سوچيو بہ ڪونہ هو."

مان مٺي مرڪ مرڪي خاموش ٿي پيس، اهڙي نموني اسان ٻنهي جي وچم ڪافي قرب واريون ڪچهريون ٿينديونهيون، اڪثر ميسيجن تي ۽ آمهون سامهون باقي ڪڏهن ڪڏهن ڪال تي، ڪال تي ته تڏهن جڏهن سڪ لڳي ڪري انتها واري درجي تي وڃي پهچندي هئي، رات گهٽجڻ بدران وڌڻ لڳندي هئي ۽ ننڊ نيڻ مان رسڻ جا رمز ڪندي هئي ته پوءِ ڪن پل لاءِ هڪ ٻي سان ڪال تي ڳالهائي دل کي تسڪين عطا ڪري وٺندا هياسين، اهڙي نموني وقت گذرندو رهيو ۽ اسان هڪ ٻي سان وفا جا وچن، محبت جا مناس پريا لفظ ڳالهائڻ ٻولهائڻ لڳاسين، پهريون سال هڪ ٻي جي اُڪير ۾ گذاري سين، ٻيو سال هڪ ٻي کي سمجهڻ ۾ ، ٽيون سال هڪ ٻي سان قرب جون ڪچهريون ڪندي ۽ آخري سال هڪ ٻي کان جدا ٿيڻ جي غم ۾ مبتلا ٿي ڪري، اڄ اسان جو آخري پيپر هو، صرف آخري پيپر نه هو بلڪ يونيورسٽي کي الوداع ڪرڻ جو به آخري ڏينهن هو، اڄ هو اداس هئي مان به ڪنهن قدر اداس هيس، جئين پيپر ختم ٿيو ته مون امتحاني حال جي ٻاهرانهن جو انتظار ڪيو، ڪجھ منٽن ڪان پوءِ هُو به پيپر مڪمل ڪري امتحاني حال کان ٻاهر آئي، اچڻ شرط مونکي چيائين " اجوڪو ڏينهن انتهائي ڳنڀير آهي، هر پل هر سيڪنڊ جي گذرڻ جو احساس شدت سان ٿئي پيو، ڪاش !! وقت جي وهڪري جا واڳ پنهنجي هٿن ۾ هجن ها، وقت کي روڪي رکو ها، يقين ئي نه پيو اچي ته اڄ چار سال مڪمل ٿيڻ تي آهن،"

منهنجي خاموشي کي جهٽڪو طوفان وڪوڙيو پئي ويو، مون ڪيس چيو" اڄ ته لطيف جي نگري جو هڪ آخري چڪر هڻو، وري گڏ گهمڻ جو شرف حاصل ٿئي الائي نه "

فيڪلٽي جي بلڊنگ ڪان نڪري ڪري، اسپورٽس ڪامپليڪس جي اڳيان گذرندي اسين بي بي اي جي بلڊنگ وٽان ٿيندي، ڪيميسٽري ڊپارٽمنٽ، مئٿ ڊپارٽمنٽ، فزڪس، باٽني ۽ فارميسي ڊپارٽمنٽ ڪان ٿيندي سڌو ايس ايس سي تي وڃي چانهه جي چسڪي وٺڻ لاءِويناسين، هر ڊپارٽمنٽ ڪان گذرندي مون ائين پئي محسوس ڪيو جهٽڪ هر ديوار، هر وڻ، هر ڪرسي، هر ٽيبل اسان کي آخري ساعتن ۾ گڏ ڏسي اسان وانگر ان مونجهاري جو شڪار هيا ته گهٽي ڪن پل ۾ هنن جو ساٿ سلامت ناهي رهڻو، مون ائين پئي محسوس ڪيو جهٽڪ پوري يونيورسٽي اسان سان ٿيڻ واري وارتا ڪان اڳ واٺ واقف آهي، هر نظر تجسس ۽ رشڪ مان اسان ڏي نهاري پئي.

ايس ايس سي ۾ چانهه پي ڪري سڌو اسين محبتن جي گلستان هربيريم ۾ اچي ويناسين، جتي چئو طرف رڳو ساوڪ ئي ساوڪ هئي، هڪ هو هربيريم جيڪو سڄو سارو سائو، ٻيو هيو اسان جو من جيڪو وڃي پيو سُڪندو، الاءِ ڇو لفظ مون ڪان رُسڻ

لڳا، مون ۾ همت باقي نہ رهي جو مان سيما سان وڇوڙي جي عنوان تي ڪي لفظ ڳالهائي سگهان، مون پنهنجي پاڻ کي تقدير جي اڳيان بلڪل ڪمزور محسوس ڪيو، بلڪل ايترو ڪمزور جيترو ڪِوَلي پاڻ کي هاٿي جي اڳيان ڪمزور محسوس ڪندو آهي، مون ڇاتو پئي تہ هاڻ هو ڪجھ ساعتون مون سان گڏ آهي پر پوءِ بہ دل اها ڳالھ مڃڻ لاءِ تيار ئي نہ هئي تہ اسين جدا بہ ٿيڻا آهيون.

## مرڻينگ ٽيبل محبت

اڄ هو انتهائي پريشاني واري عالم ۾ پنهنجي ٽيبل تي اُها پين ڳولي رهيو هو جيڪا ورهين اڳ ان پنهنجي ٽيبل تي رکي هئي، ها اُها پين، جنهن پين سانهو پنهنجي محبوب جي لال لبڙن جي تعريف لکندو هو، ها اُها پين جنهن پين سان پنهنجي محبوب جي ادائن ۽ وفائن تي گيت ۽ غزل لکندو هو، ها اُها پين جنهن پين سان ورهين اڳ سندس وڇڙڻ جي ڪن پل اڳم ڪيس ان پين سان آخري خط لکندي هن اِهو قسم کنيو هُو ته هَنهتن ۾ وري اَن پين کي نه ڪٽندو، پر الاءِ ڇو اڄ پنهنجي اصولن ۽ ضابطن توڙي قسمن جو ڀرم نه رکندي هُو وري ان پين کي تلاش ڪري رهيو هو، سندس اکيون ايڪسري مشين بڻجي ٽيبل جي اردگرد توڙي سندس سيني پاسن کان ان پين کي تلاشي رهيون هيون، سندس ٻانهون ڪرين مشين بڻجي ٽيبل تي پيل سامان کي هيڏي هوڏي ڪري رهيون هيون.

سندس پيشاني مان پگهر بارش بڻجي برسي رهي هئي ۽ سندس دل زور زور سان دڙڪي رهي هئي، پين کي ڳوليندي ڳوليندي سندس نظر ٽيبل جي ڪنڊ ۾ پيل هڪ چاٻي تي پوي ٿي، چاٻي تي نظر پوندي ئي سندس ذهن ۾ هڪ گمان پيدا ٿي ٿو ته شايد پين لاڪر ۾ هجي، چاٻي کڻي ڪري وڃي سڌو لاڪر کي کولي ٿو، هت پين بجاءِ ڪيس سندس پراڻي ورهين اڳ جي لکيل ڊائري هٿ اچي ٿي، ڊائري کي ڏسندي ئي سندس ذهن مان پين جي کوجنا وارو خيال پرواز ڪري وڃي ٿو ۽ هُو ڊائري کي هٿ ۾ کڻي پنهنجي درهم ڀرم ٽيل ٽيبل جي پر ۾ اچي ڪري ڪرسي تي ويهي ٿو سندس صفحا کولڻ لڳي ٿو، هر صفحو سندس محبوب جي پيار ۾ اقرار کان وٺي ڪري انڪار جي داستانن سان ڀري پئي هجي ٿي، محبت ۾ جتي خمار، سرور ۽ راحت آهي اتي ئي وري ان سان گڏوگڏ وصال جون گهڙيون، حجر جون راتيون ۽ اڪيلائي جا جي جهوريندڙ لمحا به آهن، اهو قطعي ممڪن نه آهي ته هر ڪنهن فرد کي محبت راس اچي، ڪٽي خوشين جا بهار هوندا آهن ته وري ڪٽي محبت ۾ خزا جي موسم به هوندي آهي.

هر انسان زندگي جي ڪنهن نہ ڪنهن حسين پل ۾ محبت جي خوشبو سان آشڪار ضرور ٿيندو آهي پوءِ اُها محبت جي سڳند ڪنهن جي من ۾ وڌي وڻ ٿيندي آهي تہ وري ڪٿي ڪنهن دل ۾ ان محبت جي ٻج خزا جي تيز هوائن ۾ پنهنجو سلو بہ پيدا نہ ڪري سگهندي آهي، هُو ڊائري جا صفحا بہ صفحا ورائيندو وجي ٿو، پنهنجي محبت جي سڳند ڪي محسوس ڪندي سندس روح راحت محسوس ڪرڻ لڳي ٿي، ڊائري ۾ لکيل محبوب جي لفظن کي ائين گمان ڪري ٿو جهڙوڪ هُو سامهون ويٺي هن سان مخاطب هجي، ڊائري پڙهي ڪري سندس من رتوڇاڻ ٿي پوي ٿو، سندس اکين مان بي موسمي بارش برسي پوي ٿي، سندس اکيون ڳوڙهن بجاءِ رت هاڙا ٿي پون ٿا ۽ هُو ڊائري کي ڀاڪر ۾ ڀري پنهنجي اکين کي آلوپ ٽيڻ ڏي ٿو جيڪي وري ورهين تائين کلڻ کان عاجز ٿي وڃن ٿيون.

## يقين جي سگهه

**منهنجو** هڪڙو صفا ويجهو دوست هڪ شام جو مون سان گڏيو، هوٽل تي ويناسين چانهه پيئڻ جي موڊ سان، ڪچهري ڪرڻ لڳاسين، مختلف موضوع بحث هيٺ آيا، ڪي خيال آيا ڪي ويا، آخر ڪچهري جي سينٽرل آئيڊيا تي آيو ۽ چوڻ لڳو " يار گهڻن ڏينهن کان خواهش هيم ته توکان هڪ مسئلي جو حل پڇان.

مون بي جهجهڪ ٿي ڪري وراڻيو " حڪم ڪر سهڻا.

چوڻ لڳو " يار مون سان هڪ اهم مسئلو آهي، اُهو آهي پڙهائي جو، هر ڏينهن ڪلاس ۾ وڃان ٿو، پڙهان ۾ ٿو مگر پوءِ ۾ نتيجا سبجيڪٽن جي حوالي سان يا وري عموماً مطمئن ڪندڙ نٿا اچن، هاڻ ڏس ته ڇا ڪريان، سچ ته ان مسئلي مون کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي، وري مٿان والدين جون اميدون ته اسان جو مور پٽ سٺن نمبرن سان پاس ٿيندو.

سندس مسئلو ٻڌي ڪري ڪي گهڙيون ته منهنجو دماغ ئي ٿڌو ٿي ويو مون ائين محسوس ڪيو ڄڻڪ ڪنهن فقير ڪنهن ڪنجوس ڪي سخي سمجهندي ڪانس خيرات گهري هجي ۽ وري ان هڪ وڏي صدا ۾ هئي هجي ۽ اها صدا وري اهڙي نوعيت جي هجي جو اهو ڪنجوس ان صدا جو پوراءِ ۾ نه ڪري سگهي، مان ڪي پل خاموش ٿي ويس، سوچڻ لڳس ته جنهن هيڏي پنهنجائپ ۽ يقين سان پنهنجو مسئلو ٻڌايو آهي، ان ڪي غلط گائيڊ ۾ نٿو ڪري سگهجي، ائين مناسب ۾ نه هو ۽ ائين ڪرڻو ۾ نه هو اڃم ائين ڪيو ۾ نه هو.

هاڻ مسئلو، مسئلو نه رهيو هو ڇو ته ان ڪي بيان ڪرڻ ڪانپوءِ منهنجي دوست جي جان وئي هئي ڇُٽي، اڙجي ويو هيس مان، هاڻ اهو مسئلو منهنجو مسئلو ٿي پيو هو ڇو ته مون ڪي سندس حل ڪڍڻو هو، سندس انداز بيان ۾ مون اهو محسوس ڪيو ته هُو واقعي ان ڳالهه ڪي سوچي ڪري فڪر مند آهي.

ڪڏهن ڪڏهن ٿڌي دماغ مان ۾ ڪي گرم ۽ تازا خيال نڪري يا اُپري پوندا آهن، مون سان ۾ ائين ئي ٿيو، ڪيس دلجاءِ ڏيڻ لاءِ مون وٽ ڪي خيال ڪوچ ڪري پهتا، مان سندس روز مره جي زندگي توڙي سندس مشغولين کان ڪنهن قدر واقف هيس، دانشورانه انداز ۾ ڪيس سندس مسئلي جو حل ٻڌائڻ لڳس.

“ سھڻا ھاڻ ڳالھ ٻڌ، اھو تون وارو مسئلو صرف تونسان نہ پر سنڌ جي انيڪ شاگردن سان ھوندو، تون وانگر ڪافي شاگردن کي اھو گُمان ھوندو تہ ھو پڙھي رھيا آھن يا ھو دل و جان سان محنت ڪري رھيا آھن، پر ائين ھوندو ناھي اھو صرف سندن گُمان ھوندو آھي، ۽ ھا ٻي ڳالھ اسان جون عادتون اسان جي زندگي ۾ اسان جي ڪاميابين ۽ ناڪامين جو تعين ڪن ٿيون اوھان جنھن قسم جي عادتون اپنائيندو اڳتي ھلي ڪري اوھان کي ان جي حوالي سان ڪاميابيون ملنديون منھنجي ڳالھ کي ڪٽيندي چوڻ لڳو:

“ ايتري ڳالھ تہ مون بہ سمجھي، مگر ھاڻ مون کي ڇا ڪرڻ کپي ؟؟؟ “ اھو ٻڌاءِ مون ڳالھ کي جاري و ساري ڪندي چيو:

“ ادا منھنجي حساب سان ھاڻ تونکي ائين ڪرڻ کپي تہ تون پنھنجيون ڪجھ عادتون مٽائي، تون ڪڏھن بہ غلطي سان لائبيرري نہ ويو آھي مون کي ذاتي خبر آ، تون ھر روز شام جو گھٽ ۾ گھٽ ھڪ ڪلاڪ لائيبرري ۾ گذار، اُتي پنھنجي ڪورس سان لاڳاپيل ڪتاب پڙھ، وري ان سان گڏوگڏ ذھن کي تر و تازه ڪرڻ لاءِ سنڌي ادب توڙي دنيا جي مختلف ادبن جا ڪتاب پڙھ، جئين تنھنجو ذھن لفظن جي جوڙجڪ ۽ بناوت توڙي مقصد کان چڱي ريت واقف ٿي سگھي، ھت سچو ڪيل لفظن جو آھي، ھڪڙا لفظ محبت جي اظھار جي علامت بڻجي ڪري دلين کي ڳنڍين ٿا تہ وري ان جي برعڪس ڪي لفظ نفرت جي علامت بڻجي ڪري دلين کي ٽوڙين ٿا”

جئين “آلو يو “ ۽ “آھيٽ يو “ جا الفاظ.

۽ ٻي ڳالھ تہ رات جو گھڻو نہ جاڳ، سڪون جي ننڊ ڪندو ڪر تہ جئين تنھنجو جسم تر و تازه رھي ۽ تنھنجو دماغ ڪنھن شئي کي پنھنجي اندر محفوظ ڪرڻ جو موڊ ٺاھي سگھي، ان سان گڏو گڏ کي راند روند بہ ڪندو ڪر، راندين جي ڪيڏڻ سان يا وري موبائل ۾ گيمن جي ڪيڏڻ سان دماغ جي سوچڻ جي صلاحيت ۾ اضافو ٿيندو آھي ۽ دماغ چُست ٿيڻ لڳندو آھي.

ھمراه کي ڳالھيون دل سان لڳيون ۽ شايد وڻيون بہ تڏھن تہ انھن تي جلد عمل ڪرڻ جو واعدو ڪري ويھي رھيو، ڪي گھڙيون اُتي ويٺا رھياسين، ھمراه جي چھري تي شائستگي جا گل وڪريل نظر اچن پيا، اڄ سندس من جي مونجھ لھي چڪي ھئي ڪيس سندس مسئلي جو حل ملي چڪو ھو، مان اھو سوچي رھيو ھيس تہ ڇا واقعي ئي سچي ۾ منھنجي لباڙن ۽ حوالن تي عمل ڪندو يا صرف ھتي ھا ۾ ھائوڪار ڪري پوءِ جوڳي نہ ڪنھن جا مٽ واري چوٽي کي سچو ثابت ڪندو، برحال وري بہ سچي وارتا وقت جي حوالي ڪري اسان اُتان اٿاسين ۽ ھڪ ٻي کان موڪلائي گھر پيڙو ٿياسين.

تمام گهڻي عرصي کان پوءِ هُو مون سان مليو، خوش خوش، ڪلندو ڪڏندو مون وٽ آيو، ڪيسي مان پنهنجي مارڪ شيٽ ڪڍي ڪري مون کي ڏيکاريائين، اعتبار نہ ٿي آيو تہ واقعي ئي هُن پنهنجي عمل سان اهو ڪري ڏيکاريو جيڪو ڪيس ڪرڻ گهربو هو، هُن فور جي پي ائي مان هر هڪ سبجيڪٽ ۾ فور جي پي ائي حاصل ڪئي هئي يعني اي گريڊ، مارڪ شيٽ ڏيکاريندي مون کي چيائين " ادا مونهي مارڪ شيٽ پنهنجي گهر جي ڪنهن ڀاتي کي بہ اجا ناهي ڏيکاري، سڀني کان پهريان اها خوشي اوهان سان ونڊڻ آيو آهيان، ڇو تہ اوهان ان جا حقدار آهيون، اوهان مون کي هڪ اهڙي راه جو ڏس ڏنو جيڪو علم، عقل ۽ فهم هوندي بہ مون کي نظر نہ پئي آيو.

# طالب علي پنيرو



طالب علي پنيرو جو ادبي نالو طالب پنيرو آهي، سندس پيدائش 20 جنوري 1963ع عبدالستار پنيرو جي گهر ۾ ٿي. اصل ڳوٺ ماڙي تعلق لکي ضلع شڪارپور آهي. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان، مئٽرڪ هاءِ اسڪول شڪارپور مان، بي اي ۽ ايم اي حيدرآباد مان پاس ڪيائين. پيشي جي لحاظ کان پاڻ سيڪورٽي انچارج هاءِ ڪورٽ بئچ حيدرآباد ۾ سرڪاري ملازم آهن.

سگهڙ طور ادبي سڃاڻپ رکندڙ طالب پنيرو چئن زبانن جا شاعر، سگهڙ، نعت خوان، قاري، مضمون نويس ۽ ڪهاڻيڪار جي طور پڻ شهرت رکي ٿو. ۽ ان سان گڏو گڏ ڪيترائي سفر نام پڻ مختلف مخزنن ۾ ڇپجي چڪا آهن. اڄ به لکڻ سان چاهه رکندڙ طالب پنيرو احساس مئگزين، ڪينجهر، هزار داستان ۽ ٻين اهڙن ادبي رسالن ۾ وقت به وقت ڇپجندا رهندا آهن.

ايوارڊن جي حوالي سان آصف منياڻوي ايوارڊ، يعقوب زڪريا ايوارڊ، سنڌ آنرس ايوارڊ، محمد قمبراڻي ايوارڊ، عزمِ پاڪستان ايوارڊ ملي چڪا آهن. گڏيل شاعري جي آيل ڪتابن ۾ ڪڇهري جا مور، اڏاٽيون ڏور پئي آڙيون، شاعري ڳالهائي ٿي، سيوهڻ جي سرڪار، ننڍ جا نيڻ شامل آهن. مختلف بزمن ۾ پڻ باقاعدگي سان شرڪت ڪندا آهن. جن ۾ بزمِ روح رهاڻ، بزمِ فروغِ ادب، بزم شمع ادب، بزمِ معمار ادب، ڊاڪٽر عزيز سگهڙ تنظيم، ۽ ان سان گڏ سنڌي ادبي سنگت شاخ حيدرآباد ۽ ڪوٽڙي شامل آهن. سندس رهائش قاسم آباد ۾ آهي.

ڪالم ڪھاڻي

# وطن ڪان بي وطن !

**مسٽر** يانگ لو ڏڪڻ ويٽنام جي مشهور ليڊرن مان هڪ هو. جنهن ويٽنام کي آزاد ڪرائڻ ۽ جمهوري ملڪ بنائڻ جي جدوجهد ڪئي هئي. هي سائيگون شهر جي چوٽي جي مشهور سياسي جماعت ڊيموڪريٽ سائيگون جو صدر ﺑﻪ رهي چڪو هيو ۽ ڪميونسٽن جي سڀ ڪان وڌن مخالفن ۾ شامل هو. هن آمريڪي فوج جي واپسي ڪان ﺑﻪ هڪ هفتو بعد ۾ پنهنجي ديس جي ڌرتي امڙ کي خيرباد چئي ڀڄي نڪتو، ڇو جو ڪميونسٽن سڄي علائقي تي قبضو ڪري ورتو هو.

مسٽر يانگ لو 17 جولائي 1975ع جي رات 8 بجہ سائيگون شهر ڪان ٻاهر پنهنجي خاندان سان گڏ لانچ ۾ وينو ۽ نامعلوم هند ڏانهن جان بچائي ڀڄي نڪتو هو. هن جو پيءُ ۽ ماءُ ضعيف العمر هئا. هن پنهنجي اولاد کي الوداع چئي واپس پنهنجي شهر سائيگون ويا. مسٽريانگ لو پنهنجي ضعيف العمر والدين سان موڪلائڻ ويو. شايد هن جي پنهنجي ابي امان سان هي آخري ملاقات هئي، انڪري مسٽريانگ لو ابي امان سان ڀاڪر پائي جڏهن موڪلائڻ لڳو ﺗﻪ ان وقت پٿر دل انسان ﺑﻪ روئي ڏنو. مري ويل انسان لاءِ انسان هڪ دفعو روئندو آهي ۽ پنهنجي ديس ، وطن ڪان جدا ٿي وڃڻ ، جيجل امڙ ۽ پياري پوڙهي والدين ڪان جيئري جدا ٿي وڃڻ واري اولاد لاءِ ابو امڙ تاحيات جيسين جيئرا هوندا آهن، روئندا آهن. مسٽريانگ لو کي پنهنجي ابي امڙ ڀاڪر ۾ جهلي واري واري سان هن جي پيشاني چمندا رهيا. هنن جي اکين مان لڙڪ جاري هئا. مسٽر يانگ لو جا والدين هڪ ڏينهن پنهنجي والدين جي موت تي رُنا هئا. اڄ هو پنهنجي لختِ جگر جي جدا ٿيڻ تي روئي رهيا هئا. مسٽر يانگ لو جي هڪ پاءُ اتر ويٽنام ۾ رهندو هو. هن جي ڪميونسٽن سان دوستي هئي. انڪري هن ڪميونسٽن جي رُڪنيت جو ڪارڊ ٺهرائي پاڻ کي بچائڻ ۾ ڪامياب ويو.

مسٽر يانگ لو جي مون سان ملاقات هڪ ويٽنامي دوست ڪرائي هئي. ڇو جو مان ويٽنام جي قومي ڏينهن جي تقريب ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويل هيس. ان بعد مسٽر يانگ لو کي مون فرمائش ڪئي ﺗﻪ مان توهان جي درد جو داستان لکڻ ٿو چاهيان. جنهن تي مسٽر يانگ لو ٻي ڏينهن پارٽي بلڊنگ ۾ مون کي دعوت ڏني. جڏهن ٻي ڏينهن 11 بجہ پارٽي بلڊنگ پهتس ﺗﻪ ان وقت مسٽر يانگ لو منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. مان هن کي پارٽي بلڊنگ جي گيٽ تي ڏسي حيران رهجي ويس. هن جا

ٽيئي ڀار اسڪول ويا ھئا ۽ ھن جي زال سمنڊ ۾ ٻيڙي جو سفر ڪندي ٻڪ ۾ گولين جي لڳڻ جي ڪري فوت ٿي وئي ھئي. ھوءَ فلپائن ملڪ جي پرسان مري وئي ھئي. مسٽر يانگ لوڪان ڪيل سوال ۾ ان جا جواب ھڪ نہ وسرندڙ داستان آھي.

ڪميونسٽ ڪافي وقت کان ويتنام سان ڪمبوڊيا ۾ لائوس ڪي ھڙپ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ھئا. اھڙي طرح ھنن جون نگاھون ڪوريا تي بہ ھيون. ان کان علاوہ ھنن جون ڏکڻ ايشيا رياستن تي بہ نظرون ھيون . ان سلسلي ۾ انڊونيشيا ۾ ڪميونسٽن جي جدوجھد ڪي سامھون رکندي جڏھن صدر سوئيگارنو ڪي تابع ڪري ملڪ ڪي ڪنٽرول ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ھئي، مگر ھتان جي فوجي جرنيل جي حڪمت عملي سان معاملو ٽري ويو. روسين جون ڪوششون ھيون تہ ويتنام ۾ چيني حڪومت جو اثر رسوخ نہ ھجي. چين جي انقلاب ڪري روسين ڪي خطرو ٿي ويو ھيو تہ ھي ننڍا ننڍا ملڪ چين جا ساٿاري بڻجي ويندا. ان جو سبب ھي ھيو تہ ويتنام ،ڪمبوڊيا، لائوس، ڪوريا، روس کان وڌيڪ چيني معاشري جي ويجھو آھن. رسم و رواج ، رھڻي ڪھڻي بہ چيني خطي سان ملي ٿي. روسي يورپين سواءِ مسلمان رياستن کان جن جو رھڻ ڪرڻ جو طريقو پنھنجو آھي. مان ڪجھ عرصو پھريان روس ويو ھوس ۽ ڪاروبار جي سلسلي ۾ اڪثر ڪري ڪيترن ملڪن جو دورو ڪندو رھيو آھيان. مون ڪي ڪميونسٽ ملڪن کان نفرت ھئي. انڪري دراصل مان جيڪو بہ اتي ماحول ، حالات ڏٺا اھي ڪافي خوف ڏياريندڙ، ظالمانہ، نفرت ڏياريندڙ معاشري جي تصوير آھن. جتي حيوانن جو دور آھي. مان 1953 ۾ ڪميونسٽن جي خلاف باقاعدہ جدوجھد تحريڪ شروع ڪئي. ڏکڻ ويتنام تي گھڻو اڳ فرانس جي بہ حڪمراني ھئي ۽ مان فرانس جي حڪومت سان تعاون ڪيو، انڪري تہ ان حڪومت جي ھيٺ ڪري غلام تہ ضرور ھئا سي پر انھن جي غلامي ڪميونسٽن جي آزادي کان بھتر چڱي ھئي. مگر روسي حڪومت رشوت، لالچ ڏئي ڪري ويتنام جي گھڻن ماڻھن ڪي مير جعفر مير "صادق" بڻائي ڇڏيو ۽ فرانسيسي حڪومت خلاف تحريڪ شروع ڪرائي پر 1954 ۾ فرانسيسي حڪومت ويتنام ڪي ٻن حصن ۾ ورھايو. ھڪ حصو جمھوريت جو علمبردار سڏايو ۽ ٻي حصي ڪي ۾ ڪميونسٽن جي حامين، ساٿارين پنھنجا اثر قائم ڪيا. روسين ڪميونسٽن گوريلا جنگ لاءِ تيار ڪيو. اھي ماڻھو روسي حڪومت جا پگھاردار ملازم ٿي ويا جو غير ڪميونسٽن ماڻھن ڪي بيگناھ چوندي چوندي قتل ڪندا ھئا ۽ ماڻھن ڪي ماري لاش روڊن تي اڇلائيندا ھئا تہ جيئن ڪير بہ ڪميونسٽن جي مخالف جي جرئت بہ نہ ڪري. آمريڪي حڪومت ڪي اسان امداد جي مدد جي اپيل ڪئي سين، پڪاريوسين پر ڪو بہ ڪڙ تيل نہ نڪتو.ديس جو عوام ٻن سُپر طاقتن جي اشاري تي قتلِ عام ٿيندو رھيو.

سوال: توهان جي خيال ۾ فرانسيسي حڪومت ۽ موجوده ڪميونسٽ حڪومت ۾ ڇا فرق آهي؟

جواب: فرانسيسي حڪومت اسان جي علائقي تي حڪومت ڪئي. اسان هنن جي مخالفت ڪئي سين. اسان جيلن ۾ رهياسين. مگر انهن اسان سان ايترو ظلم نه ڪيو، ڪاڏي پيتي جون شيون ٿوري مقدار ۾ به ضرور ملنديو ن هيون. اسان پيٽ جو دوزخ جيل ۾ پريندا هئاسين. اهي ماڻهو جمهوري اقتدار جا مالڪ هئا. اهي انسانيت جو احترام ڪندا هئا. صرف اسان اتي ڪنهن نوآبادي نظام کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هئاسين مگر بدقسمتي تہ اسان اتي هڪ نئي نوآبادي سامراج وري قبضو ڪيو. اڄ اتي ظلم ستم هلي رهيو آهي. ويٽنام ۾ اڄ نالي جي حڪمراني جنتا عياشي ڪري رهي آهي يا روسي حڪومت جا اعلي عهديدار راڄ ڪري رهيا آهن. اڄ ويٽنام روسين جي لاءِ سياست جو اڏو بڻجي چڪو آهي. جتي روسين جو هرشيءَ تي قبضو آهي. اهي دولت کان عورت تائين هر شيءَ جو مطالبو ڪري سگهن ٿا ۽ ڪنهن جي جرئت ناهي جو انهن جي سامهون ڏاڍيان ڳالهائي. ڪميونسٽ ٻڌڻ ۾ تہ سُنو آهي مگر عملي طرح انهن ماڻهن جو نظريو ۽ اخلاق جي باري ۾ گهٽو واقف ناهن. ۽ جن جو ڪم قتل و غارت آهي. اهائي ڳالهہ آهي تہ روسي جتي بہ وڃن ٿا اتان واپس اچڻ جو نالو نٿا وٺن ان ڪري تہ نہ انهن کي پنهنجي ماڻهن جي موت جو غرض آهي ۽ نہ هو ٻين جي قتل غارت تي گهٻرائن ٿا.

سوال: توهان جي والدين جو حشر ڇا ٿيو؟

جواب: منهنجا ماءُ پيءُ ايترا مشهور نہ هئا مگر مون کي سائيگون ۾ سڀ ماڻهو سڃاڻندا هئا. جڏهن فلپائن پهتس تہ مون پاءُ ڏي ڪيمپ مان خط لکيو جنهن مون کي جواب ۾ اطلاع ڪيو تہ منهنجو 80 سالن جو پيءُ ۽ پوڙهي ماءُ کي ڪميونسٽن ظالمن وڏا عذاب ڏئي مارائي ڇڏيو. هنن ضعيف العمر منهنجي والدين کي بيدردي سان مارايو ويو. منهنجو پاءُ ان واقعي کان پوءِ بہ ڪميونسٽن سان رهيو. جڇڻ هن جو ضمير مري چڪو هو. ان بعد سال اڳ منهنجي وڏي پاءُ کي بہ ان ڪميونسٽن معاف نہ ڪيو هن کي بہ قتل ڪيو ويو. منهنجي وڏي پاءُ کي انڪري قتل ڪيو ويو جو هنن کي خبر پئجي وئي تہ هي مسٽر يانگ لو جو پاءُ آهي. انڪري هن کي بہ گوليون هڻي ماريو ويو ان بعد منهنجي ويجهن عزيزن، مائٽن، دوستن کي بہ خاندانن سميت ڳولهي ڳولهي ماريندا رهيا. ويٽنام ۾ مقامي حڪومت آهي. ائين افغانستان جي بہ مقامي حڪومت آهي. انهن کي بہ روپيا ڏين ٿا جڏهن هو مقصد ۾ ڪامياب ٿين ٿا تہ روسي ڪو ٻيو ليڊر تيار ڪن ٿا ۽ ان کي هر وقت خوف ڏيارين ٿا. انڪري اتان جو عوام قيدي بڻجي غلام بڻجي ٿا رهن. روسين جي مخالفن جو اتي رهڻ بہ مشڪل آه سواءِ موت جي . روس ڪميونسٽ جا سچي دنيا ۾ حڪمران رهن

ٿا ۽ روس انهن سيني جو سربراهہ آهي. پنهنجي وطن سان هر ڪنهن کي پيار آهي، هر ڪنهن جي محبت هوندي آهي. مون کي هتي هر سهولت آهي. هتي منهنجو ڪاروبار آهي. مون کي جيڪو پنهنجي وطن ديس جي ڌرتي تي سڪون ملندو هيو اهو هتي نہ ٿو ملي سگهي. مون کي آمريڪي دوست بہ چيو هيو تہ مان آمريڪا وڃي اتي رهان ۽ اتي هميشہ لاءِ رهان.

سوال: توهان وطن ڪان ڪهڙي طريقي پڇي نڪتا ، تفصيل ٻڌايو؟

جواب: مان ٽن ٻارن ۽ زال سميت لڪل هوس مون کي عزيز مائٽ اطلاع ڏيندا هئا. جڏهن آمريڪا جا فوجي جٿا روانا ٿي ويا ان ڏينهن ئي ڪميونسٽن اسان جي شهر تي قبضو ڪري ورتو. اسان جي شهر کي لٽيو ويو ، ڦريو ويو ۽ ڪميونسٽ نعره هڻندا اڳتي وڌيا. اسان جي شهر جي هڪ ليڊر کي ان جي گهر ۾ ئي گولين جي بک بڻايو ويو ۽ ان جي نوجوان ڌي کي روسي فوجي وارن ڪان جهلي گهليندا ، ٽنگو ٽالي ڪندا وٺي وڃي رهيا هئا. هوءَ خوف وچان رڙيون ڪندي رهي ليڪن هنن ظالمن کي رحم نہ آيو. ان وقت مان جلدي جلدي پڇي پنهنجي ملڪ ۽ شهر جي سامونڊي ڪناري تي پهتس، جتي ٿوري دير ۾ منهنجا پوڙها ماءُ پيءُ مون کي منهنجي خاندان کي الوداع چوڻ سمنڊ جي ڪناري آيا. منهنجي والده منهنجي جدائي جي ڏک ۾ ايترو لاچار ۽ اداس هئي جو جڏهن مان هن کان موڪلايو تہ ان وقت هو صرف روئيندي رهي ۽ هڪ لفظ بہ ڳالهائي نہ سگهي. هن جي اکين ۾ ڳوڙها ۽ ڳلي مان هڏڪيون اچي رهيو هيون. جيڪي منهنجي دل کي تڙپائي رهيو ن هيون، ۽ ان وقت منهنجي اکين مان لڙڪ وهي هليا. ڪاش مون وٽ وڏو ٻيڙو هجي ها جنهن ۾ گهر جا سڀ ڀاتي سڄو خاندان ويهي سلامتي سان نڪري وڃون ها پر وقت ٿورو هيو ۽ لانچ ننڍي هئي جنهن ۾ صرف پنج ماڻهو ويهي ئي سگهيا. منهنجو والد بزرگ ڳلي سان لاتو ۽ سڏڪا ڏيڻ لڳو ان وقت عجيب منظر هيو. جڏهن اسان سمنڊ جي ڪناري بيٺل لانچ ۾ سوار ٿياسين. منهنجي زال تي ٻار ۽ مان سڀ سڏڪن ۾ پئجي وياسين. ڪناري تي بيٺل ابو امڙ الوداع چوڻ لڳا. شل خداتعالي ڪنهن انسان کي وطن ڪان بي وطن نہ ڪري.

پنهنجي ابن ڏاڏن جو ديس ڌرتي ماتا کي ڇڏي هميشہ جدا ٿي وڃڻ هڪ قيامت جو منظر هو. اجان ٿورو وقت موڪلائڻ ۾ گذريو تہ گولين جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو اهو ٻڌي هڪدم پنهنجي جيجل ماءُ ۽ پوڙهي بابا سائين کي ڇڏي زال ۽ ٽن ٻارن سميت لانچ ۾ ويهي هلڻ جي تياري ڪئي. لانچ ڪناري کي ڇڏي هلڻ لڳي. ان وقت منهنجو پاليل ڪتو منهنجي بابي سائين ۽ جيجل امان سان گڏ بيٺو هو. جڏهن ٻاءِ ٻاءِ ڪري اسان هلڻ لڳاسين تہ ڪناري تي بيٺل ڪتو بہ روئڻ لڳو هو پنهنجي زبان سان منهن آسمان طرف ڪري رڙيون روڄ راڙو ڪرڻ لڳو. ۽ مون ڏٺو تہ

ڪتي جي اڪين مان ٻہ ڳوڙھا وھي ھليا ۽ اسان لانچ اڳتي وڌي سو فوٽ جي فاصلي تي پھتي تہ ان وقت ڪتي ٻہ سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو ۽ اسان جي لانچ طرف ترڻ لڳو. افسوس جو اسان جي لانچ ۾ ڪافي سامان ھو ۽ وزن ھيو ان ڪري اسان ڪتي کي ٻہ نہ کڻي سگھياسين. ۽ اسان جي لانچ تيزي سان ھلندي رھي جڏھن منھنجو ذھن ان پاليل وفادار ڪتي تي آيو تہ مون کي ايترو افسوس ۽ ڏک ٿيو تہ ڪتو بہ گھٽ ۾ گھٽ پنھنجي مالڪ لاءِ پيار رکي ٿو ۽ ڪتو پنھنجي جان ڏيڻ لاءِ بہ تيار آھي پر ھي ڪميونسٽ ڪتن کان بہ بدتر آھن. نوجوان بيگناھ ڇوڪرين جون عزتون لٽن ٿا. غريبن کي بيگناھ مارن ٿا. ھي ظالم انسان دھشت گرد خدا ڄاڻي ڪيسيتائين انسانيت جا دشمن رھندا. اسان جو سفر جاري رھيو اسان سمنڊ اندر ڏينھن جي وقت مڇي پڪڙي لانچ اندر پچائي کائيندا ھئاسين ڇو جو اسان رڌ پچاءُ جو سامان لانچ ۾ گڏ کنيو ھيو. ھاڻي اسان وٽان تيل بہ ختم ٿي ويو مھينو سڄو سمنڊ ۾ رھياسين اسان جي جسماني صحت خراب ٿيڻ لڳي ۽ مٿان سمنڊ ۾ تيز ھوائن حملو ڪرڻ شروع ڪيو. منھنجي زال ڪافي گھڻو بيمار ٿيڻ لڳي. ھن کي اھو فکر ھيو تہ تيل ختم ٿي ويو اسان جي لانچ ھاڻي سمنڊ جي بي رحم ڇولين جي حوالي آھي.

جڏھن ڪا بي رحم خوني ڇولي آئي تہ اسان جو سڄو خاندان ھڪ سيڪنڊ ۾ ختم ٿي ويندو ۽ لانچ غرق ٿي ويندي. ٻيو تہ منھنجي گھرواري جا ماءُ پيءُ ، ڀاءُ ڀيڻ مطلب تہ سڄو خاندان ڪميونسٽن گولين ھڻي ختم ڪري ڇڏيو ھيو. پنھنجي خاندان مان صرف ھوءَ اڪيلي زنده ھئي. ھن کي ڏک ۽ غم کائي رھيو ھو. ھوءَ ڪڏھن ڪڏھن پار ڪري پنھنجن ڀاتين جا نالا وٺي روئيندي رھي پر مان ھن کي آٿت ڏيڻ لڳس ۽ صبر ڪرڻ جو سبق ڏيندو رھيس ۽ گھر واري کي چوندو رھيس تہ ھوءَ الله تعالي کان دعا گھري تہ اسان خير سلامتي سان ڪنھن منزل تي رسون. اسان پرديسي وطن کان بي وطن ٿي نڪتا ھئاسين. چوندا آھن جتي ٻاھ ٻري اھا جاءِ سڙي. اسان دردن جا دکايل سورن جا ستايل پنھنجي پيارن کان وڇڙي دلين ۾ درد فراق جا صدما کڻي نڪتا ھئاسين. پر ان جي باوجود جڏھن مان روئيندو ھوس يا گھبرائيندو ھوس تہ زال آٿت ڏيندي ھئي جڏھن گھر واري گھبرائيندي روئيندي ھئي تہ ان کي مان آٿت ڏيندو ھو . ھڪٻئي کي سھارو ڏيندا رھياسين ۽ ھمت نہ ھاري سين. ھاڻي اھڙو وقت بہ آيو جو رڌ پچاءُ جو سامان بہ ختم ٿي ويو. مان ڪچي مڇي پڪڙي گھرواري ۽ ٻارن کي کارائڻ لڳس. اسان انسانن جي وستي کان پري سمنڊ جي رحم و ڪرم تي ھئاسين. اسان کي موت سان مقابلو ڪرڻو ھيو. منھنجي ننڍڙي نينگري ھمت ھاري ويئي ان کي بہ پنھنجا عزيز مٽ مائٽ گھر گھاٽ ۽ ننڍڙيون معصوم سھيليون ياد اچڻ لڳيون ھيون.

اها معصوم نينگري منهنجي گوڏن تي ليٽيل هئي ۽ مان هن ڪي مٿي تي هٿ گهمائي رهيو هوس هوءَ چوڻ لڳي "بابا اسان پنهنجي ديس ڏرتي ماتا تي مرون هان، پنهنجي وطن تي مرون ها ته ڪيترو نه سٺو هو. گهٽ ۾ گهٽ عزيز، مٽ مائٽ، سهيليون اسان جو جنازو ته پنهنجي هٿن سان ڪڻن هان ۽ دفن ڪن ها. بابا سمنڊ جو موت تمام مون کي خوفناڪ ٿو لڳي."

اهو ڏسي مان پنهنجي معصوم ڌي کي جواب ڏنو "پٽ هو ظالم آهن هڪ مهل نٽا مارين پر عذاب ڏئي مارين ٿا. انڪري ڌي اسان ڪنهن آزاد سر زمين تي مرنداسين همت نه هاريو اهو سمنڊ ۾ 35 ڏينهن هيو. ٿوري دير کان پوءِ ڪميونسٽن فوجين جي هڪ لانچ اسان ڏي ايندڙ نظر آئي. هنن ظالمن کان پري کان فائرنگ کولي ڏني. اسان سڀ لانچ اندر نوڙي جهڪي وياسين ان هوندي به فائرنگ تيز هئي. هڪ گولي منهنجي زال جي مٿي ۾ لڳي اجان ظالم اسان ڏي ويجهو اچي گهيرو ڪري هڪ هڪ ڪري قتل ڪن ها ۽ سامان به ڦري وجن ها پر قسمت سان الله تعالي اسان جي فرياد ٻڌي ٿوري دير ۾ انڊونيشيا جو بحري جهاز سامهون اچي رهيو هيو. ان ڪي اسان جي ويجهو ايندي ڏسي ظالمن ڪميونسٽ فوجين پنهنجي لانچ جو رخ هڪدم واپس ٻي پاسي ڦيرايو ۽ تيز رفتار ڪري ڀڄي ويا. اسان جي جسم ۾ ڪجھ ساهه پيو عين ان وقت انڊونيشيا جو بحري جهاز اسان جي ويجهو آيو. هنن اسان جي حال کي ڏسي هڪدم پنهنجي وڏي بحري جهاز ۾ پناهه ڏني. منهنجي زال ڪافي زخمي حالت ۾ هئي ڇو جو گولي دماغ مان آرپار ٿي وئي هئي. ان ڪري رت به ڪافي وهي چڪو هو. هوءَ چند منٽن جي مهمان هئي. منهنجا معصوم ٽئي ٻار پنهنجي ماءُ کي ڀاڪر ۾ جهلي روئي رهيا هئا. ان وقت زال مون کي پنهنجي معصوم ننڍڙن ٻارن جي پارت ڪرڻ لڳي منهنجي معصوم ٻارڙن کي اڪيلو نه ڇڏجان انهن جو هر طرح جو خيال رکجانءِ. هاڻي مان توهان کان جدا ٿي اهڙي سفر تي وڃي رهي آهيان. جتان ڪو به انسان اڄ تائين واپس ڪونه آيو آهي.

ايتري ۾ انڊونيشيا جي بحري جهاز ملڪ فلپائن جي بندرگاهه تي اسان کي لاٿو. مان پنهنجي زال کي ڀاڪر ۾ جهلي بحري جهاز کان هيٺ لاٿو ٻار به گڏ لهي آيا. اسان بندرگاهه ڇڏي ڪڇي طرف ڪجھ وڻن جي ڇانو طرف مان زال کي جهلي ڪٺي هليس. انسان جي آبادي سامهون نظر اچي رهي هئي مون کي زال چيو ته هيٺ لاهه مان هن کي هيٺ لاٿو. هوءَ زمين تي سڌي ٿي ليٽي پئي ۽ ننڍن معصوم ٻارن کي اشارو ڏئي هڪ ئي وقت ٽنهي معصوم ٻارن کي پنهنجن ٻانهن ۾ ورائي چميون ڏنيون ۽ هنن جي مٿي جي وارن تي شفقت جا هٿ ڦيرايا ان وقت معصوم ٻار سڏڪا ڏيندي روئيندا رهيا ان وقت مان ٿورو دل جهلي زال کي چيو : "تون

گهٻراءِ نہ ، شهر ساموهن آهي، ڪنهن اسپتال ۾ ڏيکاريندا سين مگر منهنجي زال چيو يانگ اسپتال ڪونہ پهچي سگهنداسين هاڻي منهنجي موڪلاڻي آهي. مون کي هاڻي ڏک ڪونہ ٿيندو تہ پنهنجي ئي وطن پنهنجي ئي ڌرتي تي غلامن جي زندگي گذارڻ کان بهتر آهي تہ ڪنهن آزاد ملڪ ۾ مرجي. هاڻي اسان آزاد آهيون. اهو ٻڌي مون آخري پساهہ کڻندڙ زال کي چيو: پياري اسان آزاد اجان نہ ٿيا آهيون. اجان اسان غلام سرزمين تي آهيون. جتي مارڪوس جي حڪومت آهي. ايتري ۾ منهنجي زال هميشہ لاءِ موڪلائي وئي. ان بعد مان چيو : اي پياري! اجان ڪجهہ انتظار تہ ڪرين ها پر وڃڻ وارا ڪٿي ٿا انتظار ڪن. مان ٿوري پنڌ زال ج لاش کڻي هلندو رهيس پويان معصوم ٻار روئندا سڏڪندا رهيا. ويجهو واري جي دڙي پرسان هٿن سان زمين کوٽي پنهنجي زال کي ساڳين ڪپڙن ۾ دفن ڪيو. مٿان واري سان پوري ڇڏيو . قبر مڪمل ڪري روئندا قبر کان موڪلائي معصوم ٻار وٺي اڳتي هليس هاڻي ان وقت مون کي والدين مٽن مائٽن ۽ وري زال جي تازي غم کوکلو ڪري ڇڏيو جڻ پاڻ کي زنده لاش سمجهڻ لڳس. ان کان پوءِ آمريڪا آيس ۽ ڪليفورنيا ۾ آباد ٿيس ۽ مون کي ڪنهن ٻي جدو جهد ڪرڻ جي همت نہ رهي. پوءِ ڪينيڊا رهڻ جو پروگرام ٺاهيو هن وقت تائين ايترين مصيبتون سهي نہ ٿو سگهان مگر معصوم ٻارن جون ذميواريون آهن.

غمن، ڏکن قتل عام دهشتگردي منهنجي دل کي کوکلو ڪري ڇڏيو آهي. ۽ اسان کي ظالمن پنهنجي ئي ملڪ پنهنجي ئي ديس ۽ ڌرتي ماتا تي زنده رهڻ جو حق بہ نہ ڏنو. سچ چوندا آهن تہ جيڪو پنهنجي ڌرتي ماتا جي حفاظت نہ ٿو ڪري ۽ ڌارين جي حوالي ٿو ڪري تہ خود پنهنجي ڌرتي فرياد ڪندي آهي ۽ پوءِ خود ڌرتي ڏٽي وطن کان بي وطن ٿيو وڃي.

ڪالم ڪھاڻي

# انسانيت ۾ احساس

**18 اپريل 2018** جي تاريخ ٻپهري جي نماز پڙهي آءُ گلشن مهراڻ فيز ون قاسم آباد کان نڪري شيدي ڳوٺ وڃڻ لڳس تہ جهانيہ هوٽل جي سامهون پارڪ تي رش لڳي پئي هئي. مون سمجهو شايد ڪڪڙن جي ميل آهي اٺن سالن جي ڄمار کان 60 سالن جي عمر جا ماڻهو چپ چاپ چئني طرف هجوم جي صورت ۾ بيٺل نظر آيا. خبر ناهي تہ هي کهڙو تماشو ڏسي رهيا هئا. آءُ بجاءِ شيدي ڳوٺ وڃڻ جي ان ميڙ طرف هلي پيس هڪ ماڻهو ٻڌايو تہ جهڳڙو ٿيو آهي مان تيز تيز ڊوڙي وڃي اتي ڏٺو. پنجاهہ سٺ ماڻهو پر جڻ هنن کي نانگ سنگهيو هجي. جو هو چُرن پرن يا هاءِ گهوڙا ڪن يا ٻن وڙهندڙن کي ڇڏائن. جڏهن مون ڏٺو هيٺ ڪريل نوجوان زندگي جا آخري پساهہ ڪٽي رهيو هو ۽ مٿيون نوجوان هيٺ ڪريل نوجوان جي ڳچي ساهہ واري رڳ کي ٻنهي هٿن سان دٻائي هن جي آخري هڏڪي جو انتظار ڪري رهيو هو. اهي سڀ ماڻهو تماشبين بڻجي اهو منظر ٿڇ موبائل تي رڪارڊ ڪري رهيا هئا.

بس مون کان برداشت نہ ٿيو نوجوان ڪير بہ هجن آخر انسان آهن هنن جا پيءُ ماءُ بہ هوندا. ائين بي دردي سان سرِعام انسان جو خون مون کان ڏٺو نہ ٿيو مون ميڙ ۾ بيٺل هڪ ڊاڪٽر ۽ هڪ پيش امام مسجد کي بہ ڏٺو ۽ لکيل پڙهيل ماڻهو نوجوان نظر آيا مون هڪدم مٿان ويٺل نوجوان کي قميص کان جهلي ڇڪي مٿي ڪيو ۽ تماشبين ماڻهن کي چيو اوهان ايترا بي شرم بي حيا آهيو جيڪڏهن اوهان جو پٽ پاءُ سرِعام قتل ٿيندي ڏسي سگهو ها ان بعد سڀن ماڻهن منهنجي الفاظن جي اثر ڪري هڪدم منهنجو ساٿ ڏنو هيٺ ساڻو ٿي ويل نوجوان وڏا وڏا ساهہ کنيا ۽ سرت ۾ آيو جنهن ٻڌايو تہ مان بچاءُ بند قاسم آباد جو آهيان قتل ڪندڙ نوجوان پارڪ پرسان مين روڊ تي هن جي موٽرسائيڪل بيٺل نظر آئي هن ٻڌايو تہ ماريندڙ شخص ڪجھ مهينا اڳ ۾ صدر ڪراچي ۾ بہ قاتلانہ حملو ڪيو هو پر اتي ٻين ماڻهن وچ ۾ پئي مون کي بچايو هو مون نوجوان کي جان بچائڻ جو چيو ۽ پاڻ سان گڏ هلڻ جو چيو پر هن صاف انڪار ڪيو ۽ ائين چئي ڏنو تہ هو پلي مون کي قتل ڪري ڇڏي هن جي ضد ۾ گهل جي ڪري ساڳيو نوجوان سامهون جهانيہ هوٽل پرسان زيرِ تعميراتي بلڊنگ هيٺيان پنج فوٽ ڊگهو بانس جو ڏنڊو ڪٽي پهچي ويو وري ساڳي ويٺل نوجوان مٿان ڏنڊن جو وسڪارو لائي ڏنو. جنهن ڪري هن جي هڪ

ٻانهن پڃي پئي، ٽنگن ۽ پيشاني مان رت وهڻ لڳو وري مان مداخلت ڪري زخمي نوجوان کي ڇڏايو. حملہ آور کي پنهنجي موٽر سائيڪل تي ويهاري روانو ڪيو، جيڪو پسٽل ڪڻي ويو. ايتري ۾ زخمي نوجوان پاڻ کي موت جي منهن ۾ ڏيڻ تي رضامند هو تہ هو پلي ماري ڇڏي هتان نہ اٿندس اها حالت ڏسي مون گهران موٽر سائيڪل ڪٽي آيس زخمي نوجوان کي موٽر سائيڪل تي ويهاري بچاءُ بند قاسم آباد پهچايو جتي هن نوجوان جا ڄاڻ سڃاڻ وارا موجود هئا ۽ مون نوجوان جي زندگي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿيس.

مان اڄ بہ ان واقعي کي نظر ۾ رکي جڏهن سوچيندو آهيان تہ هڪ نوجوان کي آخر قتل ڇو ٿي ڪرڻ چاهيو ۽ قاسم آباد جو نوجوان پنهنجو پاڻ کي موت جي منهن ۾ ڇو ٿي وجهڻ چاهيو ۽ اڄ واري جديد دور ۾ تعليم يافتہ ماحول ۾ اهي نوجوان جانيون بچائڻ بجاءِ وڙهندڙ نوجوانن جي موت جو منظر رڪارڊ ڪري سڄي دنيا ۾ ڏيکارن ها. (مون کي نبي ڪريم صلي الله وآلہ وسلم جو اهو فرمان تہ "هڪ انسان جي جان بچائڻ پوري انسانيت جي جان بچائڻ ۽ هڪ انسان کي موت جي منهن ۾ ڌڪڻ پوري انسانيت کي موت ڏيڻ برابر آهي" ۽ هڪ ٻيو قول مولا ڪائنات حضرت علي مرتضي جو آهي تہ: "ڪو زمانو ايندو انسان تہ گهڻا هوندا پر انسانيت ۽ احساس ڪنهن ڪنهن ماڻهو وٽ باقي هوندو".

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي گولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)

